

صوفي سونهون

حضرت نصير محمد صاحب فقير صوفي القادري

جن جي

حياتي ۽ هدايت

Digitization by: Faqeer Tariq Hayat Lashari, Sukkur (2018)

ڇپائيندڙ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون

مارچ 2009-3-26

Digitization by: Faqeer Tariq Hayat Lashari, Sukkur
(2018)

فهرست

نمبر	مضمون	صفحو
	پهريون ڀاڱو	
1	اوائلي احوال	11
2	مرشد سان ميلو	16
3	ڪامل مرشد	23
4	جهد جفائون ۽ وقت جي ٻين فقيرن سان ميليو	28
5	رهڻي ۽ ڪهڻي	33
6	آخرين سفر	50
7	فقير صاحبن جا چيل ڪلام	57
8	سجاده نشين	59
9	فقيرن صاحبن جو اولاد	60
10	فقير صاحبن جا خاص صحبتي ۽ خدمتگار	63
	ٻيون ڀاڱو	
11	فقير صاحبن جا طالبن ڏي لکايل خط	71
	ٽيون ڀاڱو	
12	فقير صاحبن جي ٽيپ ٽيل رهاڻ	215

ٻه اکر عرض

اسان جي ستگرن سڳورن سائين نصير صاحب جيڪا نصيحت هدايت پنهنجن طالبن سان ڪئي، تنهنجو انت ئي ڪونهي. سرڳواسي ڊاڪٽر روچلداس صاحب، جي ٻه سنڌن صحبت ۾ گهڻو آيا، وَر وَر ڪري فرمائيندا هئا ته بندو هند سنڌ گهميو آهي، ڪيترائي فقير ۽ درويش ڏٺا اٿئون پر جهڙي هدايت فقير صاحبن پنهنجن طالبن سان ڪئي آهي. اهڙي بندي ڪي نه سجهي. مالڪن پنهنجي حياتيءَ جا گهڻ ۾ گهٽ سٺ سال روزانو رهاڻ ڪئي. رهاڻ ۽ خطن پٽن ذريعي جيڪا وڏ ٽُڪ ڪيائون سا ڏاڍي قربائتي. بعض اک ٻه ڏيکاريندا هئا، جو فرمائيندا هئا ته ڪڏهن دعا جي نظر ته ڪڏهن ڏنڊي جي پچاڙ ٻه ڪجي نه ته طالب بيخوفو ٿي پوندو. ڪئين لکل لعل جن وٽانئن فيض حاصل ڪيو سي گهڻي ڀاڪي لنگهي ويا. تازو پر سال اسان جي سنگت جي پياري دادا پرنسپال نارائڻ داس بوتانيءَ ٻه وڃي بقا وارو ملڪ وسايو. باقي جيڪي آهيون سي ٻه سنڌن توهه تي پيا ٽا تڳون.

سائينجن ڊسمبر 1960ع ۾ جهان ڇڏيو. تنهن کان اڳيئي سنڌن فرزندن پئي آگاهه ڪيو ته مالڪن جا سڀ خط پاڻ وٽ درج ڪري رکو. پر اسان زماني ۾ مست، ڌيان ئي نه ڏنوسين. چڱو ياد اٿم ته صاحب ڪريم حاجي عبدالستار شاهه صاحب، اڳيان سجاده نشين درگاهه جهوڪ شريف ٻه وَر وَر ڏيئي هدايت ڪندا هئا ته آبا

نصير اٿو اڪسير، سو سندن رهاڻ باقاعده اڪر ٻه اکر لکندا وڃو، جو ڪنهن وقت انهيءَ ٻوليءَ کي سگهندا، پر جيئن پنائي صاحب فرمايو آهي تہ:

"مون پائيو مون وٽ هميشه هوندا پرين"

اسان ٻہ غفلت ۾ اڪ نہ پٽي ۽ وقت هٿ مان وهي ويو. پاڻ وڃي لامڪان ٿيا، پوءِ ڪجهہ هوش جاءِ آيو. گذريل يارهان ئي سال سندن خط ۽ رهاڻ پڙهي پنهنجي دل کي ڏڍ ڏنوسين. ڏاڍي پڇا پيئي تہ ڪڏهن تا سائينجن جو ڪتاب ڇپايو. نيٺ ياءُ سيرو مل کي ڪراچيءَ لکي موڪليوسين. جنهن فقير صاحب جي وڏي فرزند موجوده گادي نشين سائين لطف علي صاحب کان اجازت وٺي سائينجن جي حياتيءَ جو وڌيڪ احوال آٿي اسان کي ڏنو. مٿان حضرت حاجي محمد وارث صاحب درگاهہ جهوڪ شريف تان ٻہ تکڙو تاڪيد ڪيو تہ فقير صاحب درگاهہ وٽان ڪنو ڪيل خزانو جلد ئي سنگت سان ونڊيو. خوش قسمتيءَ سان سندن ٿوري ٽيپ ٿيل رهاڻ ٻہ ملي ۽ سنگت گڏجي ڪم شروع ڪيو.

فقير صاحب جو بيان ۽ سندن هدايتون صحيح نموني پيش ڪرڻ تہ ڪنهن ڪاهوڙي مرد جو ڪم آهي. مون ۾ سنڌي ٻولي تہ ڇڏيو پر لکڻ جي لياقت تنهان ئي گهٽ وَر وَر ڪري پنهنجي دل ۾ عرض ڪيو مانس تہ قبلا پنهنجو ننگ پالي اچي پنهنجي ڪم کي پاڻ رسجو، جو:

"نہ مين لعل نہ لڇڻ ڪوئي، نہ مين ڪران ڪمائي،

پر تيڏي راڄ قران البيلي وتان ٻانهن لوڙائي"

پاڻ ڪرم ڪري جيڪا همٿ ۽ سمجھہ بخشيائون ان پٽاندر جيڪي ڪجھہ موجو آهي سو ڪتابي صورت ۾ آندو اٿئون. سندن انهيءَ مهربانيءَ جو قدر بجاءِ آڻڻ ڏانءُ نٿو اچيم، رڳو ايترو چوندس تہ اُهي بہ سندن لڪ لائق. ديوان هافظ اولياءَ صاحب تہ فرمائي ٿو تہ:

خطا ڪردم، غلط گفتم، بها ڪردن ندانستم،

برائي يڪ نظر دلبر، ببخشم هردو عالم را.

ترجمون: چي خطا ڪيم، غلط چيم، بها ڪري نہ جاتم، دلبر جي هڪ نگاهہ تان هوند ٻئي جهان گهوري ڇڏيان.

ڪتاب عربيءَ سنڌيءَ ۾ آهي جو اسان وڏيءَ عمر وارن کي هندي اچيئي ڪانہ. اُميد اٿم تہ دير مدار ڪو ننڍيءَ ٿهيءَ وارو سندن طالب، سندن ئي مهربانيءَ سان هي ڪتاب ديوناگريءَ لپيءَ ۾ ڇپائي، اُها گهر بہ پوري ڪندو.

ڪتاب ۾ جيڪي ڪلام ۽ بيت ڏنل آهن سي ائين درج ٿيل آهن جيئن سائينجن پاڻ چوندا هئا. گهڻو ڪري سڄو ڪلام يا بيت بہ ڪين چوندا هئا. رڳو اُهي سٽون چوندا هئا جن مان مطلب سڌ ٿي اچي ۽ سندن هدايت سان ٺهڪي اچن. تنهن ڪري اسان انهن ۾ ڦيرگهير ڪرڻ مناسب نہ سمجهي. ڪلامن ۽ بيتن جا ڪي ٿورا اکر رسالن کان ڦريل آهن پر معنيٰ ۾ وري بہ فرق نظر نہ ايندو. پڙهندڙ تنهن ڪري ڪميا ڪندا.

جن قربدارن، خاص طور پروفيسر ڪلياڻ آڏوائيءَ ۽ سنڌ ونگر مان ياءُ تيجارام درويش، دل وجان سان هن ڪم ۾ مدد جو

هٿ ڏگهيريو آهي، تن جو احسانمند آهيان!

پڇاڙيءَ ۾ اُها دُعا ٿو گهران تہ شل ڪتاب ۾ درج ٿيل هدايتون، پڙهندڙن جي پاند يئڙن لاءِ روشن منار ٿي ڪين روحاني راهہ ۾ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪن:

"ٻالڪ آهين، پرين ٻالڪيءَ پانهنجي"

بمبئي، **11 اپريل 1972ع**

روپو ڪرپالاڻي

✪✪



حضرت نصير محمد صاحب فقير صوفي القادري

فقير نصير محمد صاحبن جو روضو شريف

صوفي سونهون

"SUFI SUHON"

Printed by
R.K. PRINTERS
Campbell Road, Off. Burns Road, Karachi.
Ph: 021-2213381-82, E-mail: rkprinterspk@gmail.com

پهريون ڀاڱو

فقير صاحبن ۽ سندن مرشدن جو احوال

اوائلي احوال

حضرت فقير نصير محمد صاحب صوفي القادري ذات جا جلالائي بلوچ هئا. سندن ڳوٺ جلالائي شريف خيرپور رياست سنڌ ۾ راڻيپور اسٽيشن کان 17 ميل اوڀر طرف آهي. پاڻ سڄي زندگي، ننڍپڻ کان وٺي آخر تائين اُتي گذاريائون.

سندن جنم جي ڪا به پڪي تاريخ ڪانه ٿي ملي سگهي. پاڻ فرمائيندا هئا ته انگريزن جي ڪوٽيتا فتح ڪرڻ جي اسان کي سانير آهي. ائين به چوندا هئا ته ٻچو سائين صادق شاهه صاحب جڏهن هي جهان ڇڏيو، تڏهن مان اجان ننڍو ٻار هوس. (سائين صادق شاهه بادشاهه سن 1845ع ۾ وفات ڪئي). فقير صاحب تاريخ 16 ڊسمبر 1960ع جمع ڏينهن ڪراچيءَ ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. انهيءَ حساب سان، وقت سندن عمر تقريباً سوا سؤ سال ڇٽبي.

سندن والد صاحب جو نالو رئيس سلطان خان هو ۽ ڏاڏي جو نالو رئيس نواب خان هو. پاڻ اجان ننڍا ٻار هئا جو سندن والد صاحب جهان ڇڏيو. تنهن ڪري سندن نيپاج پنهنجي ماءُ جي سعيي هيٺ ٿيو. ڪين ٿي ڀائر هئا، جن مان رئيس غازي خان سڀني کان وڏو هو. جنهن سال 1948ع ۾ اٽڪل 120 ورهين جي عمر ۾ جهان ڇڏيو. رئيس غازي خان کان پوءِ رئيس امام بخش خان هو، جنهن گهڻو اڳ جهان ڇڏيو. سندن ننڍو ڀاءُ رئيس وزير خان ڏاڍو خوش مزاج ۽ پورڙو هوندو هو. جنهن سال 1952ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. فقير صاحب اڪثر ساڻس چرچا ڪندا هئا. ٽئي ڀائر، وڏو توڙي ننڍو، فقير صاحب جو

ادب ڪندا هئا ۽ طبيعت جي لڪائيءَ چڱائيءَ وقت ڏسبو هو تہ ڪانئن جهاز وجهائڻ ۽ دعا گهرڻ لاءِ ايندا هئا.

فقير صاحب، صاحبن ڪريمن حضرت عبدالستار شاهہ صاحب اول درگاهہ جهوڪ شريف جي سجاده نشين جا وڏا خليفا هئا. سندن سڀ پائر بہ درگاهہ جهوڪ شريف جا مريد هئا ۽ خدائي خيال سان رهندا هئا. فقير صاحبن جا وڏا پڻ پشت بہ پشت درگاهہ جهوڪ شريف جا (جنهن کي حضرت ميرانپور بہ چوندا آهن) مريد هئا ۽ منجهائن ڪيترا فيضياب ٿي گذريا آهن. سائين مراد فقير جلالاڻي درگاهہ جهوڪ شريف جي صاحبن ڪريمن سائين سلام الله شاهہ صاحبن جا طالب هئا. سائين سلام الله شاهہ صاحبن کي عام طور ٽڙ ڏٺي سائين ڪري چوندا آهن، جو هو صاحب ننڍپڻ ۾ ئي زماني کي ترڪ ڪري، جهوڪ شريف ڇڏي، رياست خيرپور جي گنگ ٽر ۾ ورهين جا ورهين وڃي رهيا. هي صاحب، صوفين جي سرتاج حضرت شاهہ شهيد بادشاهہ، نالي سائين شاهہ عنايت الله جن جا فرزند هئا. پنهنجو ديرو آخر تجل جي پٽ تي ڪيائون. اُتي هينئر ڳوٺ ٻڌل آهي، جنهن کي تجل شريف ڪري ٺا چون. سائين ٽر ڏٺي صاحبن جون ڪئين فيض ۽ رحمت جون ڳالهيون اڪثر فقير صاحبن جي زبان مبارڪ مان ٻڌبيون هيون. سائين ٽر ڏٺي صاحبن جو فرمان آهي تہ اسان جا هڏ ميرانپور ۾ هوندا پر سڏ ٽر ۾ هوندا.

تنهن کان پوءِ سائين نورنگ فقير جلالاڻي درگاهہ جهوڪ شريف جا طالب ۽ ناليرا فقير ٿي گذريا آهن. سندن فرزند سائين محمدعلي جلالاڻي، صاحبن ڪريمن حضرت سائين فضل الله شاهہ بادشاهن جا خليفا ۽ خاص خدمتگار هئا. سائين فضل الله شاهہ صاحبن کي عام طور سائين شاهہ قلندر داتا پير چوندا آهن.

ڳالهہ ڪندا آهن تہ سائين صادق شاهہ بادشاهہ، جي سائين شاهہ ٻلندر داتا پير صاحبن جا وڏا خليفا هئا ۽ وقت جا اولياءَ هئا. تن هڪ دفعي تجل شريف ويندي، واٽ تي جلالاڻي ڳوٺ ۾ اچي ڏيهرو ڪيو. ان وقت فرمايائون تہ: هتي اسان کي ڳانڊوءَ (گدري) جي خوشبوءِ ٿي اچي. هت هڪڙو ڪامل مرد خدا جو پيدا ٿيندو جو ولي الله هوندو. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ سائين نصير محمد صاحبن جو جنم ٿيو.

ٻي ڳالهہ پرسڌ آهي تہ درگاهہ جهوڪ شريف جا سجاده نشين سائين محمد زاهد شاهہ صاحب، جن کي سائين وسڻ شاهہ صاحب ڪري سڏيندا آهن، تن جا پاڪ، تجل شريف ويندي، اچي فقير صاحبن جي گهر جلالاڻي ڳوٺ ۾ لٿا. ڪين پنهنجو اولاد ڪونہ بچيو. ان ڪري فقير صاحبن کي پنهنجي اولاد وانگر گهڻي پيار سان نپايائون ۽ ڪجهہ ڏينهن ترسي پيا. فقير صاحب ڪڏهن ڪڏهن ان ڳالهہ جو ذڪر ڪندي فرمائيندا هئا تہ ٻچو جهوڪ ڏٺي ٿا فرمائين تہ ڍڪا بہ فقير کي اسان جا پيل آهن.

فقير صاحب پنهنجي ننڍپڻ جون ڳالهيون ڪندي فرمائيندا هئا تہ: ننڍڙو هوس، اجان رات جو امان سان گڏ سمهندو هوس تہ اڌ رات ڪان پوءِ جاڳ ٿيندي هئي ۽ اُٿي ويهي رهندو هوس. امان وري سمهاري ڇڏيندي هئي، پر ننڊ نہ ايندي جئي. امان چوندي هئي تہ زبان سان ڪجهہ چوندو هئين جو مان سمجهي نہ سگهندي هيس. گهڻو ڪري هڪ مرد تاج سان ڏسڻ ۾ ايندو هو. هڪ ڀيري ڏٺم تہ اُهو مرد گهوڙي تي چڙهيل پرواز ڪندو پئي آيو. اُهو ڏسي مون ڪان دانهن نڪري ويئي. تنهن تي مرد چيو تہ ڇوڪر جي هنياءَ ڦاٽي پوينئي ها تہ پوءِ؟ مون جواب ڏنو تہ جي اوهان کي ڏسي مران

تہ لک لائق!

ٻچو اڃان سمجھہ لائق ٿيس تہ مائٽن ڍور چارڻ لاءِ ڏنا. ڪا ڳانءِ يا ٻڪري سھڻي ڏسندو ھوس تہ ٻيھي رھندو ھوس ۽ روئي چوندو ھو ھوسانس تہ مون کي الله ڏيڪار. ڪڏھن جوش ايندو ھو تہ ڪرڙن ڪندن ۽ اَڪن کي ڇَنھا ھڻندو وتندو ھوس تہ توھان ا: ڏنو آھي، مون کي بہ ڏيکاريو.

پاڻ ڳالھہ ڪندا ھئا تہ مير علي مراد خان جي حڪومت جو دور ھو، جو خيرپور رياست ۾ 3 سال ساندھہ برسات نہ پوڻ سبب اڃي ڏکر پيو. ڏکر بہ ٻچو اھڙو جو الله سائين شال ڪنھن کي اکئين نہ ڏيکاري. ڪيتري خلق بُک وگھي مري ويئي. ماڻھن جو گھڻي ياڳي گذر ڏُتَ تي ھو. اَن ملڪ ۾ ڪونہ ھو. ربل بہ ملڪ ۾ ڪانہ ھئي، جو پري ڪان اَنُ اڃي سگھي. پروارن صوبن ۾ بہ قحط جي حالت ھئي. ھڪ ڏينھن ڍور چاريندي ڳوٺ جي اوير طرف يت تي وڃي نڪتس. اُتي ھڪ ھنداڻي جي ول ڏٺم، جنھن ۾ بہ داڻا ھنداڻي جا ٻينا ھئا. ڇٽي ڪاڏم. ٻئي ڏينھن وڃي ڏٺم تہ وري بہ ٻہ داڻا ھنداڻي جا ٻينا ھئا. پٽي ڪاڏم. پوءِ روز اُتي ويندو ھوس ۽ جيستائين ڏکر جي حالت ھئي تيستائين مون کي الله سائينءَ جي فضل سان بہ ھنداڻا ملندا ھئا.

فقير صاحب جڏھن اٽڪل 16 ورھين جا ٿيا تہ مائٽن چين تہ وڃي ڪو ڪم ڪار ڪريو. جو وٽن غريبي ڏاڍي ھئي. ملڪ ۾ ٻيو پورھيو ڪونہ ھو. مير علي مراد خان ميرواھہ کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو ھو. ٻين ڳوٺ جي ماڻھن سان گڏجي پاڻ بہ مزدوريءَ تي ويا. چار آنہ روز جا مزدوري جا ملندا ھئا. پر ڪين بہ آنہ ڏنا ويا جو بدن جا ضعيف ھئا ۽ ڏمڪ ھڻن جو ڪم مليس. پاڻ ڳالھہ ڪندا ھئا تہ

هڪ ڏينهن ڏلهي جو وارو اچي ويو، پر ڪٽي نہ سگهان. ٽوڪري مٿي تي اچي تہ سڄو بدن بار ڪان جهڪي وڃي. ڏاڍو هلاڪ ٿيس، ڇوان تہ ڪڏهن جند ڇٽندي! آخر دل ۾ هڪ پڪو خيال آيو تہ داتا دستگير بادشاهہ پير انهيءَ پورهئي ڪان جند ڇڏائيندا، ٻي ڀيٽي ناهي! ٻچو ٽوڪري مٿي تي اچي تہ ڇوان رس يا دستگير، وڃي تہ بہ ڇوان رس يا دستگير. اصل اُهو گس ئي پيو. نيٺ منهنجي دانهن وڃي اگهاڻي. آسمان ۾ جهڙ ٿيو ۽ اچي برسات پيئي. ڏينهن بہ ھئا سياري جا، ٿڌ ڏاڍي پيئي سو ڪم بند ٿي ويو. مان ڳوٺ موٽي آيس ۽ ٿلهي تي اچي سمهي رهيس. پرڀات جي وقت داتا دستگير بادشاهہ پير جي زيارت نصيب ٿي. ڏٺم تہ اُتر ڪان اُچن ڪپڙن سان اُچي گهوڙي تي پيا اچن. ديدار ٺيٺ سان اکيون ائين کلي پيئون، جيئن دابلي جا پُڙَ کلي پيون.فجر نماز ڪان ٿورو اڳ، ڏسان تہ ميرواهہ مان ٻيڙو پيو اچي ۽ سڏ پوندو پيو اچي تہ "وَرُ نصير جلالاڻي وَرُ!" مون ڪان بي اختيار جواب نڪري ويو تہ مان تہ آيس پر منهنجو بابو بہ آيو. ڊوڙي اچي ميرواهہ تي چڙهيس. ٻيڙي ۾ ڏسان تہ پنج ڇٽا وينا آهن، پر جهڙا سج پيا چمڪن! ٻيڙي ۾ ويٺلن مان هڪ مرد فرمايو تہ: نينگر توکي تہ آفرين پر تنهنجي بابي کي بہ آفرين! پوءِ چيائون تہ تنهنجي پارت صوفي عبدالستار شاهہ جهوڪ وارن کي ٿا ڪريون، جتان توکي رباني فيض ملندو، تون وڃ.

✪✪

مرشد سان مليو

فقير صاحب فرمائيندا هئا ته هڪ ڏينهن صبح جو سوير کنهن اچي ساڻس ڳالهه ڪئي ته جهوڪ ڏٺي، صاحب ڪريم سائين عبدالستار شاهه صاحب صوفي سرتاج، بڪار جي ڳوٺ آيا آهن. سندن مائٽن مان ٻيا به ڪيترا تيار ٿيا، جن سان پاڻ به گڏ هليا. اُتي وڃي ڏٺائون ته ڪچهري لڳي پئي هئي ۽ صاحبن وٽ خدائي گفتگو ڪئي. انهيءَ ڏينهن اسم رب جو ڏيئي پنهنجو ڪيائون ۽ فرمايائون ته اسان کي حضرت سرور ڪائنات حضور پاڪ نبي ڪريمن ﷺ تنهنجي پارت ڪئي آهي. موٽي ڳوٺ آيا، پر ڪي ڏينهن ته ڪانئن اُها ڳالهه ني وسري وئي.

ڪن مهينن کان پوءِ جنگو فقير جلالاڻي تيلاهوءَ جو وٽنل آيو ۽ ڳالهه ڪيائين ته صاحب ڪريم عبدالستار شاهه صاحب وري به بڪار جي ڳوٺ ۾ آيا آهن. چي اسين اوڏانهن ٿا وڃون، تون به هلندين؟ مون يڪدم هائو ڪئي ۽ اُتي پنڌ پياسين. اُتي پهچي ڏٺم ته سائينجن هڪ وڻ جي هيٺان ويٺي ڪچهري ڪئي. مون به پير پئي وڃي ويٺس. ٿوري وقت کان پوءِ مون ڏي نهاري فرمايائون ته نينگر اُهو بدلو ڪڻ ٻاهران ٿي اچون. مون بدلو کڻي ساڻن گڏجي ٻاهر آيس. ٿورو پنڌ ڪري هڪ ٻير جي وڻ هيٺان هلي ويٺا. مون کي چيائون ته نينگر اسان کي ريلي جو خيال ڪونه هو، توکان ذڪر وسري ويو آهي، وٽهه ته توکي وري سمجهايون. وري به اسم رب جو ڏسيائون، پوءِ موٽي ڪچهريءَ ۾ آيا. اِتي مون کي دل ۾ خيال آيو ته فقط انهن بن اکرن، ڪين انهيءَ درجي تي رسايو آهي! ته پاڻ مون ڏي نهاري

فرمايائون تہ ابا پير، پيغمبر، اولياءَ، ڪُل انهيءَ ناليِ رب جي پٺي نوازيا آهن! ڪجهہ ڏينهن اُتي ترسي سائن گڏجي درگاهہ جهوڪ شريف آيس ۽ ڪيترا ورهيہ سندن خدمت ۾ رهيس.

فقير صاحب ڳالهہ ڪندا هئا تہ جلدي ئي هڪ فقير گڏيو، جنهن مون کان پڇيو تہ چوڪر تنهنجو ذڪر ورتل آهي؟ مون چيو تہ هائو. چيائين تہ هاڻي ناليِ رب جي ڪي ائين وڻي وڃ جيئن وڻ ويڙهي وڻ کي وڻي وڃي، پاڻئي نہ ڇڏي سگهي.

فقير صاحب جڏهن بہ پنهنجن ستگرن جي ڳالهہ ڪندا هئا تہ دل پرجي ايندي هين ۽ وَر وَر ڪري چوندا هئا تہ ٻچو جي نہ منهنجو مرشد سائين ڏسو ها تہ هوند هئين وبهي ڪين سگهو ها! اُهو لاکيڻو شهنشاهہ مرشد مليو، جنهن زماني جي ڏکن کان بچائي ورتو تہ اجان ننڍو هوس ۽ جهوڪ شريف جي ٻارن مونکي چيڙايو. مون روئي ڏنو. سائينءَ جن جي جڏهن مونتي نظر پيئي تہ هنج ۾ کڻي پاڪر پائي گهڻي قرب سان پڇيائون تہ روئين ڇو ٿو؟ ٻچو مونکي بابو مرشد مليو هو، جو اجان بہ پيا چون تہ مون توکي پنهنجي هنج کان هيٺ نہ لاٿو آهي.

هڪ ڏينهن ڪچهريءَ هلندي ڪنهن چيو تہ قبلا توهان جي وقت ۾ تہ گهڻا فقير هئا، جن سان توهان جي صحبت ٿي هوندي. جواب ڏنائون تہ ٻچو مون تہ هڪ چنڊ ڏٺو هو، تارن ڏي نگاهہ ئي ڪين وڌيسون!

پاڻ پنهنجن ستگرن جو ڪڏهين بہ زبان سان نالو نہ ڪنيائون. نہ رڳو اينرو پر ڪڏهين بہ جي ڪو شخص سائينءَ ناليِ سان پنهنجو نالو ڪين ٻڌائيندو هو تہ يڪدم طبيعت مَٺَ ڪائي وبندي هين. هڪ ڀيري پاڻ ڪراچيءَ ۾ پرنسپال بوٽاٽيءَ وٽ لٿل هئا. بوٽاٽي صاحب

آرتوار صبح جو ڪراچي ڪاليج جي پروفيسر شيخ ڪي پاڻ سان گڏ گهر وٺي آيو. فقير صاحبؒ پروفيسر کان پڇيو ته تنهنجو نالو ڇا آهي؟ چيائين ته قبلا عبدالستار بس! ٻڌڻ سان سندن طبيعت ڦري ويئي. ۽ ٿڌو شوڪارو پري خيال ۾ ويهي ويا. ٿي پهر ڏينهن جا گذري ويا. ديگڙا ڪاڏي جا جيئن جو تيئن چلهه تي رکيا هئا. ڪير جو سندن ويجهو وڃي! ٽن پهرن گذارڻ کان پوءِ پاڻ اٿيا، تڏهن وڃي سنگت ڪاڏو، پوءِ به نڪو ڳالهائڻ نڪو ٻولهائڻ. شام جو وڃي سندن خيال مٽ ڪاڏي هميشه وانگر رهاڻ ڪيائون.

پنهنجي مرشد سائينءَ جي قربن ۽ مهربانين جون ڳالهيون ڪندي ڏاپندائي ڪين هئا.

هڪ پيري صاحبؒ لاءِ ڪو عربي گهوڙي سنجن سوڌي نذراني طور وٺي آيو. ان مهل صاحب سفر لاءِ تيار هئا ۽ سندن سواريءَ واري گهوڙي به تيار هئي. پاڻ فقير صاحبؒ ڏي نهاري فرمايائون ته: نينگر تون انهيءَ عربي گهوڙيءَ تي چڙهي اسان جي اڳيان ٿي هل. جهوڪ ڏٺي جڏهن سفر تي نڪرندا هئا ته سندن نالو ٻڌي، رستي تي خلق خدا جي سندن ديدار ۽ نياز لاءِ ايندي هئي. صاحبؒ کان ماڻهو پيا پڇن ته سائين کهڙو آهي؟ صاحب پيا چون ته اِهو اڳيان ٿو وڃيوَ. خلق اچيو فقير صاحبؒ کي پيري پوي. پاڻ خلق کي وَر وَر ڪري پيا چون ته اڙي منهنجو سائين جهوڪ ڏٺي ته پٺيان ٿو اچيوَ، انهيءَ کي نياز ڪريو، ماڻهو پيا چون ته اُهو ته چوي ٿو ته تون سائين آهين!

گهٽي مجاهدي، ڏهن ۽ چاليهن ڪڍڻ سبب، فقير صاحبؒ جي ڪڏهن ننڊ ڦٽي پوندي هئي ۽ ضعف سبب وقتي بيهوش ٿي ويندا هئا. سندن ستگرو، اهڙي حالت ڏسي بادام روغن جي ناس وجهائيندا هئن ۽ مٿي کي مالش به ڪرائيندا هئن ۽ پاڻ پنهنجن

هٿن سان گيهہ پيل ڪُـٽـي ڻهرائي ڪٽي ايندا هئا۽ فرمائيندا هئن تہ هيءُ ڪاءُ تہ سربر ۾ ڪجهہ سگهہ ٽئي. جيئن مجاهدو ڪري سگهين. جي وهڻ جي خدمت نہ ڪندين تہ سواري ڪيئن ڪري سگهندين؟ ڪيترا دفعا ماني پنجنهن مبارڪ هٿن سان ڪٽي اچي ڪارائيندا هئن ۽ لسيءَ جي ڪٽوري جي تري ۾ مکڻ چنبڙائي هٿ ۾ ڏيئي چوندا هئن تہ نينگر لسيءَ کي آگر هڻجانءِ.

فقير صاحب ڳالهہ ڪندا هئا تہ: هڪ دفعي پاڻ ماني ڪٽي آيا۽ مون کي چيائون تہ ڪاءُ، مون ماني ڪائي بس ڪئي تہ پڇيائون تہ نينگر هاٽي مان وجي ماني کان؟ مون کي روئڻ اچي ويو. عرض ڪيم تہ: قبلا ائين چوٽا چئو! جواب ڏنائون تہ اُهو قدر مون کي آهي.

سندن مرشد کين چوندا هئا تہ: مون کي الله سائينءَ بہ پٽ ڏنا آهن، تيون تون آهين! بيو فقير ڏانهن مُنهن ڪري فرمائيندا هئا تہ: نصر اُڪسيرُ آهي! جيڪا خبر نصير فقير اسان کي هڪ ٽپهري وهڻ کان پوءِ تو ٻڌائي سا اوهين ڇهين بارهين مهني بہ نتا ٻڌايو. عام طور فقراهہ ۾ ائين چوندا هئا تہ مجاهدو فقير صاحبن کان پوءِ دنگ آهي، فقير نصير محمد رُڪَ جي دانگي چاڙهيو وينو آهي.

صاحب ڪريم رات جو سويلئي آرامي ٿيندا هئا ۽ خلق اجان سمهندي مس هئي تہ اُٿي خيال سان ويهي رهندا هئا. فقير صاحبن کي چوندا هئا تہ: تون اسان وٽ سمهندو ڪر ۽ خيال ۾ ويهين تہ اسان جي ڪٽ جي پائي سان ٽي ويهہ، پر تيڪ نہ ڏج، متان ننڊ اچي وڃيئي.

هڪ لڳا مراقبي ۾ وهندي، ٽڪ سبب، فقير صاحبن جو ڪلهو مرشد داتا جي ڪٽ جي پائي سان وڃي لڳو. جنهن تي پاڻ فرمايائون تہ: نينگر سکيو ٽي مراقبا تو ڪڍين! پاڻ چوندا هئا تہ

بس! اُهو ڏينهن اُهو شينهن، وري ٽيڪ ڏيئي ڪين وينس. پيريءَ جي وقت ٽيڪ ڏيندا هئا ته به چوندا هئا ته پڇو لاچار ٽي ٽيڪ ڏجي جو سرير پراڻو ٿيو آهي. هينئر گهڻو وقت سڌو ويهي نٿو سگهجي.

شروعات ۾ سندن طرف ريل ڪانه هئي. سندن ڳوٺ کان درگاهه جهوڪ شريف اٽڪل 200 ميلن جي مفاصلي تي آهي. فقير صاحب ڪڏهن پيادا ايندا ويندا هئا ۽ ڪڏهن گهوڙي تي. پاڻ فرمائيندا هئا ته يڪ فاصليءَ جو زمانو هو، مون به جوئر جو ٽڪر کاڌيو. لاڙڪاڻو ۾ ڪجهه دير هئي. اچي سردارن جي سڪ ستايو. سو پيرين پنڌ نڪري پيس. اُتي پهتس ته پاڻ پڇيائون ته نينگر ڪٿا داٿا ميڙي آيو آهين؟ مون عرض ڪيو ته: قبلا نه. پاڻ فرمايائون ته: ٻه ٽي راتيون تڪي موٽي ڳوٺ وڃ ۽ ڪٿا داٿا ڪٽي، ٻچن کي ڏيئي. پوءِ بي اونو ٿي هليو اچ. ڳوٺ آيس ته ڏسان ته داڻو به زيان ڪونه ٿيو هو. پاسي وارن ڳالهه ڪئي ته جيئن ويو آهين، تيئن روزانو صبح جو ٻه باز اچي ٿي پيهي جي ٻنهي ڪانئن تي وينا ۽ شام جو اُڏري ويا. جهار کي ويجهو اچڻ ئي نٿي ڏنائون. مون ڏٺو ته پاسي وارن فصلن کي جهار چڱو نقصان پهچايو هو. پيهي تي بازن جون ڦولهڙيون مون به اچي ڏٺيون. اُها مهرباني منهنجي مرشد جي هئي.

هڪ دفعي صاحبن ڪريمن، سائين صادق صاحبن جي ڪنهن جهوني طالب کي نياپو موڪليو ته اڳي به نوڙهائي ڏنا هئء، (اشارو درگاهه جهوڪ شريف جي فقيرن ڏانهن هو) هاڻي اچين ته اچي نصير فقير ڏسي وڃ!

تجل شريف جا صوفي صاحب، درگاهه جهوڪ شريف جي صاحبن جا ويجها عزيز ۽ برادريءَ وارا آهن. هڪ دفعي تجل شريف وارن مان ڪي صاحب جهوڪ شريف آيا. سائين عبدالستار شاهه

صاحبن کانئن پڇيو تہ آبا جلالاڻيءَ مان ٿيندا آيا آهيو؟ جواب ڏنائون تہ هائو. پاڻ وري پڇيائون تہ فقير خوش هو؟ تجل شريف وارن چيو تہ قبلا کهڙو فقير؟ انهيءَ جو تہ نتا پڇو جيکو ڇنل تڏڙي تي وڻ هيٺ وينو آهي! وٽس بہ پهر تہ کانہ آهي، باقي ڇون ٿا تہ هک واٽيو صبح سانجهيءَ حقو ناهي ڏيئي ويندو اٿس. ايترو ٻڌي صاحبن جي طبيعت منجي ويئي ۽ فرمايائون تہ سبحان الله! ههڙو کامل مرد خدا جو پاسي ۾ وينو آٿوَ تہ وٽس لڙي ليئو بہ نہ پاتو آٿوَ! کنهن وقت اِتي پوني ستاري جون خلقون سندس زيارت تي ايندي هيون.

جلد ئي پوءِ خيرپور رياست جي مير فيض محمد خان ٽالپر کي کا مشکل پيش آئي، جو ان وقت ميرواهہ جي گشت تي هو. ٻيرا اشارو ٿيس سو کهي فقير صاحبن جي زيارت تي جلالاڻيءَ آيو. خدا کارڻ مشکل آسان کري ڏنائونس ۽ مير صاحب راضي ٿي ويو. ان وقعي کان پوءِ ماڻهن کي جاڻ پيئي ۽ خلق وٽن اچڻ لڳي.

فقير صاحب ڳالهہ کندا هئا تہ مون وٽ هک دفعي شاهہ شهيد صاحب جي روضي ۾ خيال سان وينس. صبح جو اُٿيس تہ ڏسان تہ منهنجا مرشد سائين پيا اچن ۽ هکڙو شخص ٻيو بہ ساڻن آهي. مان وجي کين پيرين پيس. پاڻ فرمايائون تہ: هن شخص کي اسم رب جو ڏس. مون گهڻيءَ عاجزيءَ سان عرض کيو تہ: قبلا مون تہ اجان پنهنجا هڏئي نہ موکيا آهن، هن جو بار کيئن کڻا؟ پاڻ وري بہ فرمايائون تہ: هن کي ذکر ڏي. مون وري بہ ساڳيو عرض پيش کيو. تنهن تي وري ٽيهر پاڻ فرمايائون تہ هن کي ذکر ڏي. نہ تہ حجاب پئجي ويندءِ. مون سندن حکم مڃي، ان شخص کي پاسيرو وٺي، ذکر سمجهايو. پوءِ موٽي وٽس آيس. منهنجي اکين ۾ پاڻي هو ۽ عرض کيم تہ توهان جو امر مڃي مون هن کي ذکر ڏنو آهي. پر

پرتل توهان کي آهي. ايترو ٻڌي سندن طبيعت متجي ويئي ۽ مُنهن جي ڀانءِ جهلي، حضرت شاهه شهيد صاحب جي روضي مبارڪ جي در سامهون اچي بيٺا. مُنهن جي ڀانءِ مٿي جهلي چيائون ته يا شاهه شهيد سائين! هيءُ ٻچو توهان جي در تي وٺي آيو آهيان، هي جيڪي مريد ڪندو سي توهان جا آهن. منهنجي ڀانءِ ائين ئي سندن هٿ ۾ هئي ۽ سڌا چوڪنڊي شريف ڏي آيا. حضرت شاهه قلندر داتا پير صاحب جي سامهون بيهي صدا ڪيائون ته يا شاهه قلندر داتا پير! هيءُ ٻچو توهان کي پرتل آهي. هن جا مريد توهان جا مريد آهن. پوءِ موٽڻي نهاري فرمايائون ته: نينگر تون مريد ڪندو مالڪن کي سپرد ڪندو وڃ. تنهنجا نه آهن، سندن آهن. ٻچو منهنجو دل تان بارڻي لهي پيو، جو سڄو بار پاڻ کنيو اٿن! وقت به وقت خطن ۾ يا روبرو هدايت ڪندي فقير صاحب فرمائيندا هئا ته: منهنجا مريد ڪين آهيو، شاهه شهيد صاحب ۽ شاهه قلندر داتا پير صاحب جا آهيو.

هڪ دفعي فقير صاحب روضي شريف ۾ خيال سان ويٺا هئا ته: صوفين جي سرتاج شهنشاهه شاهه شهيد صاحب ڪين ارشاد فرمايو ته: تنهنجا سٺ فقير خيال وارا ٿيندا. ڪجهه وقت کان پوءِ پنهنجن ستگرن جي ڪچهريءَ ۾ آيا، جن پڇيو ته جيڪي شاهه شهيد صاحب فرمايو سو سمجهئه؟ فقير صاحب جواب ڏين تنهن کان اڳ مالڪن فرمايو ته: توکي دعا ڪئي اٿن ته تنهنجن طالبن مان سٺ فيض وارا فقير ٿيندا.

فقير صاحب کي پنهنجن ستگرن وٽان تاج عطا ٿيل هئي. پاڻ اُها تاج رڳو ميلي جي وقت سماع جي راڳ ۾ پائي وهندا هئا.

✪✪

ڪامل مرشد

فقير صاحب پنهنجي ستگرن جون ڪئين فيض ۽ رحمت جون ڳالهيون نهايت اُمنگ سان ٻڌائيندا هئا. جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿيون:

تن ڏينهن ۾ ڪراچي اجان ننڍڙو شهر هو ۽ موٽرون ته خير پر گهوڙي گاڏيون به سڄي شهر ۾ ٻه چار مس هونديون هيون. صاحبن ڪريمن کي مير صاحب دعوت ڏيئي ڪراچيءَ ۾ گهرايو. فقير صاحب به سندن خدمت ۾ ساڻن گڏ هئا. هڪ ڏينهن صاحبن ڪين فرمايو ته: نينگر هل ته شينهن ڏسي اچون! مير صاحب جي گهوڙي گاڏيءَ ۾ چڙهي جانورن جي باغ ڏانهن هليا. فقير صاحبن ادب ڪان، ساڻن گڏ گاڏيءَ ۾ وهڻ جي نه ڪئي ۽ پنڌ روانا ٿيا. چوندا هئا ته وچون گس ڏيئي وبس ۽ سائين به اجان گاڏيءَ مان لٿا ته مان به وڃي رسيس. سائين سڌا اچي شينهن جي پڃري وٽ بيٺا. شينهن پڃري ۾ پنيرو ويٺو هو. صاحبن رڳو ايترو چيو ته: شيرخدا جا شينهن اسين تنهنجي ديدار تي آيا آهيون، ته شينهن ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ پنئي پڃري سان گهندو وڃي سامهون بيٺو. گجگوڙ ڪري پڇ مان نڪاءَ ڪديائين. پوءِ سائينجن طرف ڊوڙيو ۽ اڳيان ٻئي گوڏا ڪوڙي، ڪين سجدو ڏنائين، پڇو نالي رب وارن کي شينهن به پئي سجدا ڏنا.

هڪ دفعي ڊپٽي ڪليڪٽر اچي جهوڪ شريف ۾ منزل ڪئي. مختيارڪار کي چيائين ته رواج موجب پيا سڀ حاضريءَ تي آيا آهن، درگاهه جو فقير چو ڪين آيو آهي؟ مختيارڪار چيو ته: فقير وٽ پاڻ هلبو آهي، فقير اولياءَالله جو بيغرض آهي، سو ڪين

ايندو. ڊپٽيءَ تنهن تي چيس تہ: فقير جو مٿي ڦيري ڇڏيو اٿوَ. خير، ڊپٽي لڄون ڪڇون درگاهہ تي آيو. صاحب ان وقت لوٽو هٿ ۾ ڪري پريان پئي آيا. لوٽو دکيءَ تي رکي وڏي اچي ڊپٽيءَ کي هٿ ڏنائون ۽ فرمايائونس تہ ڊپٽي صاحب، مغرور اُهي آهن جن پنهنجو رب وساريو آهي.

سائين عبدالستار شاهہ صاحب جڏهن بہ سفر تي نڪرندا هئا تہ سيڏو پاڌو پاڻ سان کڻندا هئا. هڪ ڀيري ڪنهن سيد دعوت ڪين. پاڻ دعوت قبول ڪيائون ۽ فقراه سوڏا وچي وتس لٿا. سيد جو حال مسڪيني هو. صاحبن وڻي وڻ جي هيٺان ڪچهري ڪئي تہ اوچتو بندوق جو ٺڪاءُ ٿيو. ايتري ۾ ڏسن تہ بہ ماڻهو هڪ ڳجهہ ڪانيءَ ۾ لڙڪائيندا ڪنيو پيا وڃن. صاحبن جو ڌيان جڏهن ان طرف ويو، تڏهن ڪين سڏ ڪري فرمايائون تہ ويچاريءَ ڳجهہ کي ڇو ڏک هنيو اٿوَ ڇڏي ڏيوس. ماڻهن تنهن تي چيو تہ: قبلا ڇڏيون ڪنهن کي، هيءَ تہ مري وئي آهي. پاڻ ڳجهہ کي هيٺ رکائي مٿس نظر وڌائون. ڳجهہ يڪدم ڪاني اُڏري وئي. فقير صاحب چوندا هئا تہ اعتبار ڪريو تہ اُها منهنجي اکين ڏٺي روبڪار آهي. اُئين بہ چوندا هئا تہ فقير مسڪين داس، جو سندن گرياني هو، وَر وَر ڪري صاحبن کي عرض ڪندو هو تہ: قبلا سائين اتر ۾ مئل ڳجهون پئي جيئريون ڪيوَ، نظر فرمايو تہ هوند مئل دليون بہ جيئريون ٿي پون!

هڪ ڏينهن شام جي وقت فقير مسڪين داس صاحبن کي عرض ڪيو تہ دعا ڪريو تہ اکين مان نند وڃي. پاڻ جواب فرمايائون تہ آبا جنهن حال ۾ رب رکي ان ۾ رهجي. فقير مسڪين داس وري بہ ساڳيو عرض ڪيو. پاڻ وري بہ ساڳيو جواب فرمايائون. فقير مسڪين داس وري ٽيهر آهستي عرض ڪيو، جنهن جو جواب پاڻ ڪونہ ڏنائون

۽ گهر هليا ويا. رات، جو فقير مسڪين داس ڪي ڪلر جي وڇوڻ ڏنگيو ۽ سڄي رات سُور ۾ ننڊ ڪانہ ڪيائين. صبح جو سويل صاحب جيئن درگاھ تي آيا تہ فقير مسڪين داس تي نظر پيئي. پريان ني فرمايائون تہ اَبا دعا تي گهربئہ نہ، تہ اکين مان ننڊ وڃي! فقير مسڪين داس عاجزيءَ سان جواب ڏنو تہ: قبلا مون ائين ننڊ ڦٽائڻ لاءِ تہ عرض ڪونہ ڪيو هو!

هڪ دفعي سائين عبدالستار شاھ صاحب مسافريءَ لاءِ سنيريا ۾ پيسو ڏوڪڙ خير ڪي هون. ننگر تي رڳو صفائي هوندي هئي. ايتري قدر جو پنداري جون ديڳون بہ گروي هونديون هيون. پاڻ ڳوٺ جي هڪ سيٺ کي ماڻهو موڪلي گهرايائون. کيس فرمايائون تہ اَبا اسان کي پنجاھ روپين جي گهرج آهي جو مسافريءَ تي وڃڻو آهي. موٽي اچي توکي پيسا واپس ڏينداسين. اسين توسان اُهو بہ واعدو ٿا ڪريون تہ وقت مشڪل جي اسان کي سڏ ڪندين تہ اسين اچي تنهنجي مدد ڪنداسين. ياني وٺو سؤ روپيہ پنجاھ آٽي کين ڏنائين. صاحب خير سان سفر پورو ڪري، جڏهن ڳوٺ واپس آيا، تڏهن سيٺ کي گهرائي روپيہ پنجاھ واپس ڏنائون. ان ڳالھ کي ڪافي وقت گذري ويو. هڪ ڏينهن سيٺ گهوڙي تي چڙهي ڪنهن ٻئي ڳوٺ ڪم سانگي تي ويو. وات تي جهنگ مان لنگهڻو پيس. ڪجھ پيسو ڏوڪڙ بہ پاڻ سان هوس تہ رستي تي اوچتو چور ڦري آيس. اِتي اچي صاحبن جو انجام ياد پيس ۽ سندن نالو وٺي کين سڏ ڪيائين. چي قبلا وَرُ، ويل اُها اتيئي، اجان ڏسي تہ پريان سائين پيا اچن. پري کان چورن کي هڪل ڏنائون. چور ڀڄي ويا ۽ ياني ڦرجڻ کان بچي ويو. فقير صاحب اُها ڳالھ ڪري فرمائيندا هئا تہ ٻچو نٿا ڦرن قول مردن جا.

سائين عبدالستار شاهه صاحب سفر ۾ هئا، پريان ڳوٺ ۾ جنهن هندو ساڌ وٽ لهڻا هئا، سو کين گڏجڻ آيو. سائينجن جي فقيرن ساڌ کي چيو تہ صاحبن لاءِ کٽ ناهي ڇڏيو. ساڌ بسترو وڇائي کٽ تيار ڪئي ۽ چيائين تہ مان تہ وهان بہ هيٺ پٽ تي ۽ سمهان بہ هيٺ پٽ تي، سائينجن جڏهن اُٿي پهتا تڏهن ساڌ کي هٿ کان وٺي چيائون اَبا "مان" ڪڏهن ڇڏ، پوءِ جهڙي کٽ تهڙو پٽ.

نواب تاج محمد ڳوٺان صاحبن جي زيارت واسطي نڪتو. رستي تي دل ۾ چيائين تہ اڄ جي سائينءَ مون کي ککڙ جو پلاهه مصريءَ جي تڙ سان کارايو تہ پوءِ چونسد تہ ڪچهريءَ رسيدو آهي. هوڏانهن صاحبن حڪم ڪيو تہ کو ککڙ وٺي اچو. فقيرن چيو تہ: قبلا ڏوڪڙني ڪونهي جو ککڙ خريد ڪجي. سندن صاحبزادي جو ککڙ بينو هو، فرمايائون تہ اُهوئي پاڻي اچو. هڪڙي فقير تنهن تي چيو تہ: قبلا نينگر رسندو. پاڻ فرمايائون تہ نينگر پوءِ بہ پرچي پوندو، پر نواب صاحب نہ پرچندو؟ پلاهہ نهرائي پاڻ وٽ گهرائي، مٿان مصري رکي ڇڏيائون، تہ نواب بہ اچي پهتو. جڏهن بيا سيئي اُٿيا تہ نواب کي چيائون تہ تون ترس. ڪنڌ ڏانهن اشارو ڪري چيائونس تہ ماني رکي اٿيئي. وڃي کاءُ. نواب صاحب ککڙ جو پلاهہ ۽ مصري ڏسي ڏاڍو لڄي ٿيو.

هڪ ڏينهن صبح جو هڪ پوليس جو صوبيدار ڪنهن ڪم سان صاحبن کي گڏجڻ آيو. فقيرن چيس تہ ترس، سائين اندر آهن، اجهي ٿا ٻاهر نڪرن. اينتري ۾ صاحب ڪريم بدنو ڪٺي ٻاهر نڪتا صوبيدار ڏسي تہ لنڊي سلوار ميرا ڪپڙا سو عجب ۾ پئي. البت اٺوٺنڊڙ نموني ۾ چيائين تہ اُهو آهي توهان جو سائين! صاحب ضروري حاجت لاهي موٽي اندر ويا تہ صوبيدار بہ پٺيان اندر ويو. اندر وڃڻ

سان ڏسي ته شينهن ويٺو آهي. صوبيدار دهلجي ويو ۽ رڙ نڪري ويس. اُتيئي پاسو ورائي ڏسي ته سائينجن ويٺا آهن. ٻوڙي وجي پيرين پيو ۽ معافي ورتائين.

سائين عبدالستار شاهه صاحب جنهن ڏينهن شام جو جهان ڇڏيو، تنهن ڏينهن صبح جو پنهنجي فرزند سائين غوث بخش صاحب سان هيئين ڳالهه ڪيائون:

بابا رات حضرت عزرائيل آيو هو. مونکي چيائين ته مون امر رب جي سان آيو آهيو. مون چيو ته مون امر مجيو ويٺو آهيان. اچي پيرن ڏهون بيٺو، پوءِ پير ڳالهائيندڙ ٿيا. چي اسان جيڪا وک کنئين سي خدا ڪارڻ پٽي کنئينسون. وري اُتي اچي پاسي ڏهون ويٺو، پوءِ پاسي ڏهون نور شعلو وٺي ڪيو. وري اُتي هٿي پاسي ڏهون ويٺو. اوڏانهن به نور شعلو ڪيو. وري اچي سيراننديءَ ڏهون ويٺو، وري چيائين ته مان امر سان آيو آهيان. مون چيو ته ،مان ته امر مجيو ويٺو آهيان. سيرانديءَ ڏانهن زبان ڳالهائڻ لڳي ته اسان جيڪا گفتار ڪئي سان سي خدا ڪارڻ، پوءِ نڪ ڪان دم ڇڪي ورتائين.

فقير صاحب پنهنجن ستگرن جي اُها ڳالهه ڪري فرمائيندا هئا ته ڀچو نالي رب وارن جو حضرت عزرائيل به ادب ٿو ڪري!

✪✪

جهد جفائون ۽ وقت جي ٻين فقيرن سان مليو

سائين نصير محمد صاحب ڪيترا ورهين پنهنجي مرشد سائينءَ جي حاضريءَ ۾ گذاريا. ڏينهن سڄو درگاهه شريف جي ڪم ۾ رڌل هوندا هئا ۽ رات جو ڪجهه حصو عبادت ۾ گذاريندا هئا. لنگر جو ڪم، درگاهه تي ٻهاري ڏيڻ، پاڻي ڀرڻ، وٿاڻ صاف ڪرڻ، مال چارڻ، ڪير ڏهڻ ۽ صاحب جي گهوڙيءَ جي خدمت ڪرڻ، اُهو سندن روزمره جو ڪم هو. صاحب ڪريم جڏهن سفر لاءِ نڪرندا هئا ته سفر جو سمورو بندوبست فقير صاحب ڪندا هئا. سندن سڳرو ٻين فقيرن کي تاڪيد ڪندا هئا ته نصير فقير کي ٻيو زماني جو ڪم نه ڇئو جو هو خيال سان رهي ٿو.

جلالاٽي شريف کان اوير طرف ميل ڏيڍ پنڌ تي واريءَ جون ڀٽون ڪوهن ۾ آهن. انهن ڀٽن ۾ پاڻ گهٽو گذاريندا هئا. خاص طور اهل مماتيءَ جي جناب شاهه مرتضيٰ صاحب جي ڀٽ تي ڪيترا ڏها ۽ چاليها ڪڍيائون. ڪوٽڏيجي ۽ روهڙيءَ جي وچ ۾ گهاڙ جا جبل آهن، جن ۾ ڪيترن اوليائن جون درگاهون آهن. پاڻ انهن جبلن ۾ ڪجهه عرصو گذاريائون ۽ ڪڏهن ته چار چاليها به لاڳيتا ڪڍيائون. پاڻ فرمائيندا هئا ته: ٻچو صبح جو نم جا چار پن کائي، پاڻيءَ لپ بي وري وجي خيال سان ويهبو هو. اُهو ائن پهرن جو آهار هو. جبلن ۾ اُج ٻُڪ اصل مري ويندي هئي. وري به جڏهن وسنئن ۾ اچبو هو ته ان پاڻي ڏسي نفس تڪڙو ٿيندو هو، نه ته اصل بس. بدن اهڙو هلڪو ٿي ويندو هو جو جيڪر سؤ ڪوهه پنڌ ماٺهو ڏينهڪ ڪري وڃي، ڇڻ هوا ۾ پيو اُڏامي.

دادوءَ ضلع ۾ جهانگارا باجارا ڳوٺ آهي. ان طرف پڻ جبل آهن، جن ۾ ڪيترو زمانو گذاريائون. فقير صاحب ڳالهه ڪندا هئا تہ: هڪ ڀيري جبلن مان نڪري، ڳوٺ جي بازار ۾ آيس جتي مايون ڪرڙيون رکيون ويٺيون هيون. اتي ٻُڪ تڪڙي ٿي. پيسو پنجڙ خيرڪي هو، سو هڪڙيءَ مهائيءَ جي اڳيان وڃي آگر جي اِشاري سان هڪ ڪرڙيءَ جي گهر ڪيم. مائي ڪا بخيل هئي سو سوڪٽندي سوٽي نڪاءَ ڪيائين پيٽ ۾، اصل آندائي چڙهي ويا! وتي موت ڪاڏيم جبلن ڏي.

هڪ ڀيري فقير صاحبن جبلن ۾ چاليهو ڪڍيو. جڏهن چاليهو پورو ٿيو تہ خيال آين تہ ادهم سلطان بادشاهہ جي درگاهہ تي وڃي ڪجهہ وقت خيال سان رهجي. اِتي نفس ڳالهايو تہ اين شاهہ اولياءَ جي درگاهہ تي ٻڪري ڪُٺي اٿن. اُها هلي ڪاراءِ. ٿورو پنڌ ڪيائون تہ سامهون اين شاهہ جو روضو نظر آين ۽ ڏسن تہ ٻڪري ڪاهيو پيا وڃن. ٻڪري ڪٺائون ۽ نفس تڪڙو ٿيو تہ جيرا ٻکيون وني پچائي ڪاراءِ. خيال آين تہ گهرجي، اينتري ۾ هٿ آڏو آين، چي خبردار! نفس پلايو آهين. اُتي پويان پير ڪيائون ۽ سڌا ادهم سلطان بادشاهہ جي درگاهہ تي آيا.

سنڌ جي گهڻين درگاهن تي فقير صاحبن مهينن جا مهينا، ياد الاهيءَ ۾ گذاريندا هئا. حضرت مخدوم لال شهباز قلندر جي درگاهہ تي، سيوهڻ ۾ بہ ڪيترا ڀيرا ويا ۽ هڪ وقت تہ ڇهہ مهينا سانده ترسي پيا. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي صاحب جي درگاهہ تي بہ ڪئين ڀيرا ويا. هڪ دفعي اُتي درگاهہ شريف جي پٽ ڪان، ڪٻڙن ۾ ڪي چن جون سڪل حوديون هيون. انهن مان هڪ صاف ڪري ويهي ڏهو ڪڍيائون. ٻئي ڏينهن صبح جو هڪ پريو مڙس مانيءَ جو ٽڪر ۽

پاڻيءَ جو وٽو پري ڪٽي آين. فقير صاحب چين ته مون کي طلب ڪانهي. ضرورت ٿي ته گهري وٺندس. ڏهو پورو ٿيو ته اچي سونهاريءَ سان ڪاري لباس ۾ هڪ مرد اگڙيءَ ۾ ويڙهيل ٻه مانيون جن جي وچ ۾ ٻوڙ پيل هو ۽ پاڻيءَ جو وٽو ڪٽي آين، جي وٺي ڪاڌائون. پيٽائي صاحب جي روضي تان نياز ڪري سڌو درگاهه جهوڪ شريف پنهنجن مالڪن وٽ آيا. صاحب جي نظر جنهن وقت مٿن پيئي ته دانهن نڪري وين ۽ فرمايائون ته نينگر اصل پنهنجا هڏ ٻه ڪائي چڙيا اٿيئي! پوءِ چيائون ته احوال ڏي: فقير صاحب ڳالهه ڪندا هئا ته مون هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. تنهن تي فرمايائون ته تون ڳالهه ڪري وڃ. سنگت جيڪا وٽن ويٺي هئي، تنهن پاڻ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ مون سڄي ڳالهه ڪري ويس. سائينجن پڇيو ته نينگر جنهن شخص، ڏهي پوري ٿيڻ تي ماني آڻي ڏنئه سو سڃاتئه؟ پاڻ ئي فرمايائون ته پيٽائي صاحب ماني ڪٽي آيا هئا توکي کارائڻ.

فقير صاحب کي سندن مرشد سائينءَ امر ڪيو ته ڪڏڙي ۾ جناب همير فقير جي زيارت ڪري اچ. پاڻ سندن حڪم مڃي وڃي فقير صاحب کي گڏيا. همير فقير ظاهر نمونو مستيءَ جو رکندا هئا، پر باطن ۾ وڏي فيض جا صاحب هئا. وڃڻ سان ڪيڪاري چيائون ته ڀلي ڪري آيوَ اعتبار وارا فقير! هڪ ڏينهن سائينجن کي بازار وڃڻ جو خيال ٿيو ته ايتري ۾ همير فقير ڏانهن نهاري فرمايو ته فقيرو بازار گهمڻ هلندو؟ فقير صاحب اُتر ڏنو ته قبلا مان آيوئي ايتري لاءِ آهيان. بازار گهمايو پر عشق واري! ايترو ٻڌي جوش ۾ اچي همير فقير وَرَ وَرَ ڪري پيا چون ته عشق جي بازار گهمندا! عشق جي بازار گهمندا! ائين چون ٻه پيا ۽ ڪلن ٻه پيا. ٽن ڏينهن کان پوءِ فقير صاحب رخصت گهري. همير فقير صاحب کين اُيڙائڻ آيا. بازار مان گهمندي اچي

هڪ هندوءَ جي دڪان تي ويٺا. ان دڪان جي اڳيان هڪ ٿلهو هو. دڪاندار کي چيائون تہ هڪ فراسي کڻي اچ جو مهمان آيا آهن خاصا. انهن کي ويهاريو. سيٺ فراسي کڻي آيو ۽ اچي ٿلهي تي وڇايائين. فقير صاحبن کي اُتي ويهاري پاڻ وڃي سامهون ٻئي ٿلهي تي ويٺا. سيٺ کي وري چيائون تہ هڪ ٽڪو ٽامي جو بہ کڻي اچ. سيٺ اچي پيسن واري پيتي اڳيان جهلين. اُن مان ٽڪو کڻي ۽ هڪ

ڪوٺلو هينئان کڻي فقير صاحبن کي ڏيئي فرمايائون تہ هاڻي اجازت اٿوَ. وڃي مچ مچايو، گهڻيون دعائون ڪري موڪل ڏنائون.

هڪ دفعي مرشد سائينءَ امر ڪين تہ انباهہ جي سيد سائين فيض الله شاهہ سان وڃي ملي اچ. فقير صاحب وڃي شاهہ صاحب کي گڏيا، جن پڇين تہ ڪنهن جا طالب آهيو؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ درگاهہ جهوڪ شريف جا. اُهو ٻڌي شاهہ صاحب ڏاڍو خوش ٿيا ۽ گهڻو قرب ڏنائون. ڪين پنهنجي ڪمري ۾ رهايائون ۽ ٻي خلق ٻاهر لانڍي ۾ هئي. سياري جا ڏينهن هئا، شاهہ صاحب سنجهو موڙي اُتي خيال سان ويٺا، پر ڪين بيقراري ڏاڍي، گهڻي دير ويهي وري اُٿي هلن. وري خيال سان ويهي وري اُٿي ڪجهہ وقت هلن. سڄي رات ائين نبري وين. فجر نماز جي وقت شاهہ صاحبن اُٿي وڃي پاسي واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ويٺا. فقير صاحب بہ اُٿي وڃي سندن پاسي ۾ خيال سان ويٺا. شاهہ صاحب اُٿيا سو پاڻيءَ جو ڪوَنرو کڻي فقير صاحب تي پاڻي اوتڻ شروع ڪيائون.فقير صاحب مراقبي ۾ ويناني رهيا جو خيال ڪيائون تہ پلي شاهہ صاحب راضي ٿئي. شاهہ صاحب سمورو پاڻي هاري ٻاهر نڪري ويا. فقير صاحب اُٿي ڏٺس تہ ڪپڙا پڳائي ڪونهن. ٿورڙيءَ دير ڪان پوءِ فقير صاحبن شاهہ صاحب کان موڪلايو. شاهہ صاحب جوش ۾ اچي ويا ۽ فرمايائون تہ اُميد اٿم تہ درگاهہ

جهوڪ شريف اچي حضرت شاهہ شهيد صاحبؒ جي ڇهہ مهينا مٽي پريندس ۽ ڇهہ مهينا ٻهاري ڏيندس. وري جوش اچڻ تہ چون تہ شاهہ شهيد بہ مان آهيان. شاهہ قلندر داتا پير بہ مان آهيان! داتا دستگير پيران پير بہ مان آهيان! ٿورو ترسي وري چون ٿا تہ اُميد اٿم تہ ڇهہ مهينا اچي شاهہ شهيد سائينءَ جي مٽي پريندس ۽ ڇهہ مهينا ٻهاري ڏيندس. بہ چار دفعا اهڙيءَ طرح فرمايائون. فقير صاحب اجازت وٺي سڌو درگاهہ جهوڪ شريف آيا ۽ سموري حقيقت پنهنجن مالڪن سان ڪيائون. سائين عبدالستار شاهہ صاحبؒ، شاهہ صاحب جي گهڻي تعريف ڪئي ۽ فرمايائون تہ تڪو طالب حق جو آهي. مٿان فرمايائون تہ نينگر اُتر ۾ بہ شخص تنهنجي ٻولي سمجهڻ وارا آهن، جن مان هڪڙو سائين فيض الله شاهہ ۽ ٻئي هڪ سيد جو بہ نالو ڪنيائون، پر توکان گهڻو اڳي ٻئي وصال ڪري ويندا، پوءِ اُتر ۾ تنهنجي ٻولي سمجهڻ وارو ڪونہ هوندو.

✪✪

رهڻي ۽ کهڻي

حضرت فقير صاحب شڪل جا سهڻا ۽ قدآور هئا. مُنهن پريل ۽ ڪشادو، پيشاني ويڪري ۽ ڀڪندڙ هوندي هين. اکيون هميشه الاهي نُور سان پريل ۽ نمائيون. سونهاري مبارڪ سفيد جنهن ۾ تورا ڪارا وار، نه تمام ڊگهي پر پوري پني ۽ ويڪري هوندي هين. ڪنن کان ذرا گهٽ ٻڌندا هئا.

سونهاريءَ کي ڦٽي ڏيندي هڪ وار ٻه پٽ ۾ ڪرڻ ڪين ڏيندا هئا. جو فرمائيندا هئا ته حضرت شاهه شهيد صاحبن جي ٻهاريءَ جا تندڙا آهن. سندن سونهاريءَ جا وار گڏ ڪري رکبا هئا ۽ ڊپ ڊيڄي يا جنات جي اثر کان تائت ۾ وجهي ڪم آڻبا آهن.

مٽي تي رواجي طرح پوتڙيو ٻڌندا هئا، پر جڏهن سفر تي نڪرندا هئا ته گيڙو، اوائلي وقت ۾ سائو ويس پهريندا هئا. پڇاڙيءَ جا ڪجهه سال سفيد (اڇي) پوشاڪ ڪندا هئا. پهراڻ ڊگهو ۽ سلوار چوٽي مرن ڪان مٽي. جتي پائيندا هئا، سنڌي پر نرم چمڙي جي جنهن جو سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ عام رواج آهي. نئين جتي يا نئون ڪپڙو وس پڄندي بدن تي نه اوڍيائون. سياري ۾ گرم ڪوٽ پائيندا هئا، پر نيلامي يا پنهنجي ڪنهن صاحبزادي جو اڌوراٽو. ڪپهه جو سائو ٽوپ، گهر ۾ سبيل ٻه سياري ۾ پائيندا هئا. ڪاري ڪتي هميشه ڪٽ تي رکي هوندي هين جا سياري ۾ اوڍيندا ٻه هئا ۽ مراقيبي وقت ويڙهي ٻه وهندا هئا. لڱ گهٽو ڪري پير جي ڪانيءَ جي سادي ڪٽندا هئا.

فقير صاحب هلڻ جا نهايت چوها ۽ هميشه سڌي ڪندي

هلندا هئا. جڏهن ڪنهن کي ڪٿو ٿي هلندو ڏسندا هئا ته هدايت ڪندا هئس ته ڀڄو سڌو ٿي هلجي. هلڻ ۾ جوان مڙس به کين پڄي نه سگهندا هئا. پير اڇاترو کڻندا هئا، هميشه همٿ سان هوندا هئا ۽ اهڙي ته ديا هوندي هين جو ڪنهن کي مجال نه هئي جو ڪو سندن حاضريءَ ۾ گستاخي ڪري سگهي.

سندن رهڻي بلڪل سادي، بنا ڪنهن ڏيک ويک جي هئي. حُقو چڪيندا هئا ته به ساڳيو جيڪو ٿلهي تي سڄيءَ سنگت لاءِ ٺهندو هو. هيٺاهينءَ منجيءَ تي سمهندا هئا. وهڪ هميشه هيٺ رليءَ تي هوندي هين. اڌ رات کان وٺي ڳچ سج چڙهڻ تائين ۽ وري ٽپهريءَ جو مراقبي ۾ وهندا هئا ته به هيٺ رليءَ تي. ڪچهري به هيٺ ويهي ڪندا هئا، تمام جهيٽي ۽ مٺي آواز بنا ڪنهن اڊمبر جو لڪ ئي نه پوي ته ڪو ولي الله ويٺو رباني رهاڻ ڪري، بلڪ ائين لڳندو هو ته هڪ بزرگ پنهنجن ننڍن سان ويٺو گفتگوءَ ڪري. رڳو ڪمال پيريءَ جا پوبان سال ۾ ٽيڪ ڏيئي ويٺا.

فقير صاحب هر ڳالهه ۾ نيم جا پڪا هوندا هئا. هرڪو ڪم ڏيرج ۽ سعيي سان ڪندا هئا، تڪڙ ڪنهن به ڪم ۾ نه. ڏندڻ ڪرڻ، هٿ ملڻ ۽ وضوءَ جهڙيون ننڍيون ڳالهيون به ڏيري ڏيري چڱيءَ طرح صفائيءَ سان ڪندا هئا. تڪڙ ۾ ماني کائڻ يا پاڻي پيئڻ کين ڏيندا هئا. پاڻي ويهي پيئڻ جي تاڪيد ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته يڪساهي ڳيت ڪري نه پيئجي.

سندن هميشه اُهو نيم هوندو هو ته سويلئي رات جو ڪير ڏُک پي آرامي ٿيندا هئا ۽ سنجهو موڙي اُٿي خدائي خيال سان ويهي رهندا هئا ۽ ويندي فجر نماز تائين. فجر نماز پڙهي وري به ڪجهه وقت خيال سان ويهي رهندا هئا، پوءِ اُٿي ضروري حاجتون لاهي، اچي

ڪچهريءَ ۾ ويهندا هئا، جتي گفتگوءِ فقط رب جي ۽ رب جي پيارن ٻانهن جي ڪندا هئا. ڪاٻه زماني جي ڳالهہ ٻنهہ ڪانہ هوندي هئي. نڪا ڪافي، نڪو ڪلام ۽ نہ وري ڪنهن قسم جو ڪتاب ئي پڙهبو هو. ڪڏهن ڪنهن ڪلام ڪيو تہ ٻہ جوڙو، جو فرمائيندا هئا تہ ناحق دم وڃائڻا آهن. ٻنپهرن تائين ڪچهري ڪري، مانيءَ تڪر ڪائي وڃي آرامي ٿيندا هئا. پوءِ اُٿي ٻنپهرن جي نماز پڙهندا هئا. وري ٻہ ڪجهہ وقت ڪچهري ڪري ٽپهريءَ جي نماز پڙهي، وڃي مراقبي ۾ ويهندا هئا. سج لٿي اُٿي، مغرب جي نماز پڙهي، ٿوري دير مسلي تي خيال ۾ ويهي اڳوپوءِ سومهڻيءَ جي نماز پڙهي اُٿندا هئا. وري ٻہ ڪلاڪ ڏيڍ ڪچهري ڪري، ڪير ڏُک پي آرامي ٿيندا هئا. اُهو هو سندن اٺ پهرن جو نيم. مطلب تہ سڄو وقت الله ئي الله، ٻيو فنافاني جندڙو.

فقير صاحب سواءِ آبي جي ٻي ڪاٻہ نشيدار شيءِ ڪڏهن ٻہ ڪم نہ آندي. سو ٻہ فرمائيندا هئا تہ مرشد سائينءَ جي امر سان ٿو پيئان، جو پاڻ آبي پيئڻ لاءِ تي پيرا وَر وَر ڪري حڪم نہ ڪيائون. نمونيا جهڙيءَ بيماريءَ ۾ ٻہ ڪڏهن برانديءَ جو ڦڙو ٻہ نہ ورتائون. پنهنجن طالبن کي ٻہ نشيدار شيءِ واپرائڻ کان منع ڪندا هئا جو فرمائيندا هئا تہ درگاهہ جهوڪ شريف جي سيني طالبن کي اُها هدايت ٿيل آهي. ڪڏهن نشي خوريءَ جي ڳالهہ، نڪرندي هئي تہ فرمائيندا هئا تہ شراب ۾ نشو آهي، چرش ۾ نشو آهي، ڀنگ ۾ نشو آهي، نالي رب جي ۾ ايترو نشو ٻہ نہ آهي! فرمائيندا هئا تہ نشي واري طالب جو حال اُهو آهي جو خيال مان اُٿڻ مهل سمجهندو تہ ڪا منزل پٽي اُٿيو آهيان، پر حقيقت ۾ نار ۾ ٻڌل ڍڳي وانگر چڙندو انهيءَ ساڳئي پير تي جنهن تي ٻڌبو.

فقير صاحب قناعت جا صاحب هئا ۽ سڀ کان وڌيڪ تاڪيد دمن جي قناعت جي ڪندا هئا. فرمائيندا هئا ته الله سائينءَ جا عطا ڪيل دم، بنا نام جي اجايا نه وڃايو. ائين به فرمائيندا هئا ته ٻچو وڏي ۾ وڏي سخا اُها آهي جو رب ڪريم جا ڏنل دم ڏيئي ڇڏجن وات خدا جي.

دمن سجاين ڪرڻ واسطي ماٺ جي به گهڻي تاڪيد ڪندا هئا، جيئن دم نام سان ٽپيو اچي ۽ ٽپيو وڃي. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته درگاهه جهوڪ شريف تي ڪنهن اچي عرض ڪيو ته قبلا اسان ڪان جهد جفائون نٿيون پڄن. نوازش فرمائي ڪا سولي راهه رب جي ڏسيو. پاڻ جواب فرمايائون ته ٻچو جي مونکان ٿا پڇو ته ماٺ جو دڪان ڪٺي ڪجي. پاڻ فرمائيندا هئا ته ماٺ عجب آهي، ماٺ به عبادت آهي، پر جيڪا الله جي ڪارڻ، نه ته ٻي ماٺ سُودا آهي. وَرَ وَرَ ڪري هينيان به بيت ڏيندا هئا:

جـتـي منزل مــاٺ جي، اُتي ٻي منزل ڪائي ڪانه،
عـرش زمين آسـمـان جـا، وڃي ڏڍا مـاٺ مـڪـان،
ماٺ ڪندڙن جا مُنهن ڏسو، آهن صـورتوند سـجان،
احـمـد سـاڻ ايـمـان، تن سـان درس رکـجي دوسـتي،
مـــاٺ ڪر، مَڇـوَ، ڪوڇـهــو ڪنهن مَ ڪـهــه،
منديون سنديون ڳــالهڙيون، تون سـيني جـون سـهه،
ته تنهنجـو گپ مــون گـڏهه، پوري ســوڏو باهر ٿـئي.

ٻيءَ طرح به ڪفايت جو گهڻو سعيو ڪندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته ٻچو سڀ شيءِ سرڪار رب جي آهي ۽ اجائي وڃائڻ جي نه فقط منع آهي، پر اٿلو ڏوهه ٿو چڙهي. فضول خرچ ڪين وڻندو هون. شادين مرادين تي به اجائي خرچ منع ڪندا هئا. باقي مسڪين،

يتيمن ۽ نندن ٻارن کي ورانديءَ اڳيان وبهاري ڪارائڻ ڏاڍو وڻندو هون. پاڻ فرمائيندا هئا تہ پاڻي واجبي مناسبي ڪپائجي. سنان وغيره لاءِ بہ پاڻي واجبي مناسبي ڪپائجي. پاڻ گرڙي ڪرڻ لاءِ جڏهن پاڻي هٿ ۾ ڪڻندا هئا تہ اهڙيءَ طرح جهليندا هئا جو ڦڙو بہ نہ هارجي.

فقير صاحب ظاهري تعليم اصل ڪانہ ورتي. ننڍي هوندي درگاهہ جهوڪ شريف تي پنهنجن مرشدزادن کي روز اسڪول ڇڏڻ ويندا هئا تہ ڪين بہ پڙهڻ تي دل ٿي ۽ پنهنجن ستگرن کان اجازت گهربائون. ستگرن فرمايو تہ تون ذڪر رب جي سان رهہ، توکي ذڪر سڀ سمجهائيندو. پڇاڙيءَ تائين ڪين رڳو اُها خبر هئي تہ (الف) معنيٰ الله! الف اکر جو ايڏو تہ ادب ڪندا هئا جو هڪ دفعي پنهنجي رومال تي ڌوبيءَ جي پيل نساني (الف) ڏسي فرمايائون تہ ٻچو هيءُ اٿين ڪم نہ آٿيو. الف واري ٽڪري ڪئنچيءَ سان ڪپائي سامهون وهنڌ ڪڙبي ۾ وجهائي ڇڏيائون. پاڻ ڳالهہ ڪندا هئا تہ شيخ عطار صاحب الف ۽ ميم ڪٿي لکيل ڏسندا هئا تہ اُها ٽڪري ڪٽي عطر جي شيشيءَ ۾ وجهي ڇڏيندا هئا.

اوائلي عرصي ۾ فقير صاحب بہ چار ڪلام چيا. جنهن تي ستگرن فرمايو تہ جي ڪلام چوندين تہ اندر جي تاڪي کلي پونديءَ ۽ اڻ ڪتابن جي پري وجهندين تہ باقي پنڌ کان بيهي ويندين. سندن چار ڪلام ظاهر آهن جن مان بہ پنيان ڏنل آهن.

حياتيءَ جي پوئين وقت ۾ ڪلام ٻڌڻ بہ پسند ڪين ڪندا هئا جو فرمائيندا هئا تہ پنهنجو خيال تو ٻئي کي ڏجي. باقي هينيون پٽائي صاحب جو ڪلام وڻندو هون، جو بعض رهاڻ ڪندي پاڻ بہ جهيني ۽ پنل آواز سان ڳائيندا هئا:

آريائي اوهان نان ڏنو هو، جيڪي ڏنو هو مون،
اول نانءُ الله جو، محمد نانءُ منو هو،
سج چنڊ تارا ڪتيون، تنهن کان تاب تکو هو،
مکڻ ماکي مصري، تنهن کان محب منو هو،
سهڻو شاهه لطيفؒ چوي، نُور نبيءَ تي وُنو هو.

لدني علم جا ته فقير صاحب پندار هئا. رباني رهاڻ ڪندا هئا ته بي انت بحر پلتجي پوندو هو. ڪو لکڻ تي اچي ها ته هوند ڪئين گرنٿ لکجي وڃن ها. ڪيترا دفعا ته اهڙي نئين رهاڻ ڪندا هئا جو روزانو ڪچهريءَ ۾ ايندڙ به دنگ رهجي ويندا هئا. سندن رهاڻ جي خاص خوبي اُها هئي جو وچ وچ ۾ ڪيترن اوليائن ۽ رب جي پيارن بانهن جون نصيحت آميز ڳالهيون ٻڌائيندا هئا. شيخ سعديءَ جي نالي چوندا هئا ته جي ڪچهريءَ ۾ اچي ته بلڪل بهاري ڇانئجي وڃي، جامي اچي ته جوش ۽ جي شيخ عطار اچي ته وينلن جا قلب ئي کلي پون. گرونانڪ صاحب ۽ ميران ٻائيءَ جي ڏاڍي تعريف ڪندا هئا. پاڻ فرمايندا هئا ته: گرونانڪ صوفي هو. جي ميران ٻائيءَ جي جيئري گلا هئي ۽ هيءَ قدر مئي کان پوءِ ٿيس. ٻئي پاسي ڪير نهاريئي ڪونه. سڄي ڪچهريءَ تي غم ڇانئجي وڃي، جو ميران تي درد گهڻو بيتل هو. هجي به شهزادي ۽ نازڪ بدن، مٿان چوندا هئا ته ميران ٻائي ٿي چوي ته ڏينهن اٺو ٿورو ۽ پنڌ اٺوَ گهڻو، جي ڊوڙنو اٺوَ ته ڊوڙو. مطلب ته وينلن جون دليون سندن رهاڻ ٻڌي اُمنگ ۽ اتساهه ۾ پرجي تازيون ٿي پونديون هيون. ائين ڪٿي چئجي ته موئل دليون تي جيئريون ڪيائون. اُها الاهي ذات ڪين پنهنجن مرشدن جي عطا ٿيل هئي.

هڪ دفعي حيدرآباد ۾ شمس العلما مرزا قليچ بيگ سندن

ڪچهريءَ ۾ آيو ۽ ڪجهه وقت سندن رهاڻ ٻڌندو رهيو. رهاڻ پوري ٿيڻ بعد ويندي ڏانهن مُنهن ڪري مرزا صاحب چيو تہ سبحان الله! فقير صاحب سڄي رهاڻ قرآن شريف ۽ حديث مان پئي ڪئي ۽ هڪ اکر بہ ٻاهر نہ. وقت بہ وقت ڪيترا عالم ۽ منزلن وارا فقير سالڪ توڙي مجذوب وٽن صحبت لاءِ ايندا هئا ۽ روحاني راحت حاصل ڪري ويندا هئا.

فقير صاحب وٽ، سندن حاضريءَ ۾ ڪڏهن بہ زماني جو ذڪر نہ هلندو هو. زماني جي فيصلن لاءِ جڏهن بہ ڪو وٽن ايندو هو تہ پنهنجي ڪنهن صاحبزادي ڏانهن موڪليندا هئس. زماني جي صلاح مصلحت لاءِ هميشہ ائين فرمائيندا هئا تہ ٻچو ڪنهن زماني جي سياڻي ماڻهوءَ سان صلاح ڪريو. ڪڏهن بہ پنهنجن صاحبزادن کان ٻنيءَ ٻاري يا ٻيءَ زماني جي ڪاروبار بابت نہ پڇيائون. نذرانو جيڪو ملندو هو، سو بہ ادي لڇي يا ڪو ٻيو ڪٽي ننگر ۾ هلائي ڇڏيندو هو. پڇاڙيءَ تائين نوٽن سڃاڻن يا پيسن ڳڻڻ جي خبر ڪانہ هين. جڏهن سؤ جو نوٽ ڏسندا هئا تہ چوندا هئا تہ ٻچو هيءُ وڏو نوٽ آهي! ڪلاڪن وغيره جي خبر بہ خيرڪي پوندي هين! رڳو پهرن جي سڌ هين. بنهہ ترڪ جا صاحب هئا. خطن ۾ توڙي روبرو رڳو رب جي يادگيري جي تاڪيد ڪندا هئا ۽ وَرَ وَرَ ڪري فرمائيندا هئا تہ:

جنين وساريو نام، تن پٽ وڃائي پنهنجي.

فقير صاحب خوش مزاج بہ ڏاڍا هئا. ڪيتريون نيون وٽندڙ ۽ نصيحت آميز ڳالهيون ٻڌائي ننڍن توڙي وڏن کي کلائي وجهندا هئا. مثال طور هڪ ٻيري ڳالهہ ڪيائون تہ:

هڪڙي ٻروچ جي ڪنهن واڻيي سان دوستي هئي. واڻيو ٻروچ جي گهڻي خاطري ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن واڻيو ٻروچ وٽ

مهمان تي ويو. ٻروچ ڪٽ وڃائي ڏنس ۽ ماني تيار ڪرايائين. ڪنهن مهل واٽي پريان نڪاءُ ٻڌا. واٽي ٻروچ کان پڇيو تہ هي ڇا جا نڪاءُ آهن؟ ٻروچ جواب ڏنو تہ مون اڳي هڻ جو مهمان ماريو هو. سو هاڻ هڻ جو توڪي ڏنو آهي سو پلاند ڪرڻ تا اچن. تنهن تي واٽيي چيو تہ: آئون ڇا ڪريان؟ ٻروچ چيو تہ ماٺ ڪري ويهي رهہ. يلي هيڪر توڪي مارين پوءِ آئون پاڻهي خبر وٺندوسان. واٽيو يٽ ٽُپي پڄي ويو ۽ ڪپڙا ٻہ چڙهي ويو. پوءِ ٻروچ وجي ڪپرا پڇائي آيس.

ٻي ڳالھہ:

فقير هڪڙو اچي لانگهائو ٿيو تہ ڏسي تہ بازار جي مُنهن وٽ هڪڙو واٽيو منائيءَ جو خومڇو رکيو ويٺو آهي. فقير واٽي جي مُنهن ۾ نهاريو. واٽي چيس تہ ائين ڇو تو نهارين ڪو انڌو آهيان ڇا؟ فقير چيس تہ انڌو نہ آهين تہ منائي اڳيان رکي اٿيئي کائين ڇو نٿو؟ واٽيي جواب ڏنس تہ اُها وڪڻ لاءِ آهي ۽ جي مان کائون تہ منهنجو جڳهوني جهڻ ٿي ويندو! فقير منائيءَ جي چکي وات ۾ وجهي چيس تہ ادا تون نہ کاءُ، مان ٿو کان، ڀل منهنجو جڳهو جهڻ ٿئي.

ڪڏهن ڪڏهن وتائي فقير جون ڳالهيون ٻہ ٻڌائيندا هئا جي ظاهري تہ کلائيندڙ آهن پر منجهن وڏو باطوني راز سمايل آهي.

سندن طبيعت نهايت مٺي ۽ قرب ڀري هوندي هئي. وٽن ذات پات يا امير غريب جو سنڌو ڪونہ هوندو هو. آواز مٺو پر جهيڻو هوندو هون، تڏهن ٻہ سندن رهاڻ ڪيڏي ٻہ وڏي ڪچهري ۾ سيني کي چٽي ٻُڌڻ ۾ ايندي هئي.

ڀري وهڻ ني کين ڏيندا هئا، قرب سان سڏ ڪري هر ڪنهن کي پنهنجي ويجهو ويهاريندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ ماڪي جيئن گهاٽي تيئن مٺي، رهاڻ ڪندي وچ وچ ۾ تڏو ساھ ڪٽي "هُو" جو

آواز ڪندا هئا. جو سيني جو ڏيان ڇڪائيندو هو. هڪ ڀيري ڪنهن پڇين ته قبلا رکي رکي ائين ڇوٽا ڪريو؟ جواب فرمايائون ته اُهي دونهان آهن درد فراق جا جيڪي دکايا دوستن.

”يا الاهي خير“ به سندن زبان مبارڪ تي گهڻو هوندو هو. پڇڻ تي فرمائيندا هئا ته ٻچو خير جي دعا ٿي گهرجي، پنهنجي رب ڪريم کان. خير پيو گهرجئي، جو خير جا دروازا هميشه کليل آهن.

جڏهن به ڪين ڪو پيرين پوندو هو ته پڻي ٽپري فرمائيندا هئا ”خير ٻچو خير“ هڪ ڀيري ڪو سندن طالب ڪين به ٿي پيرا لاڳيتو پيرين پيو. پاڻ نهاري چيائونس ته: ٻچو صوفيءَ کي هڪڙو نياز بس آهي، هر هر پيرين نه پئجي. جي هوند نالي رب جي سان رهو ته جيڪر ٻيا پريا اوهان کي پيرين پون.

پنهنجن طالبن کي هميشه اولاد وانگر هلائيندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته ٻچو مونکي بابو مرشد مليو هو ۽ اوهان کي به بابو مرشد مليو آهي. هيءَ جاءِ اوهان کي اباڻي جاءِ آهي. هڪ ڀيري ڪنهن چين ته قبلا! مريدن کي گهڻو پيار ڏيئي ڪاري ڇڏيو اٿوَ. جواب فرمايائون ته منهنجي مرشد مونکي ائين هلايو، پوءِ مون هنن کي ٻيءَ طرح ڪيئن هلايان! پاڻ فرمائيندا هئا ته طالب به نُوري اولاد آهي. ڳوٺ جڏهن به وڃن وڃبو هو ته واپس ورڻ جي موڪل ئي ڪين ڏيندا هئا. به به ڏينهن ڪري پيا ترسائيندا هئا ۽ بعض ته ائين هفتا وڏيڪ تڪائي ڇڏيندا هئا. قرب مان چوندا هئا ته جڏهن توهان جي طرف ڪان ڪڪر ڏسندو آهيان ته چوندو آهيان ته اُهي منهنجن ٻچن تي وسندا هوندا. گهڻي پيار ۽ قرب سان موڪل ڏيندا هئا ته دل پرجي ايندي هين ۽ ڪڏهن فرمائيندا هئا ته مونکان موڪلايو نه.... !!

هڪ ڀيري هڪ فيملي ڪراچي کان واپس دهليءَ وڃي ٿي. وٽائن جڏهن ڪراچيءَ لاءِ موڪلائي نڪتا ته ڪين چيائون ته اوهان جي گاڏي جڏهن راٽيپور اسٽيشن کان لنگهي ته دريءَ مان مونڊي نهارجو ته مان به هتان اوهان ڏانهن نهاربندس. انهيءَ ڏينهن گاڏيءَ جي وقت کان ڪلاڪ اڳ پيا پڇن ته پڇو اجان گاڏيءَ جي لنگهڻ ۾ ڪيتري دير آهي؟ مون ٻارڙن سان واعدو ڪيو آهي ته مون اوهان ڏانهن نهاربندس. جڏهن گاڏيءَ جي لنگهڻ جو وقت ٿيو ته اوچتو پاڻ فرمايائون ته ٻچا خير سان هينئر هتان لنگهي ويا. الله سائين خير سان وڃي پنهنجي گهر رسائيندو.

نه رڳو وڏا پر ٻار به سنڌن قرب مان ڏاپندائي ڪين هئا. موٽڻ تي دل ئي ڪين ورندي هين. هرڪو ائين سمجهندو هو ته سائين سيني کان گهڻو مونکي تا گهرن. هڪ ڀيري سنگت ۾ ويٺلن مان هڪ ٻار کانئن پڇيو ته قبلا! توهين اسان سيني مان گهڻو ڪنهن کي تا پيار ڪريو؟ جواب فرمايائون ته ٻچو جيڪو نامر سان گهڻو تو رهي اُهو اسان کي گهڻو پيارو آهي.

هڪ ڀيري هڪ سيٺ ٻارين ٻچين سنڌن تلهي تي آيو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ موڪليائون. انهيءَ ڪٽنب ۾ هڪ 14-15 سالن جي نينگر به هئي. سا به کائن موڪلائڻ آئي. پاڻ پڇيائونس ته ٻچو هاڻي وڃين ٿي، وري خير سان ڪڏهين ايندينءَ؟ ڇوڪريءَ چيو ته سائين هاڻي توهين اسان وٽ اچجو. سنڌن دل ايتري ته پڇي پيئي جو نينگر کي چيائون ته سامهون هوءَ متيءَ جي ڍيري پيئي آهي، اُتي وڃي پير جو نشان ڪري اچ. ڇوڪري پير جو نشان ڪري موٽي آئي. پاڻ نهاري چيائون ته هاڻي مون تنهنجي پير جي نشان کي ڏسي، توکي ياد ڪري ڇوندس ته هيءَ منهنجي ٻچي جو پير آهي. ايترو ٻڌي ڇوڪري

اچي روئڻ ۾ پيئي. سڀئي ڪتنب پيا ٻه ٻه ڏينهن ترسي پيا. پوءِ ڇوڪري وڃڻ جي نه پئي ڪري جيستائين پاڻ ڪيس دلاسو ڏنائون ته ٻچو مان ضرور اوهان وٽ پيرو ڪندس.

فقير صاحب ڪڏهن به ڪنهن سان رنج نه ٿيا ۽ نه وري ڪنهن تي ڪاوڙئي ڪيائون. پاڻ فرمائيندا هئا ته جڏهن به ڪو ڪنهن سان ڪوڙو ٿو ڳالهائي ته ائين سمجهجي ته هن جي دل رڳو ڪنڊا جهليا آهن. اجان گل نه جهليو اٿس. ڪنهن جي به ڳالهه نڪرندي هئي ته پاڻ فرما ئيندا هئا ته فلاڻو ڏاڍو چڱو آهي! ڪن موقعن تي پاڻ فرمائيندا هئا ته ٻچو بي عيب هڪ الله پاڻ آهي! انسان هرڪوئي عيبن سان پريو پيو آهي. اسين بي سرن جا طالب، اسان کي ڳالهائڻ جو ڪهڙو حق آهي! مٿان پاڻ فرمائيندا هئا ته:

تون اپني آپ نون سمجهاءِ،
بنهان دي نال تيڏا ڪيا.

ڏاڍهن لکيل خطن ۾ بعض زماني جون عجيب گهرون تيل هونديون هيون. ڪاوڙ ڪين ڪندا هئا، خطن جي جواب ۾ رڳو ايترو لکائيندا هئا ته مون ته توهان کي هڪ الله ڏسيو آهي، پوءِ اوهين زماني جا وچائت ڪيئن ٿيا آهيو؟ ايترو لکائي وري به ان گهر لاءِ دعا فرمائيندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي دعا جو سڄڙو گهربو هو ته اُهو به موڪلي ڏيندا هئا.

پنهنجن پرائي جو وٽن سنڌو ڪونه هو. پاڻ فرمائيندا هئا ته فقير رڳو مريد نه سنڀاليندو پر مهاندا به سنڀاليندو. جيڪي به فقير جي تڏي اچن ٿا، پوءِ چاهي زماني جي ڪم سان ٿا اچن ته رب ڪريم پنهنجن ٻانهن جي صدقي انهن جي اُها وک قبول ٿو ڪري.

مشڪل واري جو مشڪل ڳجهه ۾ حل ڪري ڇڏيندا هئا.

جيئن اڳلي کي گمان ئي نہ پوي تہ منهنجو ڪم ڪو هن در تان ٿيو. سخا جا صاحب هوندي بہ لڪ ڏاڍي رکندا هئا، پر اون هميشه اُها هوندي هين تہ سوالي خالي نہ وڃي. هڪ ڀيري ڪراچيءَ ۾ پرنسپال بوتاڻيءَ کي چيائون تہ ٻچو اسان جي حق ۾ اُها دعا گهر تہ اسان جي در تي آيل صورت راضي ٿي وڃي.

ڪشف ۽ ڪرامت جي سخت برخلاف هئا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ صوفين ڪرامت کي مجرو نہ ڏنو آهي. ڪرامت قهر جو گهر آهي ۽ هلندڙ طالب لاءِ ائين آهي جيئن ٻرندڙ باهہ جي مٿان مينهن پيو وسي، جو مڇ کي اپڻ ئي نہ ڏئي. فقير لاءِ وڏي ۾ وڏي ڪرامت اُها آهي جو سڀ سمائي وڃي، رب گريبان ۾ لڪايو وينو هجي، پر پاڙي وارن کي سڌ بہ نہ پوي. مرد اُهو جو موئل دليون جيئاري باقي مئل ماڻهو جيئاريائين تہ ڇا ٿيو...!! ايترو بہ چوندا هئا تہ ٻچو مئل ڪلون رنگجن ٿيون، باقي مئل دليون نہ رنگبيون! رڳو طالب ايو ادب ۾ بنا ننڊ جي هجي.

هيڏيءَ منزل جا صاحب هوندي بہ شريعت جا حق ۽ دنيا جا فرض پوريءَ طرح بجاءِ آندائون ۽ ٻين کي بہ اُها هدايت ڪندا هئا. هڪ دفعي فقير صاحب ڪراچيءَ ۾ هئا تہ سندن وڏو پوٽو سائين امداد علي ڪيٽ وڻڻ لاءِ ڳوٺان آيو ۽ اچي ٻڌايائين تہ (سندن گهرواري) خوش نہ آهي. پاڻ يڪدم وڃڻ جي تياري ڪيائون. طالبن مان ڪنهن عرض ڪيو تہ قبلا! ترسي پئو! الله سائين نگهبان آهي! مڙيئي خير ٿيندو. پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ ٻچو وڃڻ فرض آهي، وڏيڪ ترسي نہ سگهبو. مرد اُهو جو وچ سير ڏيئي تري، ٻئي ڪپ نظر ۾ رکي، الله طرف بہ پورو ۽ زماني طرف بہ پورو. ٻئي ٻانهون هٺندو هلي نہ تہ چوندا تہ عضوو پڳل اٿس.

زماني جي فرض ادائي بہ ڪانئن ڪو سڪي. ڳوٺ ۾ ڪو بيمار ٿيندو هو تہ پاڻ روبرو وڃي پڇي ايندا هئا. شادي، غميءَ ۾ بہ پاڻ پنهنجي سر سيني وٽ پير پريندا هئا. پنهنجي ڪمال پيريءَ وقت وري پنهنجن صاحبزادن کي اون سان پير پرڻ جي تاڪيد ڪندا هئا.

مهمان نواز بہ هڪڙائي هئا. رات ڏينهن نگر هلندو هو، جو سندن گهر تيار ٿيندو هو. آئي وئي، غريب توڙي شاهوڪار کي ماني ملندي هئي. ڏاڍي اون رکندا تہ هرڪوئي تڪر ڪائي راضي ٿي وڃي. نگر هميشه ڪشادو هلندو هو ۽ رب جي مهربانيءَ سان مهمان توڙي مسافر گهڻو ايندو ويندو هو. ڳوٺ جو غريب غربو بہ سندن نگر مان تڪر وٺي ويندو هو. گهڻو عرصو تہ پاڻ پنهنجي سر پنهنجن مبارڪ هٿن سان ماني ڪٽي اچي ٿلهي تي ڪارائيندا هئا ۽ واپس گهر ويندي خالي پنديون ۽ جونا ٿانوَ کڻندا ويندا هئا. رات جي وقت بہ سيني جي بستري وغيره جي اون رکندا هئا. سياري ۾ پاڻ وڃي روبرو ڏسندا هئا تہ متئ جو ڪپڙو سيني کي پورو آهي يا نہ؟ عمر جي پڇاڙيءَ جا ڪجهہ سال اُهو ڪم سندن صاحبزادا ڪندا هئا. جيسين هر ڪنهن کي تڪر ملي تيسين پيا پڇندا هئا تہ ٻچو سيني ننگر کيو؟ اڄ تائين بہ اُهو مهمان نوازيءَ جو دستور باقاعده چالو آهي.

ڪنليءَ، ماڪوڙي، ڪانوَ، ڪُتي ۽ ٻليءَ جي بہ ساڃي سار لهندا هئا. ايتري قدر جو روٽيءَ جو تڪر ويهاڻي هيٺان يا چولي جي پلاند ۾ لڪائي رکندا هئا تہ ڪانُ يا ڪُتو نراس ٿي نہ وڃي. بہ بسڪوٽ گهرائيندا هئا تہ بہ هڪڙو ڪيسي ۾ رکي ڇڏيندا هئا تہ متان منڍڙو ڪانُ جو وٽن نيم سان ايندو هو، سو موٽي نہ وڃي.

هڪ دفعي منجهند جي وقت ڊوڙي جو تڪر گهرائي اڳيان وينلن مان هڪ ماڻهوءَ کي چيائون تہ هوڏانهن هوُ مڙهو، اڪئين سڃو

ڪُتو ونو اٿيئي، انهيءَ کي وجي ڏيئي اچ، اُتڻ ڪاان اڳ انهيءَ ماڻهوءَ چوڊي جا ٻہ ٽڪر ڪيا، جا ڳالهہ ڪين نہ وڻي. فرمايائونس تہ يڪو ٽڪر ڏينس تہ پيرن ۾ جهلي ڪائي جيئن ڪک تہ پرجيس. ٻہ ٽڪر هوندا تہ هڪ ٽڪر ٻيو ڪُتو يا ڪانُ ڪٽي ويندس، جو اڪين ڪان ڏسي نٿو سگهي. پاڻ وري ٻيو وڏو ٽڪر ڊوڊي جو گهرائي ڪُتي کي ڏياريائون. اهڙيءَ هئي سندن طبيعت نرم ۽ قياس واري.

هڪ دفعي ڪنليءَ ڏانهن نهاري پڇيائون تہ ٻچو جيڪو هن ڪوبليءَ جو قياس ڪري تنهنجو ڇا ٿئي؟ ائين چئي پاڻ ئي جواب فرمايائون تہ انهيءَ جو الله سائين پاڻ قياس ڪري.

فقير صاحب پنهنجن طالبن کي هر طرح جي سمجهاڻي ڏيندا هئا تہ دنيا ۾ ماڻهو ٿي ڪيئن رهجي! پاڻ فرمائيندا هئا تہ اَڄ حيوان ملڪ ۾ گهڻو آهي، ماڻهو ڪو ڪو آهي جو ماڻهن ۾ حيواني عادت گهڻي آهي.

پاڻ تاڪيد ڪندا هئا تہ: بکيو اُجيو، ٻنيي تان پگهر جي ڪمائيءَ مان ڪائي پي راضي ٿي وجي تہ ان جهڙو ٻيو ثواب ڪونهي. گهر آيل جي منهن ڏانهن نہ نهارجي پر سندس پيٽ ڏانهن نهارجي. رب پچ جو پيالو جهڙو پاڻ ڪائجي تهڙو هن کي بہ کارائي ڍُو ڪرائي راضي ڪري ڇڏجي، پوءِ هن ڪان دعا گهرجي نہ، جو هن جي دل راضي ٿي تہ اڻگهري دعا ٿي چڪي. ڪمهلي مهمان مان بہ اصل ڪک نہ تجي جو مهمان ٻڪيءَ سان تو اچي، ٻچندا هئا تہ خومچي وارو جنهن وٽ آوت جاوت چڱي هجي اُهو پلو ڪين وڏو دڪان هجي، جتي ڪو اچيئي ڪونہ، اُهو پلو؟ جي مهمان اَچڻ بند ٿي وجي تہ اُها ڪمبختيءَ جي نشاني آهي. پنهنجي ڏاڏي سائين نواب خان جي ڳالهہ ڪندا هئا تہ هڪ ماڻهوءَ جي ماني هميشہ پاسيري رکي

ڇڏيندا هئا ته متان ڪو مهمان ڪمهلو اَچي نڪري.

پاڻ فرمائيندا هئا ته: طالب لاءِ ننگر ۽ ننگن تي نظر رکڻ خدائي فرض آهي. ننگن يعني ٻارن ٻچن جا ڪُل احتياج پورا ڪري، جيئن منن ڪي ٻئي طرف نهارڻ جي ضرورت نه ٿئي. ننگن جو بار ڀاري آهي، جي اهڙو لاچار اچي پوي ۽ ننگر ڇڏائجي وڃي، ته به ننگ نه ڇڏجن. سختي جيڪا به ڪرڻي هجيس سان پاڻ سان ڪري.

هڪ دفعي سندن هڪ طالب ڪوپ مان چانهه پئي پيتي، پاڻ نهاري فرمايائنس ته ٻچو ائين ته سڄي جوڻي ٿي ويندي. جي هوند پليٽ ۾ وجهي پيئن ته ڪو ٻيو اوچتو اچي وڃي ته جيڪر ڪيس ڍُڪ ته ڏيئي سگهين! ٻچو وندي وراهي ڪائجي.

پاڻ هدايت ڪندا هئا ته مرشد کي نذرانو به پوءِ ڏجي، پهرئين مسڪين ياءَ پرائيءَ جي سار سنڀال لهجي. پاڻ ڳالهه ڪندا هئا ته سکر ۾ هڪڙو ماڻهو گهڻي دعوت ڪندو هو، پر سڏ رڳو پاڻ جهڙن پرين ياڳين کي ڏيندو هو. پاسي ۾ سندس مسڪين سؤٽ رهندا هئا، جن جو گذر ڏاڍو ڏکيو هو. هڪ ڀيري انهيءَ سکر واري ماڻهو دعوت ڪئي پر مسڪين سؤٽن مان ڪنهن کي به ڪوٺ نه ڏني. سندس هڪ سؤٽ دل ۾ ويچار ڪيو ته ٻُک ٿو مران! سو پوٽڙو متان وجهي مُنهن ڍڪي وڃي ٻين سان گڏ ڪاڻ ويٺو. ٻئي ڏينهن انهيءَ سکر واري ماڻهوءَ ڏٺو ته سندس گهرجي اَڱڙ ۾ ٻڌي جيڪا سڪي سڙي پيئي هئي، سان سائي ٿي پيئي آهي. ڏاڍو عجب لڳس. هڪ درويش ڪان پڇيائين، جنهن چيس ته رات تنهنجي ننگر مان تنهنجو هڪ مسڪين ياءُ ڍُو ڪري اُٿيو آهي ۽ انهيءَ ٻڌيءَ تي هٿ ڌوتو اٿس. پاڻ فرمائيندا هئا ته: "اول خويش پس درويش" انهيءَ جي صحيح معنيٰ آهي ته پهرين پنهنجا، نه پهرين پاڻ ۽ پوءِ درويش.

هندستان کان جڏهن بہ وٽن وڃبو هو تہ ڏاڍيءَ اُڪير سان هڪ هڪ جو نالو وٺي پڇندا هئا تہ خوش ٿيندا هئا؟ مٿان پڇندا هئا تہ تون ڪائنس موڪلائي آيو آهين؟ جي چئبو هون، قبلا سائين فلاڻن کان موڪلائي ڪين سگهيس تہ ڏک وچان فرمائيندا هئا تہ ٻچو ائين نہ ڪجي. توڙي ڪٿي اڳـلـو نہ پڇي تہ بہ جنهن جي مهابي وڃجي ٿو، اوڏانهن نگاهہ ڪري هليو وڃجي، جيئن اڳلي ڪي اطلاع تہ ٿئي.

هڪ ڀيري پنهنجي هڪ طالب کان پڇيائون تہ ڪيئن خبر پوي تہ طالب ڪي مرشد وٽيو آهي؟ مٿان پڇيائونس تہ ڳريائي سپ وٺندا اٿيئي؟ جي نہ، تہ چئبو تہ مرشد بہ نہ وٽيو اٿيئي! پلا جڏهن مرشد انهن جا عيب ثواب نہ ڏسي ڪين پنهنجو ڪيو، پوءِ تون ڪير جو انهن جا عيب ڏسين!

درگاهہ جهوڪ شريف لاءِ جيڪو ادب ۽ قرب هوندو هو، تنهنجو بيان ٿي نہ ڪري سگهبو. ائين ڪٿي چئجي تہ انهيءَ پنهنجي مرشد ڪجي در تي ننهن کان چوٽيءَ تائين وڪاڻل هئا. وس پڄندي، حضرت شاهہ شهيد صاحبن جو ميلو ۽ حضرت شاهہ قلندر داتا پير صاحبن جو ميلو. جنهن کان 5-4 ڏينهن پوءِ سندن مرشد جو ڏهاڙو بہ ٿيندو هو، سي نہ گسايائون. اوائلي وقت ۾ تہ ڳوٺان پيرين پنڌ منزلون ڪندا اچي درگاهہ شريف تي پهچندا هئا. ۽ پوءِ جڏهن سواريءَ تي اچڻ ٿيندو هون تہ بہ رستي تي ڳوٺ جي ٻاهران پل وٽ لهي درگاهہ شريف تائين پنڌ ڪندا هئا. پڇاڙيءَ جا ڪجهہ سال، جڏهن مسافري ڪرڻ سندن لاءِ ڏکي ٿي، تڏهن پنهنجن صاحبزادن کي ميلن تي موڪليندا هئا.

سيني مرشدزادن، وڏن توڙي ننڍن لاءِ ازحد قرب هوندو هون ۽ سائن اُدب سان پيش ايندا هئا. هڪ ڀيري صاحبن ڪريمن عبدالستار شاهہ صاحبن جي سندن ستگرن جا پوٽا هئا، تن چين تہ

اسان جي هن نندڙي نينگر کي رستي تي حيدرآباد ڇڏيندا وڃجو. پاڻ سڄو وقت موٽر ۾ صاحبزادي کي هنج ۾ کڻي ويٺا رهيا. جڏهن حيدرآباد ويجهي آئي تہ پنهنجي طالب ديوان سيرومل ڪرپالداس کي حڪم ڪيائون تہ صاحبزادي لاءِ شهر مان ڪو بوٽ وٺي اچج. ديوان سيرومل نندڙي صاحبزادي کي هنج ۾ کڻي وڃڻ جي اجازت گهري. پاڻ فرمايائونس تہ ٻہ چار چڱا بوٽ ڏسي وٺي اچ تہ انهن مان هڪڙو چونڊي مان پنهنجي هٿن سان صاحبزادي کي پايان ۽ پوءِ جاءِ تي پهچائي اچونِ. ديوان سيرومل بوٽ وٺي آيو، جن مان هڪ چونڊي صاحبزادي کي پنهنجن هٿن سان پاتائون.

پنهنجن ستگرن جي ڳالهہ ڪندي فرمائيندا هئا تہ ٻچو منهنجا سائين جڏهن دعا جا پير پري منهنجن ڪکن ۾ ايندا هئا تہ بعض اجا گوڏوڻي مس ڪوڙيندا هئا تہ هلڻ جو خيال ايندو هون ۽ پڇندا هئا تہ نينگر مون هاڻي هلان؟ مون ٻانهون ٻڌي عرض ڪندو هوس تہ قبلا! جيئن سائينءَ جي مرضي! نہ ڪڏهن مون ڪا حجت هلائي ۽ نہ وري ڪا گهرڻي ڪيم. رڳو هڪ پيرو عرض ڪيومان تہ دعا فرمايو تہ جيڪا ٻہ دعا مان اوهان جي اولاد جي حق ۾ گهران سا قبول پوي.

درگاهہ شريف لاءِ فرمائيندا هئا تہ شهنشاهہ جو حضور آهي. جيڪي آيا سي اگهيا "پيرو نہ ميرو" اُهو سندن فرمان آهي. ڪچي ڏڪڻيءَ ۽ منڍي ماکوڙيءَ جو بہ ذمون ڪنيل اٿن. زيارت ۽ ميلي تي وڃڻ جي سيني طالبن کي ڏاڍي تاڪيد ڪندا هئا. ڪمال پيرويءَ هوندي بہ پاڻ درگاهہ شريف جي دائري اَندر دستور موافق پيري اُگهاڙا اُٿندا وهندا هئا جو عين ادب جي جاءِ آهي. هتي جي مٽي بہ ڳالهائي ٿي پر انهن سان جن جا ڪن کليل آهن. تحقيق فقير صاحب ڪمال درجي جا سالڪ هئا ۽ سندن پيروي نبوي هئي.

✪✪

آخري سفر

فقير صاحبن جي طبيعت الله سائينءَ جي فضل سان گهڻو ڪري ٺيڪ رهندي هئي. ٿوريءَ گهڻيءَ تڪليف ڪي ته ليڪيندائي ڪين هئا ۽ سندن اٿڻي ويهڻيءَ، ڪچهريءَ ۽ نماز جا وقت سڀ بادستور هلندا پئي آيا. ڪين پهريون پيرو پيشاب جي رڪاوٽ جي تڪليف 1953ع جي وچ ڌاري ٿي ۽ علاج لاءِ ڪراچي ويا. ڊاڪٽرن سندن عمر جي لحاظ کان آپريشن ڪرڻ واجب نه سمجهيو ۽ ڪين دوائن تي رکيائون. 1955ع ۾ نزلي ۽ دم جي تڪليف به ٿي پين. حڪيم يا ڊاڪٽر جيڪي ڪين ڏسڻ ايندا هئا سي عرض ڪندا هئا ته وِهڪ گهٽائجي. پاڻ انهيءَ ڳالهه تي اصل ڌيان نه ڏنائون ۽ نيم موجب تهجيءَ جو توڙي اڌ رات جو خيال ۾ ويهندا هئا. ڪچهريءَ به دستور پٽاندر وينيئي ڪندا هئا. باقي طبيعت ضعيف هئڻ سبب سياري ۽ اونهاري جو مهينو به اچي ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا. اُتي به گهڻو وقت رهڻ پسند ڪين ڪندا هئا ۽ جڏهن به وڌيڪ وقت رهڻ لاءِ عرض ڪبو هون ته فرمائيندا هئا ته پڇو مون اُمر جو بندو آهيان، وڌيڪ ترسي نه سگهبو.

نومبر 1960ع ۾ گهڻي ٿڌ سبب دم جي تڪليف ۽ پيشاب جي رڪاوٽ وڌي وين. ڪين عرض ڪيو ويو ته ڪراچي علاج لاءِ هلون. پاڻ پنهنجن صاحبزادن ۽ پنهنجي ڀائيجي فقير دين محمد کان پڇيائون ته ڪهڙي صلاح آهي؟ سيني عرض ڪيو ته ٿڌين سبب ڪجهه وقت ڪراچي وڃو ۽ وڃي علاج ڪرايو. پاڻ هائو ته ڪيائون

پر وَر وَر ڪري پيا چون تہ ٻچو پيري آهي، بيماريءَ جهڙي ڳالهہ آهي.
هينئر ماڻهو جو اُڌ ساهہ آهي، وري الائي ورجي يا نہ!

28 نومبر سومر ڏينهن صبح جو موٽر رستي هلڻ جي تياري ڪيائون. گيڙو ويس ٻڌائون ۽ پنهنجن صاحبزادن کي گهرائي، ڪين ظاهر وَ باطن جون ڳالهيون سمجهايائون. پهرين سيني سان گڏي ڳالهايائون ۽ پوءِ هر هڪ سان خلاصو حالي احوالي ٿيا. سڀني فقراءَ کان گهڻي قرب سان موڪلايائون. پنهنجي صاحبزادي سائين علي گلاب کي خاص هدايت ڪيائون تہ متان موٽڻ نہ ٿئي تہ اسان جي تربت تي رڳو ڪلام الله شريف پڙهجو ۽ راڳ روپ نہ ڪرائجو. بلڪ پنهنجي لاءِ جاءِ بہ مقرر ڪري ڏيکاري ڇڏيائون. عجب تہ اُهو جو ايترين ڳالهين ٿيندي بہ ڪنهن کي سمڪ نہ پيئي تہ ڪو جهان ڇڏڻ جي تيارين ۾ آهن.

صبح جو اٽڪل سادي ستين وڳي موٽر ۾ ڳوٺ کان روانا ٿيا. سائين دين محمد گڏ هون. رستي تي حيدرآباد ۾ ڪلاڪ کن ترسي مانيءَ تڪر ڪائي آرامي ٿيا ۽ 8 وڳي رات جو اچي ڪراچي رسيا. سندن ڪيترا طالب خاص ٻبنيءَ کان آيل هئا ۽ سڀ سندن اچڻ جي انتظار ۾ هئا. سيني سان گهڻي پيار سان مليا ۽ ويهڻ سان خدائي گفتگو شروع ڪيائون. ساندهہ ڪلاڪ کن ڪچهري ڪيائون. هڪ ڪمال پيري، ٻيو تي سؤ ميلن جي پڪي مسافري، پر جڻ ٿڪئي ڪونہ هون! پنهنجي تڪليف وساري ٻين سان قرب ونڊڻ اُهو سندن وڏ هو.

ڪچهريءَ جي وچ ۾ ڪنهن عرض ڪيو تہ قبلا! ڪٿ تي مٿي چڙهي ٽيڪ ڏيئي تہ ويهو، جو هيڏو سفر ڪري آيا آهيو. پاڻ فرمايائون تہ ٻچو هي ٽيڪون سڀ ڇڏي هلبيون. ٽيڪ بہ هڪ نالي رب

جي ونجي. پاڻ فرمايائون ته سفر ۾ ماڻهو هوريان ڏاڍيان هلندو هلي ته وجي خير سان منزل کي رسندو. جي بيٺو ته سڄ لهي ويندس. گفتگو کندي يتائي صاحب جو هيٺيون بيت ڏنائون. جنهن ۾ به سندن وڃڻ جو اشارو هو، پر ارمان جو کنهن جو به ان طرف ڌيان کونه ويو.

جوڳي جڳ گهٽا، آءُ پنهنجا نه ڏسان،
ساريو تن سانگيئڙن کي، ويني هت هٽا،
جن جي منهن ۾ مٽيا، سي آديسي اٿي ويا.

ٻن چئن ڏينهن ۾ بي به کيتري سنگت بمبئيءَ ۽ هندستان جي ٻين پاسن کان اچي سهڙي. جڻ ته سيني کي ڏاهي ڏور وجهي، آخرين ملاقات لاءِ گهرايو.

فقير صاحب روز صبح توري سانجهيءَ بادستور سنگت کي نام روپي امرت پياربندا هئا. گفتگو رڳو خدائي هلندي هئي.

2 ڊسمبر شام جو اوچتو پيشاب اچڻ بند ٿي ويو. ڊاڪٽر گهرايو ويو، جنهن نليءَ رستي پيشاب ڪڍيو. ان کان پوءِ سواءِ نليءَ وجهڻ جي وري پيشاب نه آيو. تنهن ڪري سواءِ آپريشن جي ٻيو چارو ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. سندن ڳوٺ ماڻهو موڪلي صاحبزادن کي گهرايو ويو ۽ سيني گڏجي فيصلو ٻيهاريو ته لاچار آپريشن ڪرائجي. فقير صاحب کي به حقيقت پيش ڪئي ويئي ۽ پاڻ به اجازت ڏنائون.

آپريشن جي تاريخ 15 ڊسمبر 1960ع مقرر ٿي. کهڙي ڳالهه ڪجي! هيڏيءَ تڪليف هوندي به پاڻ هميشه جيان خدائي گفتگو نيم سان ڪندا رهيا ۽ ڪڏهن چرچا به ڪندا هئا، جڻ ته ڪين ڪا به تڪليف ڪانه هئي.

هڪ ڏينهن ظاهري گهڻي تڪليف هئي، جنهن ڪري به ٿي چٽا جي سندن خاص خدمت ۾ هئا. تن جا منهن لٿل هئا. پاڻ نهاري

پڇيائون ته منجھيا ڇو آهيو؟ تڪليف مونکي آهي ۽ منهن ڪٽي توهان گنجايا آهن! ٻچو اُهي سُور ٻرا، الله سائينءَ پنهنجن پيارن کي سوغاتون ڪري بخشيا آهن. پاڻ فرمايائون ته بيماري ڇڏي وڃڻ يا بيماريءَ کي ڇڏي وڃو... ! ٻيو ڇا....!

هڪ ڏينهن فقير صاحب جيئن کٽ تي ليٽيا پيا هئا ته سنگت مان ڪن انهيءَ حال ۾ ٿورو پريان پاڻ ۾ وڻي ڳالهايو. پاڻ هڪ ڇٽي کي سڏ ڪري آهستي فرمايائون ته ٻڌي اچين ته ڪهڙيون ٿا ڳالهيون ڪن. هن اچي عرض ڪيو ته قبلا! ڪا زماني جي ڳالهه وڻا ڪن. ايترو ٻڌڻ سان سنگت ڏي نهاري قدري ڏک مان فرمايائون ته ارمان آهي اوهان جي حال تي جو منهنجي روبرو وڻا زماني جي ڳالهه ڪريو. مون اوهان کي رڳو رب جي راهه ڏسي آهي.

14 تاريخ شام جو ڪين اسپتال ۾ داخل ٿيڻو هو، ٻر پاڻ صبح کان ئي تياري ڪرڻ لڳا. ائين جيئن هميشه مسافريءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيندا هئا. گيڙو ويس ٻڌائون ۽ هر هر پيا پڇن ته ٻچو ايتري دير ڇو ڪئي اَٿوَ؟ هلڻ محل فرمايائون الله توهار، ٻيڙائي پار، موٽر ۾ چڙهي اچي ڊاڪٽر پنٽو جي اسپتال ۾ پهتا. اسپتال ماٿهن سان ڀري پيئي هئي. هرڪو سندن ديدار لاءِ پئي آيو ۽ پاڻ هر ڪنهن کي دعائون پئي ڪيائون.

بمبئيءَ کان سندن مريدياڻي ڊاڪٽر راڻي آڏواڻي سندن خدمت ۾ حاضر هئي ۽ آپريشن جي انتظام ۾ لڳل هئي. درگاهه جهوڪ شريف کان سندن مرشدزادا حضرت ارشاد عباس صاحب (جي هن وقت درگاهه جهوڪ شريف جا گادي نشين آهن) ۽ حضرت سائين حاجي محمد وارث صاحب ۽ ٻيا صاحبزادا پڻ سندن طبع پرسيءَ لاءِ پهچي ويا هئا. پاڻ سيني سان قرب سان پئي ڳالهايو.

پنهنجي صاحبزادي سائين علي گلاب صاحب کي گهرائي خاص هدايت ڪيائون ته مٿان وقت حياتيءَ جو پورو ٿي اچي. تنهن ڪري خبردار ٿي منهنجي پِر ۾ ويٺو رهج.

تاريخ 15 صبح جو آپريشن ٿيو، پر سڄي ڏينهن ۾ سندن طبيعت سرهي ڏسڻ ۾ آئي. رات جو هڪ وڳي ڌاري سجاڳ ٿيا ۽ پڇيائون ته وقت گهڻو ٿيو آهي؟ ڪنهن جواب ڏنو ته قبلا! اجان سنجهو آهي. ڪين ته رات ساري پيئي هئي، سو فرمايائون ته ڪوڙ ٿو ڳالهائين، ٻه پهر رات جا گذري چڪا آهن، مون کي اُٺاري ويهاريو ته خيال سان ويهان. خدمت ۾ ويٺلن عرض ڪيو ته قبلا! آپريشن ٿيل آهي ۽ ڊاڪٽرن اُٿڻ کان منع ڪئي آهي ته مٿان ٽاڪا کلي پون. پاڻ اُٺاري وهاريو ته خيال سان وهان. خدمت ۾ ويٺلن عرض ڪيو ته قبلا آڇريشن ٿيل آهي ۽ مٿان ٽانڪا کلي پون. پاڻ اُٺاري وهاريو ته دعا ڪندو سانوَ. ٻچو منهنجا سائين ڇا چوندا ته فقير منهنجو اَمر وساري ڇڏيو! سبحان الله! سوا سؤ ورهين جي عمر، ههڙو نازڪ آپريشن، سڄي عمر جي عبادت، هيڏو رُتبو، مگر پنهنجي سنگرن جي چوائيءَ جي پونواريءَ جي اون ته ڏسو....!!

16 ڊسمبر صبح جو سجاڳ ٿيا ۽ سيني سان مشڪي ڳالهايائون. سائين حاجي محمد وارث صاحب جنهن وقت ڪائڻ موڪلائڻ آيا ۽ ڪين ياڪر پائي گڏيا، ان وقت ڪين گهڻيون دعائون ڪيائون ۽ پڇيائون ته ڪاڏي هليا آهيو؟ سائين حاجي محمد وارث صاحبن جواب ڏنو ته درگاهه شريف تا وڃون، جو اڄ سائين شاهه قلندر داتا پير صاحبن جو ڏهاڙو آهي ۽ ميلو آهي. تنهن تي پاڻ فرمايائون ته قبلا! اڄ چڱو ڏهاڙو آهي، توهان هلو ته مان به اچان ٿو ۽ هينيون بيت ڏنائون:

جهازيتيمن جو، پاڻيءَ ۾ پرتوءِ،
بندرجي ڀڀيءَ تي، اچي هادي هٿ ڏجو.

صاحب ڪانئن موڪلائي روانا ٿيا. تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر راتيءَ کي گهٽي پيار سان ڳراٽڙي پائي فرمايائون ته ٻچو ڏاڍي ڪوڙي دوا پياري اٿئي. مون کي وري اهڙي ڪوڙي دوا نه ڏجو. سٽيئي بيهوشيءَ جي حالت تي وين ۽ آهستي آهستي بخار وڌڻ لڳو، جو شام تائين وڃي 106 سينٽي گريڊ تي پهتو. بخار لاهڻ لاءِ گهڻائي حيلا هلايا ويا پر ڪين فرق نه ڪيو. رات جو 10 وڳي پاڻ هن فاني جهان مان برقو متائي دارالبقا ڏي روانا ٿيا. عين ان وقت درگاهه جهوڪ شريف تي سماع جو راڳ پئي هليو ۽ گاديءَ ڌڻي سائين عبدالستار شاهه صاحب فقير صاحب جي ٻاريءَ طرف نهاري فرمايو ته آبا فقير صاحب خير سان پهچي ويا!

سندن وصال تاريخ 27 جمادالثاني سال 1380هجري 10 وڳي رات جو، برابر 16 ڊسمبر 1960ع ڪراچي ۾ ٿيو. پاڻ سائين شاهه قلندر داتا پير صاحب جي رحلت فرمائڻ واري ساڳي تاريخ ساڳيو مهينو ۽ ڏينهن ڪنيائون!

رات جوئي ڪين غسل وغيره ڏنو ويو ۽ سڄي رات سندن هدايت موجب ڪلام الله شريف جو ورد چالو هو. 4 وڳي پرڀات جو جنازي نماز ادا ڪئي ويئي ۽ 5 وڳي سندن جسم مبارڪ عظيم شان سان موٽر رستي جلالاڻي شريف لاءِ روانو ٿيو. سندن رحلت فرمائڻ جي خبر خيرپور رياست ۽ ٻين پاسي بجليءَ جيان پکڙجي ويئي ۽ سون ۾ خلق جلالاڻي شريف پهچي ويئي. پنجين وڳي شام جو سندن جسم مبارڪ جلالاڻي شريف پهتو. جتي ٻيهر جنازي نماز

ادا ڪئي وبني ۽ سچ لهڻ کان اڳ ڪين وڏي احترام سان مدفون ڪيو ويو.

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سپرين، روئان تان نہ رهن،
آءُ جهليندي ڪيترو، آيل! سامونڊين،
پڳهہ ڇوڙي جن، وڏا پيڙا پار ۾.

✪✪

فقير صاحبن جا چيل ڪلام

(1)

پيتم جام وحدت جو، وجود جو ترڪ تڏهن ٿيڙو،
نشو ٿيو نينهن جو غالب، پيچي پورا ڪيئين قالب،
رهيو مطلوب نا طالب، نظر ۾ نانهه ڪو پيڙو،
صحيح ڪيم سير هيءُ سارو، ماري انالحق سندو نعرو،
وڃائي ورهه جو وارو، صدق تنهن تان جسو ٿيڙو،
وُڙهي جڏهن لا سندي ڪاتي، تڏهن ٿيو عشق اثباتي،
رهيو آ ذڪر نا ذاتي، نصيرا نام نفي ٿيڙو.

(2)

اولا ڪر ڪي آدم آيا، رک سان اهو ول شاهي دا،
گهن ميدان محبت والي، اندر مسجد ٻاهر چالي،
هر صورت وچ ناز نرالي، عجب رنگ الاهي دا،
ظاهر ذات صفات هڪو هڪ پاوين، ڪوڙا دليل کهڙا پيو اڏاوين،
الانساني چم ڪر چاوين، تون هين صاحب تاج ڪلاهي دا،
نصير محمد هر مظهر وچ، سير ڪيتوسين سڀ گهر دي وچ،
سوئي آيا هي نور نظر وچ، ست غير اهو گمراهي دا.

(3)

متي ٻول سباجھڙي لات، ڪانگ خبر ڏي خير مهر جي،
مٺيءَ جي ملڻ جو پهه جو ڪيائون، وائي اها اتن وات،
ڏينهن سڄوئي ڏک ۾ گذري، روئيندي ساري رات،
بس اکين کي ڪين اڃي تي، برهه وٺي برسات،
متان نصير ڪرين دل ماندي، پرين ايندا پريات.

(4)

مارن ري ماندي، وينئي وات نهاريان،
چرخو درد فراق جو، پرت سندي پاندي،
تون هين تند تنواريان
ڪوٽن ۾ ميان سومرا، هت ارادي ڪنهن آندي،
گوندر ۾ ويٺ ڏينهڙا گهاريان،
تنهنجي نينهن نصير کي. برهه ڪيو آ باندي،
وينئي هنجون هاريان



حضرت لطف علي صاحب فقير صوفي القادري
سجاده نشين درگاهہ جلالاڻي شريف

سجاده نشيني

جناب فقير صاحبن جي وصال بعد سندن ئي حڪم پٽاندر سندن وڏي صاحبزادي سائين لطف علي صاحبن کي گاديءَ تي ويهاريو ويو. سائين ارشاد عباس صاحب پنهنجي والد حضرت عبدالستار شاھ جي أمر سان درگاھ جهوڪ شريف تان جلالائي شريف اچي اُها رسم ادا ڪئي، پوءِ حاضرين سنگت گهڻي صدق سان سائين لطف علي صاحبن کي سجدو ڏنو.

حضرت شاھ قلندر داتا پير صاحبن ۽ فقير صاحبن جي وصال جي تاريخ ۽ مهينو ساڳيو آهي. هجري سن موجب انهيءَ تاريخ تي حضرت شاھ قلندر داتا پير صاحبن جو ميلو درگاھ جهوڪ شريف ۾ ٿيندڙ آهي. ان بمدنظر فقير صاحبن جو ميلو درگاھ جلالائي شريف ۾ سنڌي ڦڳڻ مهيني جون ٽي راتيون، (27-28 ۽ 29) ستاويهين، اٺاويهين ۽ اوڻٽيهين مقرر ڪيو ويو. فقرير صاحبن جا سوين طالب ۽ عقيدتمند هند سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪهي اچي ميلي ۾ شريڪ ٿيندا آهن. ميلي جو دستور ساڳيو درگاھ جهوڪ شريف وارو قائم آهي.

سائين لطف علي صاحبن سنتئي فقير صاحبن جي روضي مبارڪ جو ڪم شروع ڪرايو، جو پنجن سالن جي عرصي بعد سال 1965ع ۾ نهي راس ٿيو. هر روز ڪيترا قربدار ڪتان ڪتان ڪهي اچيو سندن زيارت ڪن ٿا.

ڳالهيون ڳڻ ڳارين، مون مارين جانب جت بلوچ جون.

✪✪

فقير صاحبن جو اولاد

جناب فقير صاحبن کي چار فرزند آهن. سيئي آل عيال وارا آهن ۽ پنهنجي ڳوٺ جلالاڻي شريف ۾ رهن ٿا. چارئي نالي رب جي سان فيض جا صاحب آهن. سندن اٿڻي ويهڻي بلڪل سادي ۽ بنا ڪنهن ڏيک ويک جي آهي. وڏا ٽيئي صاحبزادا سنڌي پڙهيل آهن ۽ فارسيءَ جو ٻه مهاورو اٿن. باقي ننڍي صاحبزادي جي اسڪولي تعليم ورتل ڪانهي. مدني علم جي وٽن ڪمي ڪانهي. شهباز جا ٻچا شهباز ئي آهن.

سندن ماتا صاحب اڃان حيات آهي. ڪيتري عرصي ڪان اکين جي نظر بلڪل ڪانه اٿن. پنهنجي حياتيءَ جو ڳچ عرصو لنگر جي خدمت ۾ گذاريائون. اوائل ۾ جڏهن ڳوٺ ۾ اَن پيهڻ جي چڪي يا مشين ڪانه هئي، تڏهن وڏو اسر ڏيئي ننگر لاءِ جنڊ تي اَن پيهندا هئا ۽ ننگر تيار ڪندا هئا. هيئنر سڄو وقت نام سان گذارين ٿا. جڏهن ٻه ڪين فقير صاحب جي طالبن مان ڪا گڏبي آهي ته چوندا اٿس ته ٻچا توهان کي ڪامل مرشد مليل آهي، توهين ٻه سندن چوائي وٺي وجي ڪامل ٿيو.

سائين لطف علي صاحب: سيني ڀائرن ۾ وڏا، هن وقت گادي نشين آهن ۽ هميشه خدائي خيال سان رهن ٿا. ساڳي والد صاحبن واري ٻُر وٺيو ٿا اچن. قد جا ننڍا، سرير ۾ هلڪا پر قرب ڪرتان ڪوٺ پريل اٿن. آئي وٺي کي وَر وَر ڪري چوندا آهن ته ادا اسان جا پائر آهيو جو هڪ اَبي جو اولاد آهيون. بعض ته ٻئي ٻانهون ڳچيءَ

سائين علي گل صاحب



سائين علي گلاب صاحب

سائين حسن بخش صاحب

فقير دين محمد صاحب

۾ وجھي پيـــار مـــان ڀاڪر پائي چون تہ توهان کي ڏسي بيحد خوش ٿو ٿيان.

جڏهن بہ ڪو دعا گھرين تہ اکيون روضي شريف طرف ڪٽي چوندا تہ اسان جا هٿ بہ سندن دامن ۾ آهن. هڪ ڀيري سنگت مان ڪنهن چيو تہ قبلا! اوهين بہ ساڳيو سرُ آهيو. پاڻ جواب فرمايائون تہ آبا پنهنجـو ننگ تـا سنيـالين. باقي پاڻ ۾ حـال ڪونهي. ايڏي آهي منجهن نهٺائي ۽ نياز. حقيقت تہ ائين آهي تہ اجان سندن زبان مبارڪ مان دعا نڪريئي مس تہ ڪم راس ٿيو وڃي.

ازحد صابرين ۽ رضا تي راضي رهڻ وارا آهن. سندن وڏو پٽ سائين امداد علي، سخي مرد، مجاهد ۽ ڪم ڪار جو برجستو، چاليهن ورهين جي جوانيءَ ۾ ئي راهہ رباني وٺي ويو. فقير صاحب جو بہ مٿس گھڻو پيار ۽ راضپو هو، پر سائين لطف علي صاحب جنهن صبر سان رب رضا قبول ڪئي، تنهن سيني کي هيران ڪري ڇڏيو. وري تازو ڪجهہ عرصو ٿيو تہ سندن ٻيو نمبر فرزند سائين هدايت علي بہ اوچتو جوانيءَ ۾ هليو ويو. سائين لطف علي صاحب کي وري بہ اهوئي صبر ۽ شڪر. ٻئي ڀائر فقير صاحب جي حضور ۾ روضي شريف جي اوڀر کان رکيل آهن. تلهي تي ويهي ڪچهري ڪندي وقتي جي سائين لطف علي صاحب جي نظر ٻنهي ڀائرن تي وڃي پوي تہ دل يـرجي اچين ۽ بعض ائين فـرمـائين تہ اُهي ٻئي تير اسان کي ڇاتيءَ ۾ عمرير لڳل رهندا.

ڪچـهري ڪن تہ بہ تعريف هڪ رب جي ۽ پچـار پنهنجي مـرشـد داتا پيـر صـاحب جي. رهاڻ ڪندي يا خطن ۾ بار بار اُها هدايت ڪندا آهن تہ بابي سائينءَ وارو ڏنل هڪ سبق ياد ڪريو تہ ٻئي جهان موچارا ٿيندؤ!

سائين علي گل صاحب: ٻيو نمبر صاحبزادو ٻيهڪ ۾ فقير صاحبن وانگر قداور ۽ بدن جا ڀريل آهن. اڪيون الاهي نشي سان ڀريون پيون اٿن. طبيعت نهايت صابرين، مائيني ۽ نياز ڀري. ڪڏهن ڪو ڪين رهاڻ ڪرڻ لاءِ عرض ڪري ته حليمائيءَ سان آهستي چوندا ته ادا اسان ڪي ته ڳالهائڻ اچيئي ڪونه! حياتيءَ جو ڳچ عرصو فقير صاحبن جي خاص خدمت ۾ گذاريو اٿن ۽ سندن خط پٽ لکڻ جو ڪم به متن هو. سندن ٻيو نمبر پٽ سائين شرف علي ننڍپڻ ۾ وفات ڪري ويو. ڇا ته صبر سان اُهو وڇوڙو برداشت ڪيائون!

سائين علي گلاب صاحب: ٽيون نمبر صاحبزادو حشمت ۽ رکي رهائيءَ وارا آهن. خيرات جو انگ منجهن گهٽو آهي، ٻنيءَ ٻاري جو ڪم پنهنجن نينگرن جي حوالي ڪري سڄو وقت قرآن شريف پڙهڻ ۽ خدائي خيال ۾ صرف ڪن ٿا.

سائين حسن بخش صاحب: چوٿون نمبر صاحبزادا ڏاڍا قربدار، قياسي ۽ ويساهي آهن. زماني جي ڏانوَ جا اصل نه، ڪيڏي ڪين نڪرن، ٻاهر نڪرندا ته به ٿلهي ٽائين يا مرشد داتا جي روضي مبارڪ تي. زماني جو سڀ ڪم ڇڏي رات ڏينهن مجاهدي ۾ آهن. جڏهن به ڏسون ته مراقبي ۾ آهن ٿي آهن! ڏهن ۽ چاليهن ڪدڻ جا ڏاڍا ڪوڏيا. فقير صاحب پاڻ فرمائيندا هئا ته ٻچو حسن بخش اسان ڪي هڪ مست جو ڏنل آهي.

رهاڻ ڪندي ٻازن وارا پڙڪا پيا ڏيندا هئا. ڪيترا سنگتي ته ائين چوندا آهن ته ڇڻ فقير صاحب پاڻ ويٺا رهاڻ ڪن. ورهاڱي کان پوءِ هڪ دفعو 1956ع ۾ فقير صاحبن جي اَمر سان هندستان مان ٿي ويا آهن.

✪✪

فقير صاحبن جا خاص صحبتي ۽ خدمتگار

فقير دين محمد صاحب جلالاڻي: فقير صاحبن جا پاڻيجا هئا. ننڍي هوندي کانئي فقير صاحبن جي صحبت ۾ آيا ۽ سڄي زندگي ساڻن گڏ سندن خدمت ۾ گذاريائون. لباس بلڪل سادو پهريندا هئا. طبيعت نهايت صابرين ۽ قرب ڀري هوندي هين. مٿن روح ٻه ڏاڍو بيٺل هو. انئي پهر اکين ۾ پاڻي پيو ڇلڪندو هو. هر ڳالهه ۾ فقير صاحب ساڻن صلاح مصلحت ڪندا هئا. ائين ڪٿي چئجي ته فقير صاحبن جا وزير هئا. فقير صاحبن جي وصال کان پوءِ ٻنهه ويڳاڻا ٿي پيا. سندن ڳالهيون ڪندي ڳچ ڳري پوندا هئن.

سندن جهڙو مجاهد ٻه ڇڏو ليندو ۽ سرير ٻه مجاهدي ڪندي ڇڏيائون. 1969ع جي مارچ مهيني ۾ هڪ ڏينهن پنهنجي اوطاق ۾ مراقبي ۾ ويٺا هئا ته اوچتو چت مٿان ڪري پين ۽ ويئي ٺي دم پرواز ڪري وين. جهان ڇڏڻ وقت سندن عمر اٽڪل هڪ سؤ ورهين هئي. سائين لطف علي صاحبن ڪين درگاهه شريف جي ٻاهران محلي جي اولهه طرف فقير صاحبن جي حضور ۾ مدفن ڪرايو.

مـائي ڪنڊل: جلالاڻي شريف جي ويٺل مسلمان مائي هئي. فقير صاحبن جي خاص خدمتگار ۽ تڪن طالبن مان هڪ ٿي گذري آهي. ننڍي هوندئي فقير صاحبن کان ذڪر وٺي سڄي عمر نام سان جڙي رهي. فقير صاحبن جو مٿس گهڻو راض هو. مرشد ۾ ايتري ته فنائي ڪاڏل هيس جو ڪڏهن فقير صاحبن کي چوندي هئي ته قبلا!

اوهين ڪتي به هوندا ته مونکان لڪي نه سگهندا. نام ۾ به ايتري ته گم هوندي هئي جو فقير صاحب کي چوندي هئي ته قبلا! منهنجي ڪت جا سڀ ايسون ۽ پاوا به مونسان گڏ ساڳيو ذڪر پيا ڪن. وجود به وسريل هوس. ننگر تي ماني پچائيندي بعض دانگيءَ ۾ وڌل ماني سڙي ويندي هيس ته به پاڻ اُهائي نام ۾ گم. ماني ڪاڻ وقت ڳتي وات ۾ وجهي ڪيترو وقت پيئي ان کي چٻاڙيندي هئي. جيستائين وري خيال موٽ ڪائيس يا ڪو ٻيو ياد ڏياريس. پنهنجي گهران ٿلهي تي اچڻ لاءِ نڪرندي هئي ته ڪڏهن ڪڏهن هلندي وجي پٽ تي نڪرندي هئي، جا ڳوٺ کان 3-4 ميل پري آهي.

شادي ڪانه ڪيائين ۽ جڏهن به سندس مائٽن جي زور پرڻ تي فقير صاحب شاديءَ جي ڳالهه چوريندا هئس ته چوندي هين ته قبلا! مونکي سڀ عضوا مردانا آهن، ڏاڙهي به اٿم ۽ گيڙو به ٻڌندي آهيان، مونکي شاديءَ کان معافي ڏيو!

پنهنجي جهان ڇڏڻ جي به اڳوات خبر پيس ۽ فقير صاحب جي گهر اچي سنان ڪري، نوان ڪپڙا پائي، شربت پي، فقير صاحب کي گهرائي سندن گوڏي تي ڪنڌ رکي جهان ڇڏيائين. فقرير صاحب بعض سندس ڳالهه ڪندي فرمائيندا هئا ته ٻچو ميران ٻائي هئي.

دادا نارائڻ داس ٻوٽاڻي: سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جو ناميارو پرنسپال فقير صاحب جو هڪ تڪو طالب هو. رهڻيءَ جو سادو ٻنهه نهثو پر اوچ هستيءَ وارو اعليٰ انسان هو. دل ۽ دماغ ٻئي جهڙا هن جا روشن هئا، تهڙا ڪنهن ورلي جا هوندا.

1931ع ڌاري فقير صاحب جي صحبت ۾ آيو ۽ جهڙوئي دنيوي علم ۾ اڪابر هو تهڙيائي ترقي لدني علم ۾ به ڪيائين. سندس صوفيائي طريقي تي انگريزيءَ ۾ لکيل ليک پڙهڻ وٽان آهي.

سائنس جا ڪيترا مثال ڏيئي صوفي رمزون سمجهايون اٿس. هڪ دفعي ڪاليج مسلنيءَ ۾ لکيائين ته جيڪو دنيوي پدارٿ گهرج کان وڌيڪ ٿو پاڻوٽ رکي ۽ ٻين سان نٿو ونڊي اُهو وڏو چور آهي. انهيءَ کان جيڪو لاچار گهرج سبب ٿو چوري ڪري، جو سڀ شيءِ سرڪار رب جي آهي. انهيءَ ڳالهه تي عمل به واهه جو ڪيائين. صفيد پوش مٽن مائٽن، واقفڪارن ۽ غريب شاگردن کي هڏان وهي به ڳجهه ڳوهه ۾ مدد ڪيائين. ڪنهن جو ڏک سهي نه سگهندو هو.

همراه سان هڪ ته گهڻو اڳ تي ويو هو، جو چوندو هو ته ڪنهن سمي ميز، ڪرسيءَ وغيره کي هٿ لائيندو هوس ته لاحد پيو پاسندو هوم. ڪنهنوقت به جيئن خيال ڪندو هو يا چوندو هو تيئن پيو ٿيندو هو. عاجزيءَ سان دل ئي دل ۾ سائينجن کي عرض ڪيائين ته اُهي اختياربون پنهنجي قبضي ۾ رکو. چوندو هو ته جي ڪنهن ٻئي فقير جو طالب هجان ها ته واڃڻ وڃائي ڇڏيان ها، پر خوش قسمتيءَ سان انهيءَ صوفي سردار، ترڪ جي صاحب جو طالب ٿي پيو آهيان! فرخدل وري اهڙو هو جو هڪ دفعي فقير صاحبن کي عرض ڪيائين ته جيتري مهرباني مونسان ڪئي اٿوَ تنهن کان به وڌيڪ، نه ته به گهٽ ۾ گهٽ ايتري مهرباني ته پنهنجي هر هڪ طالب سان ڪريو.

فقير صاحبن کي، ڳڏيو ته دنيائي وسري وينديءَ هيس. هڪ ڀيري بمبئيءَ علائقي جو گورو گورنر سنڌس ڪاليج ۾ اچڻو هو ته پاڻ وينو هو، پنهنجي گورنر فقير صاحبن جي حاضريءَ جهوڪ شريف. سنڌس اصول هو ته ڪنجون، ڪلف، ڪڙا ٽيئي حوالي هوت جي. چوندو هو ته جيسين طالب سڄوئي پاڻ سپرد نه ڪيو آهي تيسين ڇا حاصل ڪندو؟ سائينجن به ڦري مٽس عاشق ٿي پيا ۽ دل شريڪ سمجهندا هئس. جلالائي شريف ۾ اُها چرچا پڌبي هئي ته واهه! هي

عقلمند ڪامورو بہ وٽس حضور رسيد ٿيو!

قــرب جي تہ وٽس ڪوتاهي ڪانہ هوندي هئي. ڪنهن کي ڀھريون ڀيروئي گڏبو هو تہ بہ ائين ڄڻ تہ ورهين جو واقف هجي. ڪنهن چيس تہ دادا! توهان جو جيون چرتر ٿو لکڻ چاهيان. چيائينس تہ بس ايترو لکج تہ بوتائي معنيٰ "عشق" . دنيوي رسمن رواجن ۾ ڀاهرئين ٻني مان تہ ڄاڻندوئي نہ هو. سندس نهٺائيءَ جا مثال بہ اڪيچار آهن جن جو بيان هت نٿو ڪجي. جهڙو ڪل مڪ، خوش مزاج ۽ نيمن تي پورو پڪو تنڊ سميت، ڪو ورلو ليندو.

دادا! چــوندو هو تہ ڪلام جي ٻڌجي رڳي هڪــڙي سٽ، جيئن من ڦري نام پاسي رجوع ٿئي، پوءِ اُتي وجي ڪنهن ڪنڊ ۾ خيال سان ويهجي. وڏيڪ ٻڌڻ، مورڳوئي خيال ۾ رنڊڪ.

اڳئين سال جي شروعات ۾ 88 سالن جي عمر ۾ دهليءَ ۾ چولو مٽائي وجي پنهنجي روحاني رهبر جي قدمن ۾ جاءِ ورتائين. دادا بيشڪ سڄيءَ سنگت جو دادا هو.

ادي ليڇي: هندواڻي مائي وهيءَ ۾ ئي پنهنجي سهاڳ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اچي فقير صاحب جا خدمت ۾ رهي. سندس پيڪا اڳيئي فقير صاحب جا طالب هئا. زماني جي گلا غيبت جي پرواهہ نہ ڪري پنهنجي حياتيءَ جا اٽڪل پنجاهہ سال فقير صاحب سان گڏ رهي ۽ سندن واهہ جي خدمت ڪيائين. هميشه ساڻن گڏ هوندي هئي. ويندي آخرين سمي تائين.

هندو فقراہ جي مائي ٽڪي پاڻ ناهيندي هئي. پيسو ڏوڪڙ جيڪو فقير صاحب کي نذراني طور ملندو هو سو پڪائيءَ سان سنڀالي رکندي هئي جو ننگر جي ٻلي يا ڪنهن ضرورت وقت ڪڍي ڏيندي هئي.

فقير صاحب کيس گهڻو پيائيندا هئا ۽ وقتي فرمائيندا هئا تہ کيس ڏسي اسان کي پنهنجي اُمان ياد ايندي آهي. باطن جي مٽس چڱي مهرباني ٿيل آهي. هن وقت عمر اٽڪل 85 سال اٿس ۽ جلالاڻي شريف ۾ رهي ٿي. سڀ صاحبزادا، وڏا توڙي ننڍا ۽ فقراه کيس گهڻو پيار ۽ عزت ڏيندا آهن.

نانگو فقير: اجمير شريف جو ويٺل هو اصل نالو گلزار علي هوس. سنڌ جي ڪيترين ئي درگاهن تي رهي رياضت ڪيائين. ادهم سلطان بادشاھ جي درگاھ تي اشارو ٿيس سو ڪهي درگاھ جهوڪ شريف تي آيو. اُتي ڪجهہ سال مٿيون پريائين، جتان پوءِ فقير صاحبن وٽ آيو. 12 سال ڪن سنڌن خدمت ۾ رهيو. رياضت ۽ صفائيءَ جو خاص ڪوڏيو هو. سڄو وقت فقير صاحبن جي خدمت ۾ پيرين پر بيٺو هوندو هو. آئي وئي مهمان جي بہ ڏاڍي سارسنڀال لهندو هو. جيڪو پيسو ڏوڪڙ ملندو هوس، سو بہ فقراه ۽ مهمان تي خرچ ڪري ڇڏيندو هو. شاديءَ ڪانہ ڪيائين.

فقير صاحبن جو مٽس چڱو راض هو ۽ فرمائيندا هئا تہ ٻچو نانگو سايان اسان جو عضوو ٿي ويو آهي. فقير صاحبن کان پوءِ سائين لطف علي صاحبن جي خدمت ۾ رهيو، پر ڏاڍو ويڳاڻو. پورن پنجن سالن کان پوءِ ساڳي فقير صاحبن واريءَ جماد الثانيءَ جي 27 جي رات ڪراچيءَ ۾ جهان ڇڏيائين. کيس درگاھ جلالاڻي شريف جي اڱڻ ۾ محلي جي اُوير واري دروازي جي سامهون دفنايو ويو. تحقيقت جنهن کي پنهنجو عضوو سمجهائون، تنهن کي پنهنجي حضور ۾ هميشه لاءِ گڏ رکيائون.

لڪل لعل:

فقير صاحب جا طالب، هندو توڙي مسلمان هزارن جي تعداد ۾ هند سنڌ ۾ پکڙيل آهن. سندن ڪامل رهبريءَ هيٺ ۽ صحبت ۾ ڪئين دليون رنگجي سهٽيون ٿي پيون. ڪيترائي سندن تڪا ظالب حال ۽ خيال وارا ٿي گذريا آهن ۽ اڃان به آهن. جي انهن سڀني جو بيان لکجي ته هوند چڱو خاصو ڪتاب تهي پوي. پر پنهنجي مرشد داتا جي خاص لڪ جي هدايت پٽاندر لڪل لعل لڪائي رهيا. شايد وقت اچي جو پاڻ ڪنهن ۾ سگهه وجهن جو انهن لڪل لعلن مان ڪن جو بيان قلم بند ڪري.

❀❀❀

پاڳو پيون

فقير صاحبن جا طالبن ڏي لکايل خط

خط (1)

محب الفقرا دوست درويشان صادق اليقين

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هٿ سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير ٿا گهرون.

مطلب تہ وسريل نہ آهيو، اوهين نہ وساريو. اوهان لکيو آهي تہ ڳالهيون کولي لکو، سو کي ڳالهيون کولي لکڻ جهڙيون نہ آهن، رڳو اشارو لکبو آهي. هڪڙيون ڳالهيون روبرو ڪرڻ جهڙيون آهن، ڳالهيون بہ اُهي آهن تہ پنهنجو رب ڪريم نہ وساريو، جو هتي ٿورو ويهڻو آهي. اوهان جي مرضي آهي تہ ڪجهہ ڏسون. هرڪوئي پنهنجي ڪيل اعمال آهن، اُهي سڀ اڳيان هلي ڏسندا. تڏهن ٿو چئجي تہ "هتان نهي هلو جو رب بي پرواهہ آهي". خدا جو خوف وڏي عبادت آهي. مون کي هدايت نصيحت ڪرڻ اوهان کي جڳائي ٿي، جو متان اُتي هلي چئو تہ اسان کي ڪجهہ نہ چيائين.

صحبت سهڻي جيءَ ۾ رهو، جو سهڻي جي صحبت ۾ پئي، ڪيترين دليون سهڻيون ٿي پون. پنهنجي رب ڏانهن دل سهڻي رکو. دليئون رب قبول ڪربو.

اک بہ ڪلندي پر جڏهن اُهو پارس پرين پيا وهائيندا. اک بہ اُهو پارس پرين ڪوليندو. هي پنڌ بہ اکين جو آهي. اک بہ انهيءَ جي ڪلندي جنهن جي محبوب جي صورت سان ٻڌل هوندي. جا اک سچو ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن پيئي واجهائيندي، اُها اک ڪيئن ڪلندي؟ جيڪي ماڻهو ڏسڻ ٿا گهرن سا اُها بہ هڪڙي مراد آهي، زمانو سڄو مرادن جو آهي. فقير جو پنڌ نامراديءَ جو آهي.

نامراديءَ جي نجهري، پيهي پس الله،

چتو رباني راهہ، مرادن مخفي ڪيو.

جيڪو اوهان کي مليل آهي، اُهو نہ ڇڏيو. اول اُهو سڃاڻو، سڃاڻ کان پوءِ قدر پوندو.

اکين ۾ ٿي ويهہ، تہ واري اکيون ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آءٌ نہ پسان کي ٻيو.

اکين کي عادتون سيڪارجن، ڳوليندي بہ اک آهي. سڃاڻندي بہ اک آهي. اک واري کي صراف چوندا آهن. باقي بازار ۾ خلق گهڻي آهي. هيرن جي هار جي خبر بہ صراف کي پوندي. لقاپور ۾ لقا پيئي ٿي لڪنجي. لقا بہ اک لڪيندي آهي. (لقاپور، هي جهان، لقا، راز الاهي).

هيڏي هوڏي ڏسو ٿا، ڪجهہ پاڻ ڏي بہ ڏسو!

پاڻ پنهنجي پاڻ ۾، پيهي جن ڏٺو،
ڪرمن جو چٽو، قاري تن قٽو ڪيو.

هيءَ عارفبازي آهي، اولائن جي راند آهي. اُهو هلڻ نہ اهڙو آهي. فقط هلوني هلو. ڪاهہ وڌايو، پر جي ڪاهہ نہ وڌي سگهي تہ يقين وڌايو. جيئڻ نہ وسري، نہ وسارجي. روزگار جو بار الله سائينءَ تي آهي، رازق رب ڪريم آهي. جنهن جي دائم ديگ چڙهيل آهي، جو هر شيءِ کي ٿو ڏئي. باقي ظاهر جو رڳو بهانو آهي. ڪم هر ڪنهن جا الله سائينءَ تي آهن. ظاهر باطن جا. هڪ رب راضي ڪريو تہ رب اوهان کي بہ راضي ڪري. رب جي راضپي سان سڀ سٺائي آهي. ”رب راضي تہ جڳ ئي راضي“ . اوهين فقط رب نہ وساريو، سعيو ڪريو جو حياتيءَ جي تيم پربي ٿي وڃي.

سدائين نہ هوندا ساهہ سان، اُهي ميلاڻي جا مينهن،
هي وڻ هتي جا، آهن ڏسڻ بہ تي ڏينهن.

رات جو پيٽ ڀري نہ سمجهي، جو ننڊ اچي وينديءَ. جي پيٽ اڻ پاٺيءَ سان ڀريل هوندو تہ سجاڳي ڪيئن ٿيندي؟ سٽي وينئي، اک پٽئي بہ رب ياد هجي. ڪم هاج ۾ بہ نہ وسارجي. جيڪو وساري ٿو اُهو پاڻ وسري ٿو. پيو تہ هر حال ۾ شڪر ۽ صبر ڪجي. انسان کي الله سائينءَ پيدا ڪيو آهي، پنهنجي يادگيريءَ واسطي. جيڪو پنهنجي رب کي ٿو ياد ڪري، رب ڪريم وري اُن کي ٿو ياد ڪري. اُهو رب نہ وساربو جيڪو بخشيشن جو صاحب آهي، ياد ۾ ياد رهي:

"هتِ سچوءَ سنيارِيا، هُت سنيار سچوءَ جي
بندگي شرمندگي، اُها ميڙ مڪام،
پرين تب پرتام، "آءٌ" جب اٿ ڳئي.
"جي اکين تہ مين بادشاهہ ٿيوان،
تہ ترڪ ڏيوين تربت نون"

رب پاڪ انسان کي حياتيءَ جي بادشاهي ڏني آهي. سندس فرمان آهي تہ: اجائي نہ وڃاءِ:

"امر جي نہ مجين، سي ڏوتي ڏولائي پيا"

زماني جا کهڙا هوشيار آهيو، باقي پنهنجي رب ڏانهن بيخبر ٿا ٿيو! نہ ريس ڪريو ماڻهن سان. وٺو وحدت کي:

"وحدت دي درياهہ اڇليا، سر رهيا نہ پير"

هتان بي سر بي پا ٿي هلجي. اوهين مريد بہ بي سرن جا آهيو. اوهان ڏي صحبت بہ بي سرن جي ٿي موڪلجي. خود نہ ٿجي. بيخود ٿجي:

"بيخودي دا باب جوئي پڙهي، سوئي هوش گنواوي"

رب پاڪ جن کي عقل ڏنو تن سڃاتو پنهنجي رب کي ۽

سچاتائون راهہ رب جي. اڳيئون بہ سهڻا اُهي ٿا لڳن جن سچاتو رب کي ۽ سچاتائون راهہ رب جي. ماڻهو پاڻيهي هلي، اُهو ڀلو آهي. ٻيو ڀلــو رب ڪريم آهــــي، جيڪو ڀلاين جو صاحب آهي، جن کي يادگيرا پنهنجا ٿو ڏئي. انهن سان ڀلائي آهي. ٻيو يادگيرو موت جو رکجي جو:

"مــــوت مــــورئون نہ ٽري، نيت نبــــاهي نيندو"

لکپڙهہ بہ اچي ويئي آهي تہ مرڻ کــان اڳي مــري اچ. پوءِ جيڪي آبروءَ وارا هئا، اُهي اُتي پنڌ پيا.

الله سائينءَ جي امن امان هوندوَ. دعا درويشان رحمہ الاهي، ساٿي جن الله وار نہ وانگو تن جو، دعائون سيني کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (2)

محب الفقرا دوست درويشان صادق اليقين، محبوب القلب

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير ٿا گهرون.

مطلب تہ جي دل وچي وحدت ڏي تہ عـادت وڃڻ نہ ڏيندي، دنيا جي عادت هٿ آهي. ماڻهو نهي بہ عادتن سان ۽ ڪري بہ عادتن سا. زال بہ عادت آهي پر پاڻ بہ عادت آهي. اهي ٽيئون جهلينس پنڌ کان، سيئي گهوڙن تي چڙهيل آهيو، پر واڳ هٿ ۾ هجي نہ تہ وڃي ٻوڙيندس. گهوڙو ڪهڙو؟ هٿ جي گهوڙي تي چڙهيل آهيو. واڳ ڇڏيائين، ڇڻ خدائي خيال ڇڏيائين. خيال هٿ هوندو تہ ڇڻ گهوڙي جي واڳ هٿ ۾ اٿس. تنهن ڪري ٿو چئجي تہ رڳا زبان خور بہ نہ ٿيو، جو ڏنل دم رب جا جيئرا، سي مارينداٿا وڃو. خبردار رهجي

پنهنجي رب جي نام سان.

فقير درويش بہ انهيءَ کي چئجي، جنهن جو پيٽ خالي هجي طعام کان، جيئن دم سيئي ٽپيا اچن ٽپيا وڃن. حضرت موسيٰ نبيءَ تي ٻولي ٿي تہ سڀان رات تنهنجي دعوت آهي. ٻئي ڏينهن نبي سڳورو تيار ٿي "طورسينا" جبل تي ويو، دعوت کائڻ لاءِ، سڄي رات ويٺو، اچي صبح ٿيو، پر ماني کانہ آئي. صبح جو حضرت موسيٰ پنهنجي رب پاڪ کي ڏوراپو ڏنو. ٻولي ٿي تہ حضرت موسيٰ مون تنهنجي دعوت ڪئي، تون آئين، پنهنجي دوست لاءِ سڄيءَ قدرت جون سوغاتون ڳوليم پر تنهنجي لائق نہ سمجهيم. نيٺ ٻُک جهڙي چڱي سوغات ٻي ڪا نظر نہ آيم اُن ڪري اُها توڏانهن موڪليم، ٻُک پاڪ طعام آهي.

پوک تيـــــڏي وڃ، پيــــــا هَي لابارا،
ڏينهـــــون ويندا هَي، عـــــــمــــر دا ســـــارا،
هڪل اندر دي جهر ڪي جهان، پوک چڱي ڪر پوڪين يار.
"ستي ست سنيــــار، تہ لهـــيــئي لوهہ لطيف چــوي"
هتِ تــو مــئين منا مــاڻ، هُت پــريا تــا گــهرجن پــيــڙ ۾
تون فاني ٿي آيو آهين هن ڏيهہ ۾، پاڻ بہ فاني ڪري ڇاڻ.
پهلوان اُهي هئا جو سر وڃا سبق نہ پڙا. سر تہ ويو کاني

کاڻ ۾، هو ڪي ٻيو تا گهرن. انهيءَ نقطي کي اوهين نہ ڇڏيو. اوهان کي خبر آهي تہ حضرت يونس نبي هو، ان کي وڏي مڇي اڳري ويئي هئي. مڇيءَ جي پيٽ ۾، تہ بہ الله نہ وساريائين؟ مخدوم بلاول فقير هو، گهاڻي ۾ پيڙائونس. هڏ پيا ٽڪاوَ ڏين تہ پاڻ پيو ڪلي. تہ بہ انهيءَ گهاڻي ۾ الله نہ وساريائين. حضرت ايوب کي سڄيءَ جان ۾

ڪيڏا هٺا تہ بہ رب ڪريم نہ وساريائين. حضرت ذڪريا تي ڪرت پئي وڍهو تہ بہ رب نہ وساريائين.

انهيءَ پنڌ ميران بائيءَ کي ڪيترن غمن گوندرن ۾ وڌو تہ بہ نہ مڙي. اجان تہ خرار مان هڪ چوٿائي بہ نہ پيتي آهي. اڳيئي تا دانهان ڪريو غمن جون. غمن جو ملڪ تہ اجان اڳيرو آهي. ڪجهہ ڳالهہ دل سان بہ هندائجي. جيئن لٺو جيءَ سان هندائبو آهي. تيئن نصيحت بہ دل سان هندائبي آهي. جڏهن ڳالهہ دل سان لڳي آئي، تڏهن هٿ وارو پاسو پاٿيهي ڏرو ٿي ويندو.

الله سائينءَ جي امن امان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي دعائون سيني کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (3)

محب الفقرا دوست درويشان صادق القين، محبوب القلب.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير تا گهرون.

مطلب تہ امر سان رهجي ۽ امر مڃجي. جي رب جي ناوَ سان محبت رکيل هجي تہ ٻيا قرنائي ڪين پون. خيال خدائيءَ سان هججي، ٻيو اجاين خيالن کي ڇا ڪبو؟ سڄايو خيال هڪ رب جو يادگيريو آهي. دوست پنهنجي دل ۾ حاضر ناظر ياد ڪجي. چوڻ بہ ونجي. ماٿهو امر جو بندو آهي، امر سان رهجي. سونهون اک مان نہ ڪڍجي، اک بہ پلي ڪم لڳل هجي. هيءَ پنڌني اکين جو آهي، هتين پيرين هلي هرڪوئي. تون پنهنجي رب ڏي اکين سان هل. ڏسجي بہ دل وارين اکين سان تو، باقي هيءَ اک ظاهر واري دنيا جي جهان ۾ قاتل آهي. اک پيئي درجي بہ درجي هيرجي، مرشد جي صورت سان

نگاھہ نگاھہ ۾ گڏيل ھجي. نگاھہ نگاھہ ۾ وجھہ تہ نين صفاري رھن. پين ڏانهن سگھَ تہ چني هلندا. اک مطلوب جي ڇا نٿي ڪري طالب لاءِ! نهارڻ سان نشو ڏيئي چڙهي عشق جو. جيڪي مرشد جي اکين سان ڏسي سگھبو سو پنهنجي اکين سان نہ ڏسي سگھبو. مرشد ساييان طالب وٽ وينو آهي. مرشد سِرُ آهي، طالب ڪرسي آهي. سر چڙ مرشد جو اچي وينو.

دم سان دوستي هجي. دم دم تي سعيو هجي. نئون دم نئون سعيو. بندي تي آهي سعيو، سعيو بہ انهن ڪي ڪپي جن ڪي مليل آهي. دم نہ وسارجي. جيئن هڪ دم بہ بنا نالي رب جي خالي نہ وڃي اٺن پهرن ۾:

"جو دم غافل سو دم ڪافر"
"دم دي سرت سنيال رکين، دم هي اسرار الاهي دا"

ٻئي جي چوائي نہ ونجي تہ مرشد جي چوائي تہ ونجي. مرشد تي بار بہ انهن جو آهي، جيڪي چوائيءَ ۾ رهندا. اُهي دليل خطرا هر ڪنهن کي پوندا آهن. هيءُ ٻُرو ٻج آهي نام جي نالي جو. مرشد هڪڙو اڪسير اندر ۾ روانو ڪندو آهي. اُها زماني جي آزار جي دوا آهي. مون هر وقت اوهان جو دعاگو آهيان. الله ۽ مرشد جي اَمر سان رهجي. ماٺهو اڳيئون بہ جيئن وٽي اچي. الله سائين پنهنجو ڪندوَ:

"فراموشي مڪن اي يار جاني، اگر دورم مرا نرديڪ داني"
سائي جن الله وارن ونگو تن جو.
الف سندي اوڙ، هاري وجهہ هنئين تي،

ڪتابن کوڙ منجهائين معلوم ٿئي.

اڪر پڙهه الف جو، ٻيا ورق مڙيئي وار،
اندر ڪٽي اوجار پنا پڙهندين ڪيترا!

اندر باهو باهر باهو، هو هو ڪون ڪريندا،
سچا نانءُ فقير تنهيندا، جيها هو نون سهي ڪريندا.

سعيو ڪريو، وڃي ٿي وهامندي، رب رب ڪندا هلو.

جيئن ٿورو پنڌ گهٽو، ڏوڙٿو اُٿو ته ڏوڙو. فراموشي سي ننڊ آهي:

جاڳ سهاڳ ليئو سندر ڪا، جپ ڪر صاحب جپناري،
سپنا هي سنسار سيوئي، دک سک دن گذرنا ري،
ڀڳت ڪرو ڀڳوان پڇانو، آپ ۾ ڏونديو پائو ري.

دوست جنان ڪون دل وچ حاضر ناظر دشمن لهي نه وارا. رب ڪريم جي امن امان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي. زياده خيرالدعا. سنگت سڄيءَ کي دعائون چوندا. هتان به جمله سنگت ۽ فقراه جون يادگيريون ۽ دعائون مطالع ڪندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (4)

محب الفقرا دوست درويشان صادق اليقين، محبوب القلب.

بعد دعائن جي واضع هجي ته هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. خط اوهان جو پهتو نيڪ ساعت ۾ حوال معلوم ڪيو ويو.

مطلب تہ تار تکي تن واري اسان چئي هئي. ولايت جي خبر اوزار پهچائي ٿو. تنهنجي اوزار کي وچ جو پاڻي آيل آهي، پڙڪو ڏيندو، پر جڏهن چرڪ پويس.

نَوُ نيئـر ڏهہ ڏانوڻ، پندرهن پيد پيار،
بگهـاڙيون جي بغلن ۾، لکين لوھ لڳام،
جـڏهن پرين ياد پيار، چرڪ چنس هکڙي.
چرا تـو چونگار، کيئن پرائي پرينءَ کون؟

هاڻي ٿو خاکي خرقو جواب ڏئي:

چي هيکر کاٿس کوري وڃيم، ٻي تي متركن مار،
سـوين سـانداٽيـون آئيـون، انبـورين اپار،
تنهـان پوءِ تنوار، مـون پرائي پرينءَ کـان.

ٽانڊين کانڊين ٻاهرين، مـر پچـان پيئي،
جيـرا ڦـڦڙ بکيـون، سيخن ۾ تيئي،
هيءَ ويچـئـون ويني، وڃي تي حـوالي هوت جي.
"کت کتيندينءَ کيترو وڃي کر سوداگر يار"

هيءَ دنيا جو جهان آهي ءِ کُل جي اڳيان جز آهي. جُزَ چيا جهليندي کل کي! کل عقل انهيءَ کي ٿا چون جيکو پنهنجي الله کي پاڻ سان دائم قائم سمجهي. هيءَ کجھ سمجهڻو آهي. اُها سمجهہ تڏهن پوندي جڏهن پنهنجو موت ياد کبو:

"مـوت نہ مـاريا کاپڙي، مـوت نہ مـيـاڻون"

جيکي مرڻ کان اڳي مئا انهن جي ڳالهہ آهي. مرڻو اٿيئي تہ

اڄ مر نہ تہ سياڻي سيڪا مرندي. محبت جو مرڻ يلو آهي.

جـوڳي مـرڻ نهين، جي مـر جـائين،

جـاڻ اُهو جـائين، مـرڻ نهين جي مـر جـائين.

جا گهڙي ويجهي خيال سان، زماني جا وهم وساري ويهجي. پوءِ بہ ڪل سان هججي. فڪر رکجي جو ڪامل ڪنبندا ويا.

"سـهڻـو شـاهہ لطيف چئـي، اڳـيئـون شـال وڻـا"

مان تہ توکي ڏسان ئي ٿو، تون وري مونڏي نهارين نٿو.

چـڙا تـوکي چـوري، پـولـيءِ وڏو ڪـن؟

ڏيئي ريهـہ رنگ جـو، تـوکي جـاڳـايو جن،

وٽان تن پرين، لڳي لار فراق جي.

جي پرچي پوين تہ مان تو وٽ آهيان تون مون وٽ آهين.

"هـمہ تہ هـو تہ هـمہ هـو يـا"

وٽ نٿو ڏين، نيٺ ڍنگ ونگ خدائي بہ آهن. وري پاڻ سنيار تہ هن جهان ۾ آيو ڇاجي واسطي آهين؟

"ڪر گـهن وڻـج واپـار، ول نهين آوڻـا جي"

مـان تہ چوان ٿـو توکي، تہ هيءُ وڏو سـفر آهي، هن مـان گڏجي نڪرون.

"پـريـن چـونـئي پـچ، تـون آگ اوڏڙي نـہ اچـين"

"مين رانجهن سائين هڪ ٿـياسون، مست رهيـاسـون ڏونهين"

هر ڪنهن سعيو ڪيو آهي، اوهان بہ سعيو ڪريو. رات ائين ئي وهي جيئن درياهہ ٿو وهي. ڏينهن بہ ائين ٿو وهي جيئن درياهہ ٿو وهي. حياتي بہ ائين پيئي وهي جيئن درياهہ پيو وهي. فڪر ڪريو جو

حياتيءَ جهڙي شيءِ تي وجي پيئي، هي جهان اهڙو آهي، ڪنهن سنياربو ڪنهن نہ سنياربو.

هل هڪلي ڪاهہ، ويلو ڪر نہ وڃتي،
ڪرها ڪنگريٽ مان، واڪا ڪري وراءِ،
متان تني اونداهہ، پير نہ لهندينءَ پرينءَ جو.

جيڪي آهہ اڄ، سو صبح ناهہ صديق چوي،
واجي جيئڻ وچ، متو مرلي ڪري.

ڪنهن جون مجهہ ڪاپار، ٽيون وڃن ويل سڀ ڪنهين،
ڪنهن ڪنهن مگنهار، سڌ پيئي انهيءَ ساز جي.
تومنجهہ تي تند تنواري، تون ٻڌين نتو ٻوڙا،
وڃن ٽيون وجود ۾، ريءِ تنبيءَ تارون.

خيالات ٻي ڇڏي خيال رکبو، تڏهن انهيءَ ٻوليءَ مان واقف ٿبو، خيال خدائي:

"الله نون ايوين ياد رکنا، جيوين نانگر کي چت گهاگر"
هيڏيون ٻي پرواهيون، ناهن مناسب نال نمائن،
ساڻ زوراور زاري، آگ ٻاروچل ٻاري،
هي من اندر جون باهيون، مچ مچن تا، ڪائڻ ڪائڻ،
گهوريا وڇوڙي جا ڏينهڙا، محبت وٺا مينهڙا،
سي سحرن جون سرايون، وڃ وڃهن ٽيون ورهہ ويراڳين،
مون کي ڇڏي ويا گوندرين، ماں سجڻ اڄڻ مون درين،

لهنديون غم گهمراهيون، سار لهج ڪا وندر وڪائن،
اشرف چئي اجهي پرين ايندا، دوست دلاسو دل کي ڏيندا،
وڻ ڏيندا واڌايون، ساهه سڪي تو روز رهائين.

تون ڪاليج ۾ تو ٻار پڙاوا پاڙهين. مان وري ڪاليج ۾ پنهنجا ٻار تو پاڙهيان.

نوري ناڙي، حقيقت ۾ هڪ تيا،
دين ڪفر آهن، هڪ وڻ جي تاري.

نانڪ هوشياري، رکن ٿا رمز جي. (نانڪ سچي کي چئبو آهي).

ڪيترا امتحان تو وٽ پراون ٻارن جا ٿا اچن. توکي ٻه عملدار سمجهن ٿا. ڏسو ته تن ۾ ڪڪيون ٻه پاڙهيو ٿا. مان ٻه ڪڪيون پاڙهيان ٿو. اوهان هڪ سبق جو امتحان ٻه اجان نه ڏنو آهي. جن عملدارن مونکي هتي ويهاريو آهي سي ٻه پڇن ٿا ته سبق پڪا يا ڪچا. پوءِ مان اوهان جي سبق جو ڪهڙو جواب ڏيان! پڪو آهي ڪين ڪچو؟

ادا ڙي آخوند، تون مار نه معصومن کي،
جيڪر تنهنجي جان تي، برهه وسي بوند،
هيئن نه مارين هوند، عاقل ابوجهن کي.

خبردار رهجي پنهنجي رب سان. باطن جي قدرت جو صاحب سو ٻه خبردار آهي:

"دم دم ڏمال دم کي ڪرني نه فراموش"

سائي جن الله وار نه ونگو تن جو، دُعا درويشان رحم الاهي. دعائون سيني کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (5)

محب الفقرا دوست درويشان صادق القين، محبوب القلب.

بعد دعـائن جـي تـہ هـت سڀ خير آهي، اوهان جو خير تا گهرون.

مطلب تہ زمانو آخر فنا آهي، فقط سندس نالي کي بقا آهي، زماني ۾ حلال وجهہ جا کم پلي پيا کريو! باقي رهجي بقا سان. بقا نالي رب جي کي آهي. منو نالو آهي الله جو. سواءِ الله جي ٻي راهہ کهڙي اوهان کي ڏسـجي؟ وجي ٿي وهامندي، جنهن کي الله سائين پنهنجو ٿو کري، انهيءَ کي يادگيرا بہ پنهنجا ٿو بخشي. اسان کي فقط سعيو گهرجي. هيءَ تہ وهامندي ٿي وجي، جيکي بہ کريو سو اڳهہ اڳ جي پيا کريو:

"ٻي جڳ سارا جان سپنا، ايسي نيند ۾ کيون سويا؟"

ٻي سـجي عـمـر خـواب ۾ ٿي وجي. کنهن کنهن وجي سنياريو. منهنجو رڳو سعيو اوهان تي بيٺو آهي تہ شل اڳيون رب کريم اوهان کي پنهنجو کري. رب اوهان کي پنهنجو کيو آهي، اوهان بہ پنهنجي مالک کي مالک کري ڏسو، پاڻ سان دائم قائم ڄاڻون هي آهي بہ کجهہ سمجهڻو. مالک جي طرف ڏي ٿڌيءَ کوسيءَ اٽڻ بيٺل هجي. ٻي کهڙي وسنئن آهي وڃڻي؟ ظاهر باطن کم الله سان آهي. جيکو وساري ٿو سو پاڻ وسري ٿو. وسري وري ياد کجي. ياد کيو نہ تہ پوءِ ياد کندؤ:

"سدائين نہ هوندا ساهہ سان اُهي ميلاڻي جا مينهن"

رب کريم اوهان جـو هادي ٿي هدايت کندؤ. اوهان فـقط

چوائيءَ ۾ رهو. دوستي پنهنجي دم سان رکو.

"دوست جنان کون دل وچ حاضر ناظر دشمن لهي نہ وارا"

مونکان اوهين وسريل نہ آهيو. تار سان هوندوَ تہ مٺي بہ گڏ هوندوَ. بي تاري اولاد بہ چڱي نہ آهي. اوهين منهنجي اولاد آهيو ۽ مان اوهان جو مائٽ آهيان. اولاد جي دل سخت رهندي آهي. مائٽ جي دل اولاد جي طرف نرم رهندي آهي. منهنجي دل کان وسريل نہ آهيو! جڏهن اوهين مونکي پنهنجو کري ٿا ڏسو تہ باقي مان اوهان کي پرائو کري کيئن ڏسان! اوهين منهنجا آهيو، مان اوهان جو آهيان. باقي وري وري چئجي ٿو تہ فقط رب کريم جو يادگيرو ۽ محبت نہ ڇڏجو:

"لکان لک لڳن، تہ بہ پير نہ ڇڏج پنهل جو"

پنهنجي حياتيءَ جو بہ خير گهرجي. هڪڙي ڏينهن ساري حياتي ونجي ويندي. بہ بادشاهہ هڪڙيءَ بادشاهيءَ ۾ نہ سمائبا آهن. جڏهن اُها بادشاهي حياتيءَ جي ورتائين تہ پوءِ ملک پيو ڏيکاري ڇڏيندو.

خدا جو خوف ٿو ڏيکارجي جو ماڻهو بيخوفو چڱو نہ آهي، پر چڱي کي چڱو چوندا آهن. جيکي چڱيون دليون آهن، انهن رب قبول کيو. ظاهر باطن ماڻهو هدايت سان سهڻو ٿو ٿئي.وکر ڏيرئون ڏير آهي پر رب کريم جو مٺ تہ نہ! تنوءَ نالي هڪڙو مست هو سو هڪڙيءَ کڏ ۾ وينو هو. کڏ ۾ هڪڙو گهيڙ ٿيل هيس، پر چڙهي وري ڏکيءَ جاءِ تان جانبوڙا ڏيو. مان بيٺي ڏٺو. پريان هڪ ٻئي ماڻهو بہ ويٺي ڏٺو، تنهن پروچڪيءَ ۾ چيو تہ: "گنوج" يعني چريو آهي. مست اُهو ٻڌو. جواب ڏنائين تہ "گنوج" اُهي آهن جن پنهنجو الله وساريو

آهي. هوڏانهن هجي ٻه مست. يلي ڪري پنهنجو رب ڪريم گهري وٺو: هتِ اوهان ياد ڪندا تہ هُت اوهان ٻہ ياد رهندا.

"هتِ سڀڪو سنيار يا، هُت سنيار سڀڪو جي"

"هيءَ حياتيءَ جي عجب محل آهي، پر اُها ٻہ وهامندي تي وڃي

ڪرگهن وڃ واپار، ول نهين آوڻا جي"

"اتون آيون قول ڪر، اِتان ٻيئين وسار"

رڳا سک ٻہ جدا ڪندا آهن.

ڏيڪاريس ڏکن، نيئي گوندر گس پرينءَ جو،

سونهائي سورن، وڃي ڪئي هيڪاندي هوت سين.

زماني جي ٻهاريءَ کان محبوب جو غم ڀلو آهي. رب ڪريم جو چٽتو هرحال ۾ نہ لاهجي، هردم بينو هجي، يلي دائم قائم پاڻ سان سمجهو.

سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (6)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق القين، محبوب القلب.

هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير تا گهرون. مطلب تہ خط اوهان جو مليو احوالِ معلوم ڪيو ويو.

سواءِ رب ڪريم جي مون ٻي اوهان ڏي ڪهڙي نصيحت لکان؟ اول آخر رب ڪريم سان ڪم پوڻو آهي. هيءَ عمر هڪ ساعتڙي آهي. هميشه رهڻ وارو جهان سچو اڳتي آهي. هتان نهي

هلو ۽ اڳيئون خطرو ڪونهي. هن فنا ۾ ٿوري جيئڻ ڪري عمر سڳوري برباد نہ وڃائجي. عمر سڳوري آباد ڪجي. سڀ شيءِ آباد پلي آهي. انسان وڻجارو بہ وحدت جو تي هت آيو آهي:

"وحدت جن وجود، آهي ڪعبو ڪوڙيو تن جو"

"الف سندي اوڙ، هاري وڃــــــــــهہ هنئين تي"

هي سن چوڏهون آهي ۽ ماڻهن ۾ بيخوفائي گهڻي آهي. بيخوفي سان صحبت بہ نہ ڪجي، خوف خدائي رکجي.

نہ زال زال آهي، نہ مرد مرد آهي! لکپڙهہ بہ هر هڪ کي آيل آهي تہ مرڻ کان اول مري پوءِ اچو. سو آبروءِ وارا پنڌ پيا. ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو. مڙيوئي سعيو هر گهڙيءِ دم دم تي قائم بينل هجي. ماتا جي پيٽ مان ماڻهوءَ ڇا آندو آهي؟ هيءَ سندس بازار گرم اهڙي آهي جو جيڪي بہ ٿا گهرو تہ هر شيءِ پيئي ملي. اوهان فقط پنهنجو مالڪ خالق گهري وٺو:

"الست ارواحن کي جڏهن جاڳويو رب جليل،

وحـــــدت جي واديءِ ۾ ڪوڙين کي قليل"

حلال وجه جو ڪم پلي ڪريو، جو نبين نيڪن بہ حلال وجه جو ڪم ڪيو، مگر رهو وحدت ۾. گهٽائيءِ ڏي تہ ڪن بہ نہ ڏيو. فقط هيڪڙائيءِ کي وٺيو بينا هجو.

لکڻ چيڻ ڪيترو، تون وڃي در تي دونهين پاءِ،

ســـر وڍي ســـرندو ڪري، تن سين تارون لاءِ،

وينو وير وڃاءِ، من سيڄاڻني سپرين،

ســـڏن مـــتي ســـڏرا، تون واڪا هڏ ۾ لاهہ،

مـن ڪا تـنـهنجي آهـ، وجي سڳر ۾ ثاب پوي.

رب ڪريم کي سڀ ستر معلوم آهي، توڙي ماڻهو مان ڪٿي هجي. صبر عجب آهي. صبر ۾ خدا ڪارڻ ڪجي، جيئن دم خالي اجايو بنا نام نہ وڃي. سندس أمر سان رهو، پختا ٿي.

"آمـر جي نہ مـڃين سي ڏوتي ڏولائي پيـا"

نڪو اوهان پري آهيو، نہ وري مان اوهان کان پري آهيان. هي ڪجھ سمجھڻو آهي، پر جنهن کي سمجھ نہ آهي تنهن سان تعدي آهي. سمجھ ۾ هڪڙن رکي، هڪڙن ڪانہ رکي. جيڪي مرشد ڏنو آهي سو جيڪڏهن سڄو سر ماڻهو ڏيندو، تڏهن ۾ پورو نہ پوندو. پر اُهو قدر انهيءَ کي پيو جنهن سڃاتو. هڪڙي باناري لڌو هو املهہ ماڻڪ سو گڏھ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيائين. ڪنهن صراف سڃاتو تہ املهہ ماڻڪ آهي. باناري کي چيائين تہ پنج سؤ روپيا ڏيانءِ، جي اُهو داڻو ڏين. باناري ڪٿي داڻو صراف کي ڏنو. صراف جي هٿ ۾ داڻو ڦاٽي پيو. تڏهن صراف چيس تہ گڏھ جي ڳچيءَ ۾ تہ نہ ڦاٽين! املهہ ماڻڪ چيو تہ باناري نہ سڃاتو هو مونکي! تو سڃاتو مونکي. پوءِ منهنجي بها اُها آهي! تنهن تي منهنجو هنياءُ ڦاٽي پيو.

الله سائين، اوهان کي پنهنجو ڪندو. رب ڪريم نگهبان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي. دعائون جملہ سنگت کي ڏيندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (7)

محب الفقرا دوست درويشان صادق القين، محبوب القلب.

هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. مطلب تہ خط اوهان جو مليو احوال معلوم ڪيو ويو.

ايڏانهن اچڻ لاءِ اوهان گهڻو لکيو آهي:

”پـروس پـرياڻ، پـريـن وس نـہ پـنـهـنـجـي“

مونکي تہ اوهان جي ملڻ جو گهڻو خيال ٿي پيو، پر منهنجو وس کونهي. ڇا کريان جو أمر جو بندو آهيان:

”آمـر جي نـہ مـجين، سي ڏوتي ڏولائي پيـا“

الله سائينءَ جي لطف سان مون اوهان کان جدا کونہ آهيان. اوهان پاڻ سنڀاليو، تار ڳنڍيل آهي.

ماڻهو محبت جو بکيو آهي، محبت رب ڪريم جي هرگز نہ ڇڏيو. محبت مالڪ جي ۾ مرڻ عجب آهي ۽ ٻئي جهان موچارا ٿين ٿا. محبت رب ڪريم کان سواءِ، ٻيو سڀ وسار. محبت کان سواءِ دل مرده آهي. جيئن رب جي محبت ۾ پيو ايندو، تيئن اخلاق بہ مٺ ڪندا ويندا ۽ خلت بہ ماڻهوءَ جا مٽ ڪندا. محبت موليٰ جي عجب آهي. مخمور پنهنجي رب جي محبت ۾ ٿيڻ گهرجي. دنيا جي مخموري آخر فنا آهي. محبت مالڪ جي ۾ جيڪي آهن، اُهي مئي بہ گڏ آهن، جدا نہ ٿيندا. اصل پنهنجو ياد ڪريو. نقل ۾ ڪيترو ويهبو؟ سواءِ محبت رب جي، ٻي باس ئي نہ باسيو، ماڻهو گڏيل هجي. جيڪڏهن ظاهر باطن جي امن گهرو تہ محبت رب جيءَ منجهہ رهو. نہ وسري نہ وساريو. ڪي جي ڳڻ ۽ ڳالهيون مارن جون، دل جو دل ۾ رهيون. دانهون بہ محبت ڪرائيندي آهي:

”آهہ ڪريان تہ جڳ جلي، جـهـنگل پي جل جـاءِ“

هينئر حياتيءَ جو ٽائيم بہ پربو ٿو وڃي پيو. نيٺ الله سائينءَ سان بہ ڪم پوڻو آهي. ماڻهو ستي وڃني بہ پيو ٿو وڃي. هڪ رب رب ڪندا پيا هلو. جيئن انهيءَ پنهنجي گهر ۾ هلي وٺندڙ ٿجي. باقي سڀ فنا آهي:

سخن سڻي شيخ جو، تون ويسهجي ويھ،
تہ ڏاتار سندو ڏيھ، تو اندر اثبات ٿئي.

صورت ياناءِ مُرشيخ کي، آهي معنيٰ مڙيوئي،
حق حقيقت جنهن کان، تئي ثابت سيوئي،
اکيون اهيئي، پسندي پاڪ ٿيون.

اک صورت سان دم دم هيرجي پيئي. رهبر سونهين جي وڏي درڪار آهي، جو هي وڏو سفر آهي. ڪنهن سنياربو ڪنهن نہ سنياربو:

”دوست جنان کون حاضر ناظر دشمن لهي نہ وارا“

رب ڪريم جي امن امان هوندوَ. گهر وارن کي دعائون چوندا ۽ کين چوندا تہ مون مارن لاءِ ماندي، مارون مون لاءِ ماندا. سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (8)

محب الفقرا دوست درويشان صادق اليقين، محبوب القلب.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير تا گهرون. مطلب تہ خط اوهان جو پهتو، احوال معلوم ڪيو ويو.

طمع تلوارئون تکي، جنهن طمع سر نوايا،
لک لعنت تنهن طمع کون، جنهن جاني جدا ڪرايا.

پر ٻچو هڪڙي طمع چڱي آهي. مرشد جي راض پر طالب هميشہ طمعدار آهي. پنهنجي جدائي بہ سنيارجي. پنهنجي پاڇولي پنيان ڪيترو ڊوڙبو! هيءُ جهان هڪڙو سپنو آهي، طمع جو جهان آهي:

آسا ڪر ڪرجڳ مٿي، آسا نہ مرجاءِ،
آسا ڪريجي ستگر ڪي، جس وچ بھت ڦل پاءِ،

جي يانئين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيءُ غلام،
صبر جي شمشير سان، ڪر ڪيني ڪي قتلام،
تہ نانگا تنھنجو نام، لکجي لاھوتين ۾.

ٻن ٻيا اُھي ڪم جي جدا ڪن پنھنجي رب ڪون، پنھنجي جدائي ٻہ سنيارجي.

جيڪي آھ اڄ، سو صبح ناھ صديق چوي،
واڇي جيئن وڃ، متو مرلي ڪري.

ڪنجھون منجھ ڪاپار، تيو وڃن ويل سپ ڪنھين،
ڪنھن ڪنھن مڱٿھار، سڏ پٽي انھيءَ سازجي.

انسان پاڻ ٻہ ساز آھي، پر خيال وارا وڄائيندا آھن، ٻي خيال نہ وڄائيندا آھن. ھڪڙا خيال خدائيءَ کي ختم ڪري پوءِ ٻيا خيال ڪمائيندا آھن. بيخيال سان صحبت ني نہ ڪجي جو ھو ڪيترن کي بيخيال ڪري وجھندا. بيخيال نہ ٿجي. خيال چوندا آھن، رب جي يادگيري ڪي، ٻيا دليل آھن زماني جا. خيال سان رھجي. ٻي سر ٿي ھلجي: "اپني آپ نون سمجھاءِ، ٻنھان دي نال تيڏا ڪيا؟"

هَي هَي عمر ائين وڃي ٿي، ڳپل ڪايون ڳپو،
ٻنان دوستيءَ دوست جي، آھي خان ڪپت ڪپو،
عشق جي آڙاھ ۾، ڏي ٿاھ ٽينگڙ ٽپو.

سانگھارا (پاٽيءَ جا پوبان ڏينھن) ٿيندا آھن، پوءِ ڪڙمي نند

ڦٽائيندا آهن، هينئر حياتيءَ کي بہ سانگهارا آهن. انهيءَ ڪم لاءِ بہ ڪڙمي ٿي ننڍ پٽائي ڏٽيءَ کي ياد ڪجي. هرڪوئي ماڻهو جنهن ڪم لاءِ آيو آهي، انجو ڪڙمي آهي. رب سائينءَ جي پاسي جو ڇٽتو بينوئي هجي، جو فراموشي سي ننڍ آهي. اُها اٽنڻ يلي هجي. پويان پساھ هينئر رب سان هلايو. اُهي ڏيئي ڇڏجن نانُ الله جي.

چولي اندر جوئي پولي، سو ساڏو ساڏ ڪڙا هٿ چولي،

تنهن تان ويسان اولي گهولي،

سعيو ڪجي جو اندر جا هٿ سعيو چوربندو آهي.

منڊ مَ منهـــ ويهـــ، اپي اســـڙڪ اس ۾،

توجي ســانگي ســيڻ ڪيــا، ڏور تنين جــو ڏيهـــ،

تون نيــاڳي نجهـرين ننڊن ۾، هُت پنيءَ پنڊ اڇيهـ،

پــڪي پــڪي پيــهـــ، پني پچـــائج پهـــيـنـــڙا.

پنهنجي رب ڪان امن اَمان گهري وٺو. اُٿندي ويهندي امن اَمان پنهنجي رب ڪان گهرو. اَمان ڏيندڙ آهي. رب جي رحم ڏانهن بي اُميد نہ ٿجي. رب رحيم آهي، وڏا خزانا خير جا آهن وٽس. رب ڪريم پنهنجي امن اَمان ۽ پردھ پناھ سان ڍڪي وٺندوَ. دعا درويشان رحم الاهي، سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (9)

محب الفقرا دوست درويشان صادق اليقين، محبوب القلب.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. مطلب تہ خط اوهان جو پهتو، احوال معلوم ٿيو.

مطلب تہ قسمت رب جي وس آهي، ڏور ڏاهي جي هٿ ۾ آهي. الله سائين اوهان کي جتي هوندا اُتي راضي ڪندو. اوهين بہ رب راضي ڪريو "سدائين نہ هوندا ساھ سان اُهي ميلاتي جا مينهن."

چـــو وچين وٽڪـــار، هٿ نہ ڳـــولين هوت کي،
لڪـــوڪين لطيف چـــوي، ڀاروچـــو ڀئي پار،
تي ســـتي ڀڏ سندرو، پريت پنهنل ســـان پاڙ،
نايون نيڻ نهـــار، تو ۾ ديرو دوست جـــو.

سعيو ڪريو، سي ڪنهن سعيو ڪيو آهي جو سعيو ڪرڻ فرض آهي:

"ڏوريندين ڏسن جـــڏهن تڏهن پرينءَ کي."
"جنين همٿ ڪئي تن حق ڏٺـــو، ٻيـــا نست نادان."

جنهن ڪچي ڊڪٽيءَ ۽ مندي ماڪوڙيءَ جو ذمون ڪنيو آهي سو انشاءَ الله تعاليٰ اُهو اوهان کي مٽي بہ جدا نہ ڪندو، هڪ فراموشي نہ ڪريو، جو پوءِ تہ مٽي بہ جدا نہ رهندوَ. اوهان اسان جا آهيو، اسان اوهان جا آهيون.

"وحـدت جن وجـود، آهي ڪعبـو ڪوڙيو تن جـو."

وحدت جن وساري سي صم بڪم ٿيا.

"بيـــدل ڳل وحـــدت دي مـن تـون."

جي ڪُتڻ ڏانءَ نہ اچي نہ رنڊائي روڙ، ۾ تار نہ چن. هيئنر پارس پرين ويجهو آهي ۽ گهر جو مالڪ پنهنجي گهر ۾ آيل آهي. پارس پنهنجي جهڳي جي ٽپڙن تي وهايو، نہ تہ جنهن اُهو پارس ڏٺو آهي سو سچ بيٺي وٺندو. هڪڙو غريب هو سو ڪنهن فقير وٽ آيو،

فقير کي چيائين تہ منهنجا ٻچا ٿا ٻک مرن کو حيلو ڏس. فقير پارس ڏنس تہ گهر ۾ جيکي لوھ جا ٽڪر هجنئي اُنهن کي هڻ تہ تولاءِ اُهوئي گهڻو آهي. مگر سڄ ٻيئي پارس پهچائي وڃجانءِ . پارس کڻي غريب روانو ٿيو. وٽي دڪانن تي لوھ چڪائيندو. لوھ چڪائيندي هن کي دڪانن تي سڄ لهي ويو. فقير ڏٺو تہ هن اڃا پارس کونہ آندو آهي سو فقير پاڻ وٽس ويو ۽ چيائين تہ هاڻي پارس مونکي ڏي جو سڄ لهي ويو آهي. هن چيو تہ مان تہ اڃا لوھ پيو ٿو چڪايان!

سٽيا هَي سمجها نهين، ميٽيا نہ من کا موھ،

پارس کون پهنچا نهين، رهيا لوھ کا لوھ.

بقا نالي رب جي کي آهي سو رب نہ وساريو. هن فنا ۾ هرکو هٽ هٽندو هٽندو نکرندو ويو. سو جيکو دم الله سان هلي تہ اُهو چڱو آهي. حياتي بہ هلندڙ آهي. ڪهڙو ڀروسو آهي زماني جو، ڪهڙو ڀروسو آهي حياتيءَ جو! وري بہ ڪم الله ايندو.

ساٿي جن الله وار نہ ونگو تنجو. الله سائينءَ جي امن اُمان هوندو. دعائون سيني کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (10)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. خط اوهان جو مليو احوال معلوم ٿيو.

مطلب تہ مون توکي هک الله ڏسيو تہ الله نہ وسار. جيکي سياڻي وساري هلبو، اُهو اڄ وسار. ياد ڪر اُهي ڳالهيون مرشد واريون اڳيون. ٻار وانگر ننڊ ۾ مخمور نہ ٿجي ۽ خيال خدائي رکجي.

نہ مغرور ٿيءُ. توکي ڇڏائجي ٿو زماني جي ٽانگ کان. تون واٽا واھوُ آھين، ترسي نہ سگھندين. ھت سڀ ججھ ڀائي آھن، پنڌڻ ڀائي ڪو ڪونهي. خيال رک، اک پٽ جو موت آيو بيٺو آھي. ڪيترو نندي ٻار وانگر هنج تي ڪٽبئہ. ھاٿي ٻاراٽي راند ڇڏ. مرد ٿيءُ جو اُھو پنڌ مردانو آھي، جيئن نانگا تنھنجو نانءُ لکجي لاھوتين ۾. دل جي ديگ تپاءِ جو توکان موت مرڻ وسري ويو آھي. ڪھڙو ڪم اٿئي ھت جو ويھي رھيو آھين؟ "ويھي ڪين وڃاءِ، توکي وري بہ ھلڻو پوندو ھوت ڏي."

پاڻ پنھنجي پاڻ ۾، جن پسيو نہ پيھي،
صاحب ڏنا صورت جي، ڪل تنين ڪيھي،
تنين ڪان ويٺي، چپ چتيندي راتڙي.
پاڻ پنھنجي پاڻ ۾، پيھي جن ڏٺو،
ڪرمن جو چٽو، ڦاڙي تن ڦٽو ڪيو.

اھي بيت ڪري نہ سمجھ جي سمجھين تہ ڳالھہ سموري تنھنجي ٿا ڪن. تون ٻڌي سٽي مان ڪري ويھي رھيو آھين. ڪاھہ وڏاءِ، جي نہ وڏي سگھي تہ يقين وڏاءِ، درجي بدرجي فڪر انھيءَ گھر مان. اڌ رات کان پوءِ مٽي ۾ ھول وجھہ، جو اڪبري لڙائي آھي. ھينئر حياتيءَ جي سڄ بيٺي لڙائي ڪر. ٻيا گھر جا ياتي چوندءِ تہ تون ٻچن ۾ وينو آھين تہ اسان کي دلجاءِ آھي. جاڻ تہ جيڪو مونکي راھہ رب جي ڏانھن رنداني ٿوسو منھنجو سڄڻ ناھي، سڄڻ اُھوآھي جيڪو منھنجي دل جيئري ٿو رکي:

"ٻريني تہ ٻان، نہ تہ ڦوڪ تہ لڳي انبڙين"
"جا ڳايا جوشن دل ۾ درد پرين جا"

هت نتا ڏنو! ويھو بہ نہ، وڃو بہ نہ، رڳو لڙ مون نڪرو تہ ڇٽو پنھنجو الله ڏسو. دل تي ھاٺي وڃڻ جا ٻارڻ ٻاريو تہ جوش جاڳن. دل درياھہ آھي پل تہ دل تي ڇولو بيھي. پنھنجي جدائي سنيارجي. توھان کي ضرور اٿڻو آھي اٿاھين. ڏينھن آھي ٿورو پنڌ آھي گھڻو.

جي پـاٺين جـوڳـي تـيـان، تہ دل جي ديگ تپـاءِ،

جــيــرا قــڦــڙ بــڪــيــون، ٻارڻ ڪري ٻار.

عشق اسرار آھي، عاشق تي پنجي پنھنجي معشوق تي.

"عــاشــقن تي اندوھہ ســدائين مــعــشــوقن جــو"

عاشق ڪنل معشوقن جا آھن. ڪنلن مان دانھن ڪانہ ٿيندي آھي. ھيڪر انھيءَ اڏيءَ تي مٿو تہ رکجي. زماني جا لاڳاپا ونگ وجھي ٿا ڇڏين ھلڻ ڏانھن. ھيءُ وڏو سفر آھي، سياٺي ٻيا اڇي ڇڏائيندا، سو پاٺني ڇڏي ڏجن اُھي لاڳاپا.

وحدت ۾ وڃي پئو. واندا آھيو تڏھن ٿا ٻارن سان وتو راند ڪيڏيندا. توھين نٽا ڪيڏيونِ، اُھي ٿا توھان کي ڪيڏائين پيا. ھيءُ ڏوتين جو ويڙھو آھي. ساري عمر پنھنجي برباد نہ ڪجي. اُھي سڀ نفس جا رايا آھن. پنھنجي ساري واردات سنيارجي. اڳيئون ٻي کھڙي وسنئن آھي وڃڻي سواءِ رب جي! ڪيترو ٿو ڇنجي توھان کي تہ رڳي تانگھہ ڪٽو. ٻاھر گذاريو انھن ٻارن ڪان. انھيءَ عقل ڪان چريو ڀلو آھي ماڻھو. چريئي تي معيار ڪانھي، عقل تي مار آھي. پوءِ جنھن توھان کي عقل ڏنو. يقين ڏنو، جا شي ڏسو ٿا انھيءَ جي ڏنل آھي توھان کي، اُھو ڪيئن وسارجي! ماڻھو ھجو تہ پنھنجي ڪم کي وٺو. اُھو سڀ ڪم توھان جو ٿو توھان کي ڇنجي:

"هو جي هٽيئي فقير، تون جهل سيني سامهان"
"ڌار دل جي ڏنگي تہ لحظي وڃي لنگهي"

توهان کي اهڙي ملڪ ۾ وڃڻو آهي جتي اَمڙ نڪو اَبو توهان کي ڪو خوف خدا جو ڪونہ ٿو پوي؟ توهان کي پنهنجي هيڪلائيءَ جا ڪشالا سجهن ئي نٿا!

"گهٽو ڪنيو تہ گهوريو، متان وڃائين مور"

اُهي جڄ يائي آهن جن منجهہ وڃنا آهيو. ينڌڻ يائي انهن مان ڪو ڪونہ اُٿوَ. پوءِ ايتريون جدايون ڏسي، توهين ڪيئن ويهي رهيا آهيو؟ ارمان آهي توهان جو مونکي. هاڻي مخموري زماني جي ڦٽي ڪريو. نانا ڏاڏا ٿيا آهيو تہ بہ اڃا خبرئي ڪانہ ٿي پئيوَ! نہ ويهہ، نہ وڃ، رڳولڙ مان نڪر. لڙ ۾ دوست دشمن جي خبر نہ پوندي.

اڪ ڏهاڙي مرشد آکيا، ڇوڙ خلق دي خواري،
اڪ نانءِ اسانڏا ياد رکين، بيا ڏونهين جهان وسارين.

سلام دعائون سيني کي چئجانءِ. الله سائين جي اَمن اَمان هوندوَ، دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري.

خط (11)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين، محبوب القلب

بعد دعائن جي لکجي ٿ تہ هت سڀ خير آهي. اوهان جو خير ٿا گهرون.

مطلب تہ تون پنهنجو رب ڪريم نہ وسار. باقي حياتيءَ جو ٽائيم بہ اڃي پريو آهي:

"تو منجهہ آهہ سو سر سارو، جنهنجا پنڌ پچين تو"

"ڪت ڪتينديئن، ڪيترو، وڃي ڪر سوداگر يار"

انهيءَ سوداگر يار کي اکين منجهہ جاءِ ڏبي آهي. ٽڪل نہ ٿيءَ ۽ اکين منجهان نہ ڪڍ. تنهنجي اکين جو سرمو اُهو آهي .سو هميشه اکين ۾ هجي. جيڪا بہ دل سهاڳڻ هوندي اُها دل هتان هدايت جا زبور پائيندي آهي. اڳتي جيڪو گهر آهي انهيءَ گهر جي سهاڳڻ ٿيءُ. دم جي محبت نام سان هجي. باقي هيءَ عمر هڪ ساعت آهي:

"پکيئڙا پار تو پنڌڙو سجهي"

"سهڻو شاهہ لطيف چئي اگهيئون شال وڻان"

محبت فقط هڪ الله سائينءَ جي ۾ رهج. محبت جو مرڻ بہ عجب آهي. نہ وسري نہ وسار. بيڪار ماڻهو گهر منجهہ نٿو وٺي. هي بہ هڪ ڏيساور آهي. سڀ ڪو پنهنجي ڪم سان آيل آهي:

"وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نہ ٿئي"

ياد ڪريو نہ تہ پوءِ ياد ڪندو. هن جهان جو لڪ اهڙو آهي جو ڪيترا داناءَ ديوانا ٿي ويا. اوهان خبردار رهو پنهنجي رب ڪريم سان.

غافل غفلت ڇوڙ، تون ڪيئن اُٺاسي اوجهرين،

ڇپاتا ڇڙهي ويا، وڃي طالب رسيا توڙ

تون نيٺين ننڊ اکوڙ نہ تہ ويرو وري ويندي، ويسلا.

رب ڪريم جي طرف کان فراموشي ۽ غفلت سڀ ننڊ آهي.

اڪ ڪول تہ موت آيو بينو آهي.

سي نہ ٿيندءِ ساٿي، جي تو پنهنجا پاٿيان،
هاڙهي هلندءِ ڪونہ ڪو، پاءِ نڪو پاٿي.

دم ڪاهہ . هن ڪي انٿي پهر سعيو هجي جو وهامندي ٿي وڃي. بيخوفائيءَ ۾ هڪڙا خيال خدائي ختم. ڪندا آهن ڇو جو خدائي خوف نہ آهي. اوهان خيال خدائي رکو. وسري تہ وري بہ ياد ڪجي. وسريل نہ آهيو تڏهن ٿو چئجي تہ اوهان نہ وساريو. سچو طالب اُهو چئبو آهي جيڪو سختيءَ ۾ بہ پنهنجو محبوب نہ وساري. اڄ جي محنت سياڻ تائين نہ رکجي. اڄ جهڙي مهل وري هٿ نہ ايندي. درويشي پنڌ ڏکيو آهي. ڳالهوَ ٿي خيال ڪيائين تہ خدائي خيال ڪي خطرو آهي. هرڻ جنهن کي ڪٿوري مغز ۾ هوندي آهي سو چرندو ٻين سان آهي پر وهڪ الڳ هوندي اٿس. درويش لوڪ جو بہ اُهو ڪم آهي تہ تنهائيءَ ۾ وهي. حرف بہ هڪڙو ٻڌي ٻيو نہ ٻڌي. جيڪو محبوبن ۾ چيل آهي سو ٻڌي. اُهو ڪاهہ وارن جو ڪم آهي. انٿي پهر يادگيرو، اُهو نبين جو ڪم آهي. وهنڊڙ پاٽيءَ چڱو آهي ۽ بينل پاٽي بانس ڪري ويندو آهي. هيءَ بہ پاٽيءَ جو پُتلو آهي هلندو تہ بانس نہ ڪندو پر بيٺو تہ بانس ڪندو. اُها آهي پاٽي جي بيماري.

رب ڪريم جو اُمن اُمان هوندو. زيادهہ خير الله. دعائون سيني کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري.

خط (12)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ خط هٿئون هٿ پهتو، احوال معلوم ٿيو. مان سدائين اوهان جو دعاگو آهيان، الله سائين توکي

پنهنجو ڪندو.

مطلب تہ دم سان دوستي رکجي. اهي دم آهن معرفت جا موتي. ڪنهن سنڀاربو ڪنهن نہ سنڀاربو. الله سائين جنهن کي پنهنجو ٿو ڪري، انهيءَ کي يادگيرا پنهنجا ٿو ڏئي. هتان نهي جڙي هلجي، اُهو تمام چڱو آهي:

"جنين وساريو نام، تن پٽ وڃائي پنهنجي"

"دم دم ڏمال دم کي، ڪرلي نہ فراموش"

گهر جو مالڪ هيٺئر پنهنجي گهر ۾ آيل آهي. اک ٻوٽئي ڪان پوءِ وٺيون لڳنديون. ههڙي حياتيءَ جهڙي مهل نہ ڏسي سگهبي. دل ۾ دوست پڇاڻجي.

لامڪاني خيال جنهاندا، فقر تنهان دا سارا،

ايريا مهتاب تي روشنائي، چوڙ گيا انذارا،

نظر جنهاندي ڪيميا هووي، سي ڪيوين مارن پارا،

دوست جنهانڪون دل وچ حاضر ناظر، دشمن لهي نہ وارا،

ڪهڙي پرواهہ تنهانڪون ميان شاهہ باهو،

جنهانڪون مليا هادي سونهارا.

ساوڻ آيا ماهہ سهيلا، تون ٻهہ مَرُت وچاوين،

جوڙئون جوڙا سائين والا، تَوڪل ٻچ رلاوين،

عشق غبار دا جوڙ ڪهاڙا، تڪبر ڍہان ڍاهين،

جهار دليل اتي نہ ڪوئي، چونڪي عشق چڙهاوين،

صبر دا ڏي لوڙها ميان شاه باهو، دم واڪا ٻلهاوين.

"دم دي سرت سنيال رکين، دم هي اسرار الاهي دا"

ادم هجي، سعيو هجي. سونهون ٻه نظر ۾ هجي.

اکين ۾ تي ويهه، ته واري اکيون ڍکيان،

توکي ڏسي نه ڏيهه، آءُ نه پسان کي پيو.

اهو پنڌ جو اهڙو آهي! اُهو پنڌ نبين ۽ اوليائن جو آهي. خيال کي مرد تي ونجي:

"لکان لک لڳن، ته ٻه پير نه ڇڏج پنهل جو

مر ته موچاري ٿئين، ويهي لاءِ مَروين،

توڙي نه لهين پير، ته ٻه راهه نه ڇڏج رب جي.

هيءُ هکڙي حياتيءَ جي مهل آهي، اُها ٻه وهامندي ٿي وجي. جا شيءِ وهامندي ٿي وجي، انهيءَ جو گهڻو سعيو ڪجي جو وجي ٿي. اُهو پنڌ اکين جو آهي. هتين پيرين هرکوني هلي، تون اکين سان هل. اکيون اُهيئي پسندي پاک ٿيون. پنهنجي رب کي پاڻ کان جدا نه سمجهجي. رب حاضر ناظر آهي. کنهن سنياربو کنهن نه سنياربو. انهيءَ پنڌ ڏانهن غفلت نه ڪجي، فراموشي سي نند آهي، توڙي اک پٽئي. اک ٻڏل هجي صورت سان، پوءِ انهي کي ٻيا قرٺا نه پوندا. جنهن جي اک صورت سان ٻڏل آهي، درجي بدرجي هلي ويندو. "ڏيٺو اٿيئي ته ڏي، نه ته وصالان ٿي وٽ پوي"

سدائين نه هوندا ساهه سان، اُهي ميلاڻي جا مينهن،

هي وڻ هتي جا، آهن ڏسڻ ٻه تي ڏينهن.

رب رب ڪندا هلو:

”نہ ڇاڻان ڪيھي اڳيان ڪندا پر پنوهارسين“

رب جي بي پرواهيءَ ڏانهن بہ خوف رکجي جو ڪامل ڪنبندا ويا. جنهن جو خوف رکجي، وري اُميد بہ انهيءَ ۾ رکجي. رب ڏانهن بي اُميد نہ ٿجي، جو رب رحم ڪندڙ آهي:

”اي يـــوري مـــاءَ ڪا هنئين سين لاءِ“

دعـــائون سيني ڪـي ڇنجـاڻ. سـاٿـي جن الله وار نـہ ونگو تن جو.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري.

خط (13)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت هجين شال.

بعـد دعـائن جي لکجي ٿـو تہ منهنجي طبـيـعت هينئر الله سائينءَ جي فضل سان بهتر آهي. وقت خير جو پيو ٿو گذري. جيڪو بہ وقت خير جو گذري سو غنيمت آهي. سنگت بہ گهٽي پيئي اچي وڃي، اوهان جو قرب گهڻو ياد ايندو آهي. سڀ رب ڪريم جي هٿ وس آهي، چڱي وٺنديس انشاء الله.

الف سندي اوڻ، هاري وڃــــهــــ هنئين تي،
ڪتـابن ڪوڙ، منجـهـائين مـعلوم ٿـئي.
اڪـر پڙهہ الف جـو، ٻيـا ورق مـڙيئي وار،
اندر ڪٿي اوجار، پنا پڙهندين ڪيترا!

ڪتابن ۾ ته گهٽائي لکيل آهي سو اوهان گهٽائيءَ کي ڇڏي هيڪڙائيءَ کي وٺو، جو ڪم ٻه هڪ رب ڪريم سان آهي. باقي ڪتاب ته منجهائي وجهندا آهن. ماڻهو پاڻ ٻه هڪ جيئرو ڪتاب آهي، ٻيا ڪتاب ٻه انهيءَ جيئري ڪتاب منجهان نڪتل آهن. علم ٻه جيڪو انسان کي پنهنجي ڪل ۾ آيل آهي اُهو عجب آهي. باقي ٻاهر نقل آهي. اصل ته پنهنجي ڪل ۾ آهي سو اصل سان رهڻ گهرجي. ٻيا ٻاهريان انهن اکرن ۾ منجهي مري ويا.

اکران دي وچ جوئي اڙيا، عشق دي چاڙهي مول نه چڙهيا،

علم اثباتي دا جوئي پڙهيا، موج انهان سر ساوڻ دي.

عشق اسرار آهي. عشق الاهي آتش آهي جا ساري عمر غير کي جلائي ٿي. عشق ماري وري جيئاريندو آهي. عشق کان سواءِ ماڻهو ائين آهي جيئن جهنگل ۾ حيوان. سو حيواني خيال ڇڏي پنهنجو رب اثبات ڪريو، جو نيٺ پنهنجي رب سان ڪم پوڻو آهي. جن کي دل سان لڳي آئي سي دانهان ڪندا ويا.

دم سان پريم رکو ۽ دم ڪاهيو. دم سان پريت هوندي ته دم ڪماليت وٺندو. نئون دم نئون خيال. دم جي ڪاهه هجي. پوءِ ماڻهو منزل رسيو ته لک ٿيو نه ته راهه جو مرڻ ٻه ڀلو آهي. ماڻ خالي نه پرجن. ماڻ ٽپيو اچي، ٽپيو وڃي، ماڻ دمن جو، قرآن شريف ۾ لکيل آهي ته ڪانو پيئو پلي، زيان نه ڪريو. ملن جي معنيٰ آهي ته کائون ماني ۽ ميوا، پيئو پاڻي ۽ خرچ اجايو نه ڪريو. پر انهيءَ جي صحيح معنيٰ آهي ته کائو خودي، پيئو شراب وحدت جو ۽ زيان نه ڪريو اجايا دم.

خيال ٻيا ڪيترا ٻه چڱا پون تڏهن ٻه رب ڪريم جي مت نه،

اوهان اُهي سڀ خيال مٽي، خيال رب ڪريم وارو قائم رکو. مون کان انشاءَ الله تعاليٰ پري ڪونہ آهيو، نڪو مون اوهان کان پري آهيان. فقط اوهان پاڻ سنڀاليو. اولاد هر ڪنهن کي پياري آهي. اوهان بہ نپايل منهنجا آهيو. سُتيون بہ منهنجون پيل اٿو. هيءَ بہ هڪ سُٺي اٿو.

سائي جن الله وار نـــہ ونگو تن جو. جمل سنگت کي دعائون چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري.

خط (14)

مائي فقيريائي سدا سلامت هجو شال.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون.

مطلب تہ خط اوهان جو مليو، احوال معلوم ڪيو وبو. مان اوهان کي دعا ٿو ڪريان تہ الله ۽ مرشد اوهان کي پنهنجو ڪندو، اوهان بہ الله ۽ مرشد کي پنهنجو ڪريو. نہ الله سائين اوهان کان پري آهي، نہ مرشد سائين پري آهي:

”ويجهو ٿي ورنائي، دانهون دردمندن جون“

بيدردي دل چڱي ناهي، درد بہ جاڳائجي. درد بہ تڏهن جاڳندو جڏهن پنهنجي جدائي سنياربندو. نيٺ هلڻو بہ آهي، هڪڙا اڳي هڪڙا پوءِ پر پنهنجو هلڻ سنيار جي. باقي هلڻ جي ٽائيم ۾ چا رهيو آهي! هلڻ سکجي جو موت آيو بيٺو آهي. ميران ٻانيءَ چيو آهي تہ : ڏينهن ٿورو پنڌ گهڻو، ڊوڙڻو اٿيئي تہ ڊوڙ. تڪو بہ اهڙو وجهجي جو جيئن مرڻ کان بہ اڳي وڃي حياتي ڪٽجي. هن زماني ۾ باقي ٿورو وقت بيهڻو آهي. زماني جو پروسو ڇڏي رب ڪريم جو پروسو

ياد ۾ رکو:

"اڳيئون سو ڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سان"

رب ڪريم جي يادگيري ۾ مري وڃجي. مرڻو به ضرور آهي. شَل پنهنجو ڪري ماري. شَل ماڻهو ڪري ماري. ماڻهپي جا ڪهڙا ٻه وصف آهن؟ ذڪر ۽ فڪر، حياءُ ۽ خدا جو خوف. اول حياءُ پوءِ يقين. حياءُ آهي پاڙ، يقين ميوو.

زماني جا ماڻهو نفعي ضرر جي خبر رکن ٿا باقي بندگيءَ ويل بيخبر رهن ٿا. بيخبر سان صحبت ني نه ڪجي جو دليون ماس جون آهن، انهن جي صحبت ۾ اچي وڃن ٿيون. خبردار! مگر پنهنجي مالڪ سان. ڪيترو لکبو پنهنجو پاڻ سمجهاءِ. نيٺ ته خدا سان ڪم پوڻو آهي. حلال وجهه جي ڪمن سان پلي رهيجي، پر ليڪن ۾ نه رڳو ويهي رهو. هڪ رب نه وساريو. طرف رب جو وٺيون بيٺا هجو. حلال وجهه جو ڪم نيڪ به ڪري ويا آهن. پوٽل هججي جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي انهيءَ لڙهيءَ ۾. ڪنڻ هارائڻ جي جاءِ اِها آهي.

"هٿي سانگ رساءِ، ته هوندين خوش خانو چوي"

"ستر سي سکن، جنکي ويڙهيچا وجود ۾"

اوهان شڪر ڪريو جو اوهان کي مليل آهي.

"دوست جنان ڪون دل وچ حاضر ناظر دشمن لهي نه وارا"

رب ڪريم جي اَمن اَمان هوندو. سائي جن الله وار نه ونگو تن جو.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (15)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. مطلب تہ خط اوهان جو گهڻن ڏينهن کان پوءِ مليو پڙهي، احوال معلوم ڪيو ويو.

هيءُ دنيا جو جهان آهي جنهن ڪيترا داناءَ ديوانا ڪري ڇڏيا. هيءَ گرم بازار آهي، سڀ ڪو هلندو ٿو وڃي پيو. تون پنهنجي وڃڻ ياد ڪر. عاشق ٿي پوَ پنهنجي معشوق تي.

دنيا ۾ آهن غم گهڻا، پر عشق جو غم ٻيءَ طرح،
آهن دنيا ۾ هزارين، پر هن جو لشڪر ٽينءَ طرح،
حُسن وارا ڪيترا، مٽ نہ پائيان يار جي،
هن جون رمزان هن جون غمزان، ناز دم دم ٻيءَ طرح.

مٿان ٽائيم اچي پريو آهي سو زماني منجهان دل ڇڏاءِ، جي مرد ٿين تہ ڪڻ ملامت، تنهنجو ڇاهي عام سان؟ هيءُ بيابان آهي، ڪوبہ ڪنهن جو ساٿي ڪونهي. ڄڄ پائي سڀ ڪو آهي، پندڻ پائي اصل ڪوبہ ڪونهي:

”سي نہ ٿيندءِ ساٿي، جي تو پنهنجا پائنيئان“
”هر گر هردي حاضر ناظر جتي امڙ نڪوابو“
”هينئڙ مارو پرين ٽڙ ٿيا، آءُ ڏيان ڏوراپو ڪنهن کي؟“
”هم تم هويا، تم هم هويا“
راتيون جي جاڳن، آءُ سيئي ڪنديس سيڻ،
تنين سندا نيڻ، اوجاڳي اوجاريا.

پٽ ۾ پير ڏکا ڪري، جڏهن سٽيون جي،

تڏهن تنين کي، سات ستيئي ڇڏيو.

فراموشي سڀ ننڊ آهي. رات، ڏينهن، درياهه، حياتي ۽ ملڪن جو مالڪ به بنا ننڊ جي.. باقي اوهان ڪيئن ننڊان ٿا ڪريو! شايد مون اوهان ڪان پري آهيان! ٻچا ڪانون کي به پيارا آهن، اوهان به مون کي پيارا آهيو. اولاد جي دل آخر سخت ٿيندي آهي. هڪڙو پکي آهي تنهن کي ٻچا ٿين ته اکيون پورليون هونديون اٿن، اُهو پکي پوءِ جبل تان پارس هٿ ڪري اچي ٻچن جي اکين تي لائي ته انهن جون اکيون کلن. مرشد به ائين آهي. ڪيتري محنت ۽ تڪليف طالب لاءِ ڪرڻي ٿي پوي سا رڳو ڪيس خبر! جيئن عقل گهٽو تيئن مرشد لاءِ چيٺ. نيٺ خدا سان ڪم پوٽو آهي. "لائي ترار لا جي ڪٽي خچر کي مار"

دم دم اسانڌي دل تي، هن سڄڻان ديان ڳالهيان،

سي ته لهنديان نهين، جيڪي سهڻي يار سڪاليان.

"آهه ڪريان ته جڳ جلي، جهنگل پي جل جاءِ"

اوهان ۽ اسان جو خدا ڪارڻ جو رستو آهي اُهو ياد پيو پوي.

"مئيءَ کي ماري ويا، نه جيئاري ويا"

ساڻي جن الله وار نه ونگو تن جو. رب ڪريم جي اَمن اَمان هوندو. دعا درويشان رحم الاهي. دعائون سيني ننڊن وڏن کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (16)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي واضع هجي تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون.

مطلب تہ :

"در دعا جانہ تا کبا، پيا دوا دارون چا کبا"

الله کان جدا نہ رهجانءِ. تون سچو الله جو آهين. پاڻ سنياري ڏس. "ب" پروڙڻ آهي بيو بساهي.

الف اندر ۾، کيو کاپڙين،
حرف ڏاران هڪڙي، پيو تان نہ ٻڌن.

انهيءَ حرف هڪڙي سان محڪم رهو. پاڻ ڏانهن بيخبر نہ رهجي،

پاڻ پنهنجي پاڻ ۾، پيهي جن ڏٺو،
کرمن جو چٽو، قاڙي تن قتو کيو.

"جاڳوئي جاڳو سمهون تان نہ سرتيون."

هتان نهي چڙي هلو. عام سان ربس نہ کجي. وجي ٿي وهامندي. رب رب کندا هو.

ساري خلق چلي چل جاندي وو يار،
تينون کل نہ کائي هي پوندي وو يار،
خوب کلي هي هٽي بازاري، کر گهن سودا وٹج واپاري،
ول نہ آسين ايجهي واري، پڇي هوسين هٽتاڙي،
پڇي متان دل ارمان کريندي وو يار،

اٿو وي سٺنيان ڪرو تياري، بلاشاهہ دي آئي هي واري،

تسان ڪيتي هي ننڊ پياري، غافل غفلت وچ رهندي وو يار.

سڄوڻي زماني ۾ نہ هججي. ماڻهو سڄو جنهن جو آهي، اوڏاهين هججي. زمانو هڪڙو سپنو آهي. زماني ۾ هٿ پير هٽجن ٿا. اُها زماني جي بيماري آهي. گشيءِ زماني جي ۾ تو هٿ پير هٽي. ساندارِي هئي هڪڙي سا درياهہ جي سير ۾ لڙهندي پئي ويئي. ڪنهن ماڻهوءَ ڏٺي سو سمجهيائين تہ گيهہ سان ڀريل آهي. گهڙي پيو درياهہ ۾، تري وڃي پهتس. هٿ وڌائين تہ اُبتي ٿي پيئي. هُو تہ ڪو رڇ هو تنهن هٽي ٻوڙي ڇڏيس. غوطا کائي مري ويو. رڇ زمانو آهي. ماڻهو يڳو ڪاڻ پيٽ لاءِ ۾ زماني جي دليلن جي غوطن ۾ ٻڏي مري ويو. زماني جي آزار جي دوا اوهان کي ڏسي ٿي ڇڏجي. عاجزيءَ جون پاڙون ۽ توبهہ جون هرڙون، اُمر جي همام ۾ قناعت جي دستي سان ڪٽي سنهيون ڪجن. پوءِ پرهيزگاريءَ جي ديگڙيءَ ۾ وجهي، حياءَ جو پاڻي گڏي، محبت جا مچ مچائجن تہ دوا تهي پوندي. پوءِ شڪراني جي پيالي ۾ وجهي، الحمد جي چمچي سان کائجي. جيڪو ائين ڪندو، تنهن کي زماني جو آزار ڇڏي ويندو.

ويهي ڪين وڃاءِ، توکي هلڻو پوندو هوت ڏي،

توکي ننڊ نياڳ جي، ناحق ڏينهن نہ لاهہ،

پنڌ ساروئي ڪيچ جو، تو متي آهہ،

اُهو پنهل پڇاءِ، جيڪو منزلان معاف ڪري.

فراموشي سڀ ننڊ آهي:

”ڏورينديون ڏسن جـڏهن تڏهن پرينءَ کي“

"ڏورج پنهنجي ڏيل ۾ سچيءَ سڪ منجهان"

جسي ٻيلي وچ شير پيا، ڪل جناور چپ ٿيا،
آوڻ نال گروڙ جنهيندي، ڪل جناور بي وطن ٿيا،
اڳ وچ شير، پڇي ڦيڪاري، سارا جهنگل سنا ٿيا،
جتان هوسين شير هڪو هڪ، اُتي رهيسن ڪونه پيا.

خيالات جو ٻيلو آهي، شينهن نالو رب جو اچي پيو. نالو رب جو دل سهٽي ٿو رکي. ميران بائيءَ جي دل سهٽي بہ نالي رب جي ڪئي هئي. سهٽي جي صحبت مان ڪيتريون دليون سهٽيون ٿي ٿيون وڃن. مطلب تہ هتان نهي جڙي هلجي.

لامڪاني خيال جنهاندا، فقير تنهان دا سارا،
ايريا مهتاب تي روشنائي، چوڙ ٿيا انڌارا،
نظر جهاندي ڪيميا هووي، سي ڪيوين مارن پارا،
دوست جهانڪون دل وچ حاضر ناظر، دشمن لهي نہ وارا،
ڪهڙي پرواهہ تنهانڪون ميان شاهہ باهو،
جنهانڪون، مليا هادي سونهارا.

"فراموشي مکن اي يار جاني، اگر دورم مرا نزديڪ داني"

دعا سيني کي چئجانءِ، الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندوَ.
دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (17)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي واضع هجي تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو

خير ٿا گهرون.

مطلب تہ اوهان ڏي اچڻ جي مون کي تانگهہ گهڻي بيني آهي. پر اَمر کي پنيرو نٿو ٿي سگهجي:

”هيءَ ڪميٽي ڪير جا اَمر کي آڏو اچي!“

مان آهيان بہ اوهان وٽ. جيڪا بہ صحبت اوهان سان ڪريان ٿو سا پڻ سان نہ ڪندو آهيان، صحبت سپرين جي ڪک پن ککوريا. صحبت کان ٻاهر تہ نہ آهيو! اوهان بہ صحبت نہ ڇڏي آهي ۽ نہ وري مون اوهان کي ڇڏيو آهي. موجهہ ڏسي بہ رب ڪريم جو يادگيرو نہ وسار. جو اٿيئي منجهہ ظلمات حياتي، ظلمات اونداهيءَ کي چوندا آهن. مان اوهان جو ۽ اوهين منهنجا. انشاءالله تعاليٰ رب ڪريم ظاهر باطن راضي هوندوَ. ظاهر باطن، بہ مالڪ انهن سان راضي آهي جيڪي دليون محبت رب ڪريم جي ۾ رهن ٿيون. منهنجي اوهان کي دعا اُها آهي تہ اڳيئون جيئڻ وٽي اچو. محبت مالڪ جي ۾ دليون سهڻيون ٿين ٿيون، ظاهر باطن. منهن سهڻي کان دل سهڻي چڱي آهي. سهڻي سائينءَ جي صحبت ۾ دليون سهڻيون ٿنديون آهن. جا دل رب قبول ٿي ڪري سان سهڻي آهي. نالي رب جي سان سڀ سونيهن ٿو. سهڻي شڪل وٽي زماني جي ماڻهن کي، دل سهڻي وري وٽي رب کي. دل يلي پنهنجي رب سان ڳالهائي. محبوب ٿو محلات ۾ ڳالهائي. سر قربان ڪر، نہ تہ شان ڪر تہ چٽينئي. سيڪارڻ جي ڳالهہ ناهي. ڪجهہ سمجهڻو آهي جيڪا دل رب ٿئي قبول ڪري تہ اُها دل ڪڏي ڪُتن کي ڏجي تہ من ڪُتن ڪاڏي کو درجو ٿئي! دل جي آزار جون دوائون آهن چار: هڪ تہ صحبت نيڪن جي هجي! ٻيو علم حق جو هجي! ٽيون رات جو اوجاڳو

هجيس ۽ چوٿين مني ٻُک هميشه لاءِ. سواءِ ديدار جي ٻي دوا ڪانهي مرض منهنجي جي!

زماني وارن سان گهڻو نہ ڳالهايو جو گهڻي ڳالهائڻ ۾ دم اجايا ٿا وڃائجن. گهٽي ڪري مڙيوئي دمن جي ڪجي، جيئن دم، اجايو نہ وڃي سواءِ رب جي. اجائي اُٿڻ ويهڻ کان بہ ڪري ڪجي. اجايو گهمڻ ڪو چڱو آهي ڇا؟ اجائي وک ئي چڱي ناهي. زماني جي ماڻهن لاءِ زمانو ذڪر آهي. زمانو آخر فنا آهي! اوهان بقا سان رهو جو بقا هڪ نالي مالڪ جي ڪي آهي. باقي ٻيو سڀ فنا آهي. فنا ۾ ڪيترا هٽ هٽبا! هي هلندڙ قافلو آهي. اوهان رب رب ڪندا هلو، جو اوهان ڪي مليل آهي. جيڪا راهہ ورتل اٿوَ، انهيءَ سان پيا هلو. سواءِ رب جي ماڻهو بيراهہ ٿو وڃي. بيراهي عمر شل ڪنهن جي بہ اجائي نہ وڃي. رب ڪريم جي پنڌ کان بس ڪرڻ جي باس ئي نہ باسيو. مان وينو تہ هتِ آهيان مگر منهنجو خيال اوهان کان پري اصل نہ آهي. اوهان خيال خدائي ختم نہ ڪريو جو وقت ٿورو بيهٺو آهي. مرڻ کان اڳي اُهو مرندو، جنهن کي پنهنجو موت ياد هوندو. جنهن جو خوف رکجي، اُميد بہ انهيءَ ۾ رکجي.

سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو، جملہ سنگت جون دعائون مطالع ڪندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (18)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ ٻيو هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. مطلب تہ خط توهان جو نيڪ ساعت ۾ پهتو، احوال معلوم ٿيو.

"فراموشي مکن اي يار جاني، اگر دورم مرا نزديک داني"

رب جو يادگيرو هر وقت ڪجي. نه وسري نه وسارجي. پوتل هججي جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي، تنهن لڙهيءَ منجهه، هن جهان ۾ ماڻهو آيو آهي، اثباب ڪرڻ الله کي. مان اوهان کي ڪم ڏسيو آهي ته هڪ الله نه وساريو. جيڪي وسارين ٿا سي پاڻ وسرن ٿا. ياد ڪريو نه ته پوءِ ياد ڪندوَ:

"اي پوري ماءُ ڪا هنئين سين لاءِ"

"مون سندي ڪا ماءُ، تو نه پروڙي ڳالهڙي!"

"ستا اُٿي جاڳ ننڊ نه گهرجي ايتري"

ستي نه سرندياءِ، اُٿي ڪر ڪا پچار پرينءَ جي،

وهاڻي ويندياءِ، پوءِ گهڙيا هٿندين هٿڙا.

هٿين پيرين موتڙين، کهج ير ڪاپار،

متان چوري چڏئين، پرين جي پچار.

فراموشي سڀ ننڊ آهي، جا دل فراموش آهي جنهن اک ئي نه پٽي اُٿس، نادان آهي. ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهي، رڳو پنهنجي وصفن ۽ عادتن ۾ ٻڌو وينو آهي. چرڪ ڪونهيس، چرڪ هجيس ته سيئني ٻنڌڻ چني وجهي، ادم ڪجي. هينئر پارس پرين ويجهو آهي، جيئن لوهه پارس سان پيو گسندو تيئن پيو سون ٿيندو:

"تو منجهه آهه سو سر سارو، جنهن جا پند پچين ٿو"

"سودا ملن سو ته ٻه مت نه يانئج ميندري"

جي دشمن سان لڙائي ڪرين ته لڙائيءَ وارا هٿيار ٻڌ. ٻيهٿيار ڪهڙي فتح ڪندو؟ رهندو غلام ٿي پوندو. هٿيار چار توکي ڏسيل

آهن. اڪبري لڙائي آهي. نفس سان وڙهڻ لاءِ چار هٿيار آهن. خنجر صبر جو، ترار بُک جي، نيزو عام کان تنهائيءَ جو ۽ ترڪ ننڊ جو. شيخ عطار اولياءَ جو ائين چيل آهي ۽ چيو اُتس تہ جيڪو منهنجي صلاح نہ وٺندو، نفس ان جي چوائيءَ ۾ نہ ايندو.

اوهين ڪڏهن ملندوَ جيڪي پري آهيو؟

"جهڙي سانون لائي هَي، تهڙي شل تينون بہ لڳي"

هڪڙا اڳيئي جدائي ڪري پري وڃي ٿيا، تون رهندا پنهنجا يادگيرا ٿو وجهين:

"گهوريا وڃوڙي جا ڏينهڙا"

الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندوَ، دعا دروبشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (19)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت هجو شال.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ ٻيو سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون.

مطلب تہ الله نہ وساريو. جهڙي تهڙي حال سان پوتل هججي. اُهي عشق الله جا رب جي نالي نوازيا آهن. نيٺ خدا سان ڪم پوڻو آهي. ڪيترا ڏينهن زماني جي ٻاراٽي راند ۾ رهنديںءَ؟ بادشاهن بادشاهي ڇڏي الله گهريو آهي. ميران ٻائي هئي، سا بہ بادشاهزادي هئي. بادشاهي ڇڏي انهيءَ بہ الله گهريو. تون پنهنجي هيئنر مند سنڀار. هھڙو وقت حياتيءَ جو وري نہ هٿ ايندءِ! چڱو تہ ائين آهي تہ ترڪ ڏيئي ويهي الله ڪماءِ:

"سهڻو شاهه لطيف چئي اڳيئون شال وٺان"

مرد ٿي هلجي. مرد بہ اُهي ٿيا جيڪي مرداني صحبت ۾ آيا. الله جي ناليءَ ڪي ائين ونجي جيئن وڻ ويڙهي وڻ ڪي وٺندي آهي، جيئن پاڻ نہ ڇٽي سگهجي. رب ڪريم جي نام سان سدائين سهاڳڻ هججي. سواءِ الله جي ٻيا ڪهڙا ڪُهہ وجهڻا آهن"

هاڻي اُها پوئين عمر ڏي الله ڪي، ٻيا ڪم زماني جي جيڪي بہ آهن انهن ڪي ڪلف هٽي ڇڏ. لٽا درويشي پاءِ، چال بہ درويشي ڏار، دم جو يادگيرو اهڙو، جو دم وجي ڪماليت وٺي. تڏيءَ ڪوسيءَ پيئي ڪاهہ جيئن مون وٽ درويشي وبس سان اچين! اڳيئون سهاڳ جيئن ملي، جيڪا اڳ سهاڳڻ هوندي انهيءَ جي دل ۾ ڪنمال رب ڪريم جي يادگيري جي ٻڌل هوندي. دل ڪي الله قبول ڪراءِ. گهنا ڏينهن سڪن سان گذاريو اٿيئي. هاڻي اچ ڏڪن جي ڏيهہ ۾. مون اوهان ڪي ڏڪ ٿو ڏسيان، باقي ٻيا مطلوب طالبن ڪي ڏڪ نہ ڏسيندا آهن: "سڪن وڌيس سرتيون پرين ڪان بہ پري"

ڏيڪاريس ڏڪن، نيئي گوندر گس پرينءَ جو،

سونهائي سورن، وجي ڪني هيڪاندي هوت سين.

"ملي تہ ملندياس نہ تہ گهوري جند جتن تان"

تانيم الاني باقي ڪيترو رهيو آهي! اڳيئون بہ شال رهجي اچي. دم دم تي سعيو ٻينو هجي:

"توتي سند سسئي آهي لوچڻ جي لغار"

اولاد بہ اُهو چڱو جيڪو چوائيءَ ۾ رهي. بس چوڻ اُهو آهي تہ محبت رب ڪريم جي نہ ڇڏج ۽ رب ڪريم نہ وسارج. فقير جو اولاد آهين، سو هر حال ۾ رب ڪريم نہ وسارجانءِ. منهنجي دل ۾

اُهو يادگيرو رهندو آهي تہ جيئن اوهان کان مالڪ نہ وسري. الله سائينءَ جي اٽنڊ يلي ڪري، اوهان منجهہ هجي. پوءِ جيئن بهاريءَ سان ملجي. دنيا جي بهاريءَ کان محبوب جو غم ڀلو آهي. خط پڙهندي سان ڪلف پائي زماني جي محبت کان موڪلاءِ.

دعا درويشان رحم الاهي. دعائون سيني کي چئجانءِ.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (20)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. خط اوهان جو پهتو حقيقت معلوم ٿي.

مطلب تہ اوهان پنهنجو الله نہ وساريو. سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. رمز پون سان گڏيل هجي. وسري تہ وري ياد ڪجي. حياتيءَ جي چڙهائي جيڪا ڪالهہ هئي سا رات نہ هئي، جيڪا رات هئي سان هينئر ناهي!

ساهہ اُتي ويساهہ نہ ڪوئي ڪوڙي دم دي ياري،
بازانگيان ڪر پرواز ويسين، ڏيسين هڪ ڏينهن اڏاري،
اٿئي پهر ازل ڪڙا هي، اتون تيغ اولاري.

کهڙو پروسو آهي حياتيءَ جو، کهڙو پروسو آهي زماني جو! هيءَ حياتيءَ جهڙي مهل وري هٿ اچڻي ناهي:

"منو نالو رام جو، تون هنڌائي ڏس هنئين
نهائنيءَ کان نينهن، سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، پاهر ٻاڦ نہ نڪري.

سڪ بہ لڪ بہ، ڏِڪُ مَر ڏورن جـيـئـن،
سي رچ پچن ڪيئن، جن جون ٻاڦان ٻاهر نڪرن.
"آهہ ڪريان تہ جڳ جلي، جـهـنگل پـي جل جـاءِ"
جـهـڙي تـهـڙي حـال سـان بہ رب نہ وسـارج.
"جـيـڪي آهہ اڄ، سـو صـبـح نـاهہ صـديق چـوي"
يار ڪـنـون دم ڌار تـيـوڻ، بي در دونـدان دي ڪـارنـهـين،
شـهـرت تي بدنامي ڪنون، ول عـاشق نون ڪوئي عـارنـهـين.
سـتـا اُٺي جـاڳ، ننڊ نہ گـهـرجي ايـتـري،
توجو ساٿيهہ پائيون، سو مانجهاندي جو ماڳ،
سلطاني سـهـاڳ، ننڊن ڪندي نہ ملي.
غفلت سـي ننڊ آهي.
چـڙا تـو چـونـگـان، ڪـيـئـن پرائي پرينءَ ڪـون؟
چي هيڪر ڪانس ڪـوري وچ ہر، ٻي تي مترڪن مار،
سـوين سـانـداٿـيـون آئـيـون، انـبـورين اپار،
تنهـان پـوءِ تنوار، مـون پرائي پرينءَ ڪـان.
"پـرين چـونـئـي پچ، تـون آگ اوڏوئي نہ اچين!"
مرشد ميڏا ڪعبہ قبلہ، مرشد هي نور حقيقي،
مرشد هي اسرار الاهي، مرشد هي سر سبحاني،
مرشد هي رهبر راهہ هدايت، مرشد هي گنج معاني،

مرشد دا مُنهن ماهہ مُنور، مرشد هي شمع نوراني.

مرشد ڪعبہ قبلہ آهي هر ڪنهن ڏي. مرشد صورت الله جي آهي جو هو پنهنجا سڀ وصف پنهنجن طالبن کي ڏئي ٿو. مرشد ٻہ وحدت ٿو ڏسي. پلي ڪري مرشد ونجي، پر تکڙ نہ ڪجي، ڏسي وائسي ونجي. ڪهڙيءَ وارو، ڪتابن جي ڏِگهين ڳالهين ڪرڻ وارو نہ ونجي. رهڙيءَ وارو ونجي، حديث ۾ آهي تہ: جنهن جو مرشد ورتل ناهي انهيءَ جو مرشد آهي شيطان. اُهي اولياء، قلندر سڀ مرشد وارا آهن. پريان هر ڪوئي پنهنجي واٽ سان آيو آهي، پوءِ سيني هدايتوندن هتان اچي سونهان ساڻ ڪنيان آهن.

الله سائين جي اَمن اَمان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي. دعائون سيني کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (21)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. مطلب تہ خط پهتو احوال معلوم ٿيو.

لائي ترار لاجي، ڪٽي خچر کي مار،

تہ سموري سرڪار، مينگها ملنديءَ ماٺ ۾.

دل کي هيڏي هوڏي ڪان پلي، هڪ رب کي ياد ڪر، جيئن دليئون هڪ دوست نہ وسري. پيارو ماڻهوءَ کي پنهنجو ساهہ آهي، اُهو تہ وڃي ٿو پيو. پوءِ اُتي ويهي سگهنديئن؟ پياري شيءِ آهي سا گهرئون وڃي ٿي پيئي، ڪجهہ انهيءَ جو بہ يادگيرو ڪر. دل کي اجايو گهنگروُ ٻڌو اٿيئي. اجايو هيڏي هوڏي جون ڳالهيون دل ۾ نہ رک.

هڪ ڳالهہ رک، محبت پنهنجي رب جي:

”ريءَ محبت آهي مُنهن ڪارو، سچيڏنا ڪونہ سنياري تو“

ٻہ زبانون رکندي آهي ڳوهہ، هڪ زبان رک، هڪ پنهنجو رب قبول ڪر.

پکي جڏهن هڪ ٻوليءَ ۾ هنا تہ ماريءَ بہ قصد ڪيو، پر انهن مان هڪ پکيءَ وري ٻوليءَ جي مت ڪئي، تڏهن ماريءَ قصد ڪٽي ڇڏيو. هاڻي وري جڏهن ٻئي پکي هڪ ٻولي ساڳي ڪن، تڏهن تہ ماري بہ تيار ٿيندو! ٻيون ٻوليون سڀ وهم آهن. اُهي ڇڏي ڏيو. هڪ رب جي محبت ۾ رهو. دل مان شڪ ڪڍي حق سان رهو: فقط هڪ ٻوليءَ سان رب راضي ڪريو ۽ رب جي اَمر سان رهو. پنهنجو پاڻ کي سمجهانجي. رب ڇڏي، ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ماٺهو پيو تہ ڄٽڪ ٻنڙ ۾ پيو. تون سچو الله سائينءَ جو آهين ۽ ٿيءُ بہ وڃي سچو الله سان.

ڪتابن ڪئي رب حاصل نہ ٿيندو آهي، رب ڪئي رب حاصل ٿيندو آهي، ڪتابن ۾ رڳو وس وسا آهن، توکي رڳو اَمر الله سائينءَ جو ڪيل هو. الله سائينءَ جي طرف ڪان وري نفس رايا اَجايا وڃهندو آهين، ڪتابن جا. هي ڪتاب ماٺهوءَ کي هوش ڪان ڪڍي ڇڏيندا آهن. هاڻي هوش رکج نالي رب جي سان.

اکر پڙهہ الف جو، ٻيا ورق مڙيئي وار،
اندر ڪٽي اوجار، پنا پڙهندين ڪيترا!
سخن سٽي شِخ جو، تون ويسجهي ويهہ،
ڏاتار سندو ڏيهہ، تو اندر اثبات ٿئي.
”جنين وساريو نام تن پت وڃائي پنهنجي“

ايڪيتاليهون حصو زماني سان هج، چاليهه حصا پنهنجي رب سان هج.

غازيان نون غم نہ ڪوئي، اوسر دا سانگ نہ رکدي،
وڃ ميدان محبت والي، مردان مردي مردي،
پاڙا انهان نال نہ ڪرين يا رب صاحبا، جيڪي هوون بيدري.
”جنهيندا درد، تنهيندي در نون، مين هر گز چوڙ نہ ويسان“

جيترو مان تو توکي ياد ڪريان، من اوترو تون بہ ياد ڪرين!
”ياراسان سان تون جو آهين، ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن“

ڪهڙين تنهنجين ڳالهين تي وسهجون، جو تنهنجي واين ۾ آهن ورگهٽا! هي سڀ حال احوال توکي معلوم آهي.

دعائون سيني کي چنجانءِ. ساڻي جن الله وار نہ ونگو تن جو. الله سائينءَ جن امن امان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (22)

مانـي فقيرياڻي سدا سلامت خوش هجين شال

بعد دعائن جي تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. خط اوهان جو پهتو نيڪ ساعت ۾، احوال معلوم ٿيو.

مطلب تہ وطن جو يادگيرو رک. ماٺهو وطن کان بيوطن آهي، نيٺ هلڻو آهي وطن پنهنجي، پنهنجي وطن ڏي بهاريءَ سان هلو، ڪلندا هلو، پر رب نہ وساريو:

”سمر جنين نہ ساڻ، هوت همايت تنجو“

فراموشي سڀ ننڊ آهي. ننڊ هُنَ ملڪ ۾ آهيئي ڪانہ. رات

بنا ننڊ جي، ڏينهن بنا ننڊ جي، درياهه بنا ننڊ جي، حياتي بنا ننڊ جي، ملڪن جو مالڪ به بنا ننڊ جي، ننڊ نياڳن سان گڏيل آهي. پوتل رهو جنهن لڙهيءَ جا موتي آهيو.

اوجاڳو اداسي نيڻ ڪري ٿو، پلي اڪ نيراني ٿئي. ٻڌل پلو آهي ماڻهو، پر اڪ به ٻڌل پلي آهه، صورت مرشد جي سان. ٻڌل ڪي ٻيو ٻڌي نه سگهندو. سڄ جيڪو مُنهن پر رکندو اُهو ڪنهين ملڪن پر اوندهه نه ڏسندو. ماڻهو وڃي ته اونهيڻئي پيو ٿو، سڄ منهن پر ڏيڻي هلجي، سڄ آهي صورت. ڪن به ٻَڌو، زماني جي گفتگوءَ ڪي ڪن ئي نه ڏيو. پل چپ به ٻڌو، چپ ٻَڌو پلي زماني جي گفتار ڏانهن. جي اوهين ٻڌل هجو الله ۽ مرشد جي صورت سان ته انهيءَ ڪي ٻيو ڪير ٻڌي! مان اوهان سان ٻڌل آهيان، اوهين به مونسان ٻڌجو.

پلي محبت الله جي پر مرو، لڪپڙهه اڇي ويئي آهي ته مرڻ کان اڳي مري آئون، جيڪي آبروءَ وارا هئا، اُهي پنڌ پيا. مندا ڪتا سائين پٽائي. ٿوري جيئڻ لاءِ ڪري ساري عمر نه وڃائجي:

"هم تم هويا، تم هم هويا، ٻئي پول نه ڪنهين پل"

اصل پنهنجو سنياربو ته اڳيئون به ڪلندي ملون:

"ظاهر نه بيني، باطن ڪجا است"

انهيءَ طرف ڏي پل ته وڪ وڌندي هلي. همٿ ڪريو جو هينئر گهر جو مالڪ پنهنجي گهر پر آيل آهي. ڪنهين ياد ڪيو، ڪنهين نه ڪيو. جنين نه ڪيو، انهن سان ربس نه ڪريو.

پڪي پاڻ پليج، چڱيءَ طرح انهيءَ چڪڻ ڪون،
هيري لعل جواهر جو، سوجهي سَرَلهيج.

اُهو ڪم جيئريئي ڪري ونجي. مجيءَ ڪي طلب پاڻيءَ جي آهي. جي پاڻي پاڻي ڪري مري وڃي ۽ مئي کان پوءِ ڪٽي درياھ ۾ وجهه ته هن لاءِ ڇا ٿيو؟ اوهين شڪر ڪريو جو اوهان کي مليل آهي. مرشد اهڙي شيءِ ڏيندو آهي، جو انهيءَ ڏني کي سر ڏيئي به نه پڄي سگهجي. قدر سڄاتي کان پوءِ پوندو آهي. جنين کين ڏنو سي کين ٿيا. جن جي دل ۾ انئي پهر الله آهي. اُهي کير ٿو چوي ته بي فيضا آهن! جن کي رب پنهنجو ٿو ڪري انهن کي يادگيرائي پنهنجا ٿو ڏئي.

اڄ سنگهاري ساريا، مون مينهن وسندي سومرا،

ڳوڙها ڳاڙاتي ٻنان، هنجون مون هاريا،

ياد ڪريندي تن کي، پارڻ چڻ پاريا،

هتِ سچوءَ سنياريا، هُتِ سنيار سچوءَ جي.

مون کان ته وسريل ئي نه آهيو. وساري اُهو ٿو جيڪو جدا ٿو رهي. نڪو مان اوهان کان جدا آهيان، نڪو اوهين مونکان جدا آهيو، مرڻ کان اڳيئي اُهو مرندو جنهن کي پنهنجو موت ياد هوندو. جنهن کان وسريل هوندو اُهو مري مرندو. نه وساريو، مان اوهان جو مائٽ آهيان، اوهين منهنجو اولاد آهيو. تنهن ڪري مونکي اوهان کي ڇوٽو آهي، نڪو مونکي اوهان کي ڇڏڻو آهي. جي هيڏي خط نه لکي سگهيو ته اوهان تي معيار ڪانهي، پر اوهان کي مليل آهي. انهيءَ سان پختا رهو. الله سائين اوهان کي پنهنجي محبت ۾ رکي ته مان ڏاڍو خوش ٿيان ۽ مالڪ به راضي رهيو.

الله سائينءَ جو أمن أمان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (23)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت خوش هجين شال

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير تا گهرون.

مطلب تہ اوهين أمر سان رهو. مائهو أمر جو بندو آهي. ٻچو! زماني جي ڳالهہ مونکي گهٽي کانہ ايندي آهي. رب جي راهہ کان سواءِ بي کهڙي ڳالهہ ڏسيانوَ؟ رب رب کندا هلو. أها تکيت پختي کريو جو هيءَ هلندڙ قافلو آهي.

جـــــازيتـــيـمن جـــو، پاڻيءَ ۾ پرتوءِ،
بـنـدرجي بـهيءَ تـي، اچي هـادي هـٿ ڏجــــو.

مـــوت نہ يـــاڻئيـومـومـنون، هيءَ اٿـــو بندرجي بـهي،
کپـر ٿـو کن کري، جيـئن مـاتيءَ منجهہ مـهي،
ايڏو ســور ســهي، ننڊ کريو نا کـــــئـــــان.

اٽنٽ رب جي لڳل هجي.

يـــا کـر اور الله جي، يـــا کـر پـريـنءَ پـچـــــار،
انهن ٻنهي کـــان ڌار، ٿل قـــادر کنهن کي نہ کري.

أهو پنڌ اکين جو آهي. أهي اکيون سهڻيون ٿيون لڳن، اڳيان محبوبن جي. فنا کي ڇڏي هاڻي بقا ڏي هلجي. سچي جهان ڏي ٿو

هلجي. اڳيان شل وٺي اچي. انهيءَ سچي جهان ۾ شل الله سائين
ڪنهن کي پشيمان نه ڪري. هت ٿورو بيهٺو آهي. وطن اڳتي آهي:

"وطن جن وساريو حيف تنين کي هوءِ"

رڳو هتان نهي جڙي هلي. گهر سهاڳڻ پنهنجي گهر ۾ وٺي
ٿي. اڳيئون گهر ٻه اُها وٺي ٿي.

رب کي پاڻ سان دائم قائم سمجهجي ۽ رب کي رب ڪري
ڏسجي. ڪنهن درويش دٻلو لوهه جو ڏنو ٻرَ ۾. دٻلي کي ڪولي ڏنائين
ته ڪپڙا پيا آهن تهه تيل، ڪپڙن جا تهه ڪوليائين ته ڏسي ته تنهن ۾
پارس رکيو آهي. درويش چيو پارس کي ته لوهه جي واسطي آهين. هن
کي سون ڇو ڪرين؟ پارس چيو ته جي تون سالڪ آهين ته تهه چڪ،
مون سان ٺڪري ته خبر پوي. اُهو دٻلو اِهو آهي جنهن ۾ پارس پربن
آيل آهي، پر زماني جي تهن ۾ ڍڪيل آهي.

هڪڙو ٻڪرار هو ٻڪرين سان، هٽندو هو گليل. وجي ته جبل
جي پرسان ڪاري گليلن جي پيئي آهي. هن ڏنو ته الله سائينءَ مون لاءِ
تيار رکيا آهن. گليل کانوَ ڪبرين کي هٽي سي ڪپايائين. هڪ
وڏائين ڪيسي ۾ اجان ڏسي ته روجهه پيو وجي هنيائين جو روجهه کي
ته روجهه ڪري پيو. روجهه ڪنائين ته متان بادشاهه آيو. بادشاهه چيو
ته شڪار منهنجو آهي! ٻڪرار چيو ته مان توکان اڳي کهي وينو
آهيان، تنهنجو ڪئين چئبو؟ بادشاهه چيس ته هتيار ڏيکار. هن چيو ته
مون گليل هنيو آهي، اُهو جان ۾ پيو آهيس. بادشاهه ڪپ سان وڍي
گليل ڪڍيو. اجان ڏسي ته گليل ناهي، موتي اهڙو آهي جو ساري
بادشاهي ڏيان ته ٻه اهڙو نه ملندو. بادشاهه ڏاڍو راضي ٿيو. ٻڪرار
کي چيائين تهُ هل مونسان، مان توکي خوش رکندس. ٻڪرار ٻه ٻڪريون
ڇڏي اُٿي بادشاهه سان هليو. بادشاهه کي پٽ ڪونه هو، هڪڙي

نياڻي هئي. سو هن کي پٽ ڪري سڏيائين. اندر بہ بادشاهہ سان وڃي مليو. پوءِ سڀ وزير امير چوائيءَ ۾ ٿيس. ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ بادشاهہ رضا خدا جي سان مري ويو. تخت تي ويٺو اُهو ٻڪرار. ٻڪرار تخت تي ويهي روئڻ لڳو؟ وزيرن اميرن چيس تہ توکي ڪهڙو ڏک آهي جو روئين ٿو؟ ٻڪرار چيو تہ مان تخت ڪري نٿو روئان. روئان ٿو تہ منهنجو هڪڙو گليل قبول پيو، تنهن مون کي بادشاهي ڏيڪاري. اهڙا گليل مون وٽ ٻيا بہ هئا، جيڪي مون اجايا وڃايا. انهن لاءِ ٿو روئان. گليل دمن کي چوندا آهن.

سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندو. دعائون سيني کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (24)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت خوش هجين شال

بعد دعائن جي ٻيو تہ سڀ خير آهي، اوهان جو خير تا گهرون.

منهنجو خيال گهڻوئي ٿو چوي اوهانڏي اچڻ جو، پر مان اچڻ کان بيوس آهيان! جن جي اَمر مونکي هت ويهاريو آهي انهن جو اَمر نٿو ٿئي. مان تہ دعائن سميت توهان وٽ آهيان. ظاهر ايڏانهن اچڻ جي معافي ڏجو. بندو هميشه اوهان جو دعاگو آهي.

"دردعا جانہ تاڪبا، ٻيا دوا دارون ڇاڪبا"

اوهانڏي الله سائين جي لطف سان سدائين خير. اُتي هڪڙا ڏسن بہ تا. خيال خيال کي ڏسندو آهي. هِن ڏسڻ ۽ هُن ڏسڻ جو وڏو فير آهي. ظاهر باطن الله سائين اوهان کي مونکان جدا نہ

ڪندو. هڪ رب نہ وساريو. سعيو هجي:

"ڪيچي کھندا ويا، چوندا ويا تہ ونجو واٽ وندر جي
"ڏوريندين ڏسن جـــڏهن تڏهن پرينءَ کي"
آءُ ڪانگا خـــبـــر ڏي، پرين ڪٿين پرچن؟
گهٽو وڃجي انهن ڏي، جيڪي آئي آجيان ڪن.

محبت رب جي ۾ رهو. محبت جو مرڻ ئي پلو آهي:

"مـــحـــبـــتي مـــيـــڙي ڳـــوٺ ٻڌجي هڪـــڙو
تـــنين جي ويـــڙهي هلي ايـــنـدو بـــادشـــــــــاهـ"

ڪٿڻ يا هارائڻ جي جاءِ اُها آهي، پلي حلال وجهہ سان هجو. حلالين کي حلال تو ڪارائي، حرامين کي حرام تو ڪارائي. ۾ رهو محبت رب جي ۾ تہ هتئون ئي سهڻو ٿي نڪرجي:

"سهڻا سهڻي صورت والا، نہ ايڏا ماڻ ڪريجي، ڪجھہ ڏريجي"

هن فاني جهان جو کھڙو ڀروسو آهي!

ڪـــا ڳـــيـــا، ســـو چـــا ڳـــيـــا،
چـــوڙ ڳـــيـــا، ســـو ڀـــوڙ ڳـــيـــا،
ڏي ڳـــيـــا، ســـو لي ڳـــيـــا.

جـــيـــڪي دم آهن سي هلايو نـام الله جي ســـــان.
ڪرڪين نظر ۾ ڪين، ڪل ڪين واري سمجھہ تون،
قـــلـــزم ڪـــارونـــيـــــــــار کي، ڪـــنـــڌي آڏي ڪـــين،
اُها تو منجھہ آهہ ساري ڪين، آوانگهي عـثـمـان چـوي.
پـاڻ ڪٽـي پـاڻ ۾، وڃـي ڪـيـا ويـراڳـيـن وٿـاڻ،

نڪو آدم آدمي، نڪو پسڻ پاڻ،
بيرنگ بيرنگ ساڻ، وڃي اصلي ٿيا عثمان چوي.

سواءِ رب جي ٻي ڪهڙي راهه ڏسيان اوهانکي؟

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته هوئڻ وڃائج هيءَ،
ڀيجي اوڻ ادم جي، بيخود پيالو پيءُ،
وڃي ساڳي صورت ٿيءُ، جيڪا اصلي هئي عثمان چوي.

ڪين ۾ موتي ٿيندا آهن.. اُهي دم جيڪي اچن ٿا تو منجهون، اُهي معرفت جا موتي آهن، نه وڃايو دم. جي موتين جو پورهيو لڳي ته ٻيا پورهيا ڇڏي ڏجن.

ٻانهپ جو ٻيڙيءَ ۾، وکر وڌائون،
موتي معرفت جا، سچا سوديائون،
تنين جي آئون، ٿي برڪت بار لنگهائيان.

اُهي دم موتي معرفت جا نه وڃايو، قدر پوندو جڏهن دم سڀ ڏيئي ويٺو پوءِ:

”موتي جن جي منهن ۾، لعلون لهندا ويا، چوندا ويا ته ونجو واڻ وندر جي“

انسان وڻجارو ٿي آيو آهي، وحدت جو وڻجارو:

”پير مغان ايوين فراميا وحدت والا راهه بتايا“

امر سان رهو، هيءَ حياتي هڪڙي ساعتڙي آهي.

وڻ ٿي ويهي اڏريا، هت ٿو ڪونه جٽي،
پکيئڙا پار، ڪو پنڌڙو سجهي،
هت آهين ڏينهڙا ٻٽي!

هي وڻ هتي جا، آهن ڏسڻ ۾ ڏينهن،
سدائين نہ هوندا ساھ سان، اُهي ميلاتي جا مينهن،
اگهڻ متي اوپرا، تو ساتي نہ سيجاتا،
اڳيون اوٺيٺڙن جي، کا ويهي رات وهاءِ،
جڏهن پنهل ساڻ پياءِ، پوءِ نياڳي کيئن ننڊون کرين!

ننڊ نياڳي گهور، ساڙي ويهہ سمهڻ کي،
لکن منجهہ لطيف چوي، ناحق روح نہ رول،
جيءَ ۾ جانب ڳولهہ، پري پروڙج کينکي.

جهنگ سڙي لوٽ تيو، لتي چورن لک،
ويئي وحوئودن نکري، دڙي ۾ دک،
سچڻ ۾ سک، رلجي ويا روح ۾.

جهنگ اوري جهوکان پري، تنهان پراهون ڳوٺ،
قاريبانئي کوٺ، اجا آڳاهين تئي.

رئي رئيس پاڻ، پر سري نہ سپرين ري،
وجي پرچي آيس پاڻ، اُهي ارڏايون عشق جون.

"تو منجهہ آهہ سو سر سارو، جنهنجا پنڌ پچين ٿو"

مر تہ موچاري تئين، ويهي لاءِ مَ وير،
دل تي آڻ نہ دور، تون قرڻ سندو قير،
توڙي نہ لهين پير، تہ بہ راهہ نہ ڇڏج رب جي.

"مٿيءَ کي ماري ويا نہ جيئاري ويا" ماري وڃي بمبيءَ ٿيا.

سوڙجن کي سچ جي، تن کي ڇا ڪندو پارو،
سيارو توڙي اونهارو، اُهي باھ ٻارينٿي ڪين ڪي.

ڪڪ سڙيو پن سڙيو، سڙيو سائو گاھ،
جن جي اوٽ الله، تو تنين کي ٿيندوئي ڪينڪي.

"ڏار دل جي دنگي تہ لحظي وڃي لنگهي"

سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. دعائون سڀيءَ سنگت کي ڏيندا.

دعاگو: نصر محمد فقير صوفي القادري

خط (25)

مائي فقيرباٽي سدا سلامت خوش هجين شال

بعد دعائن جي هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. خط اوهان جو نيڪ ساعت ۾ پهتو. پڙهي احوال معلوم ڪيو ويو. مطلب تہ اوهين پنهنجو الله نہ وساريو. نيٺ خدا سان ڪم پوٽو آهي:

"اي پوري ماءُ ڪا هنئين سين لاءِ"

ساڻ سنگت ڇڏي ويئي، هاٽي وڃڻ جو وارو پنهنجو آهي. رب رب ڪندا هلو. رب نہ وساريو متان اُتي هلي پشيمان ٿيو:

"آهي عجائب اُهو پنڌ ڙي اديون"

توکي وري هلڻو پوندو انهيءَ هوت ڏي:

"هتِ سڃوءَ سنيارِيا، هُت سنيار سڃوءَ جي"

سعيو ڪريو، باھ وسامندي ٿي وڃي:

"جاڳيا سي ياڳيا، وڃي طالب رسيا توڙ"

"ڏوريندين ڏسن، جـڏهن تڏهن پرينءَ کي"

اُهو پارس پربن هينئر ويجھو آهي:

"تون نايون نيڻ نهار، نه تو ۾ ديرو دوست جو"

رمز پاڻ ۾ لڪل هجيوَ. وڏو ڪم اُهو آهي ٻيا ڪم ته ڇڏڻ وارا آهن، پوتل هجو.

ڀونر وانگي گل تي مشتاقي ونو. وري اڏري ٻاهران سير ڪري، وري ٻه گل تي ويهجي. زنبق جو گل پنهنجي اندر ۾ لڪل آهي، اڪ ڀونر آهي. اوهين چوندوَ ته سائين اسان کي ڳالهيون ٿو ٻڌائي. ارمان آهي اوهان جو حال کي ٻه ڳالھ ڪري ٿا سمجهو! خطن جي منع تڏهن ٿي آهي، راز کي ٻه اوهين ڳالھ ڪري ٿا سمجهو:

"جنهيندا درد تنهيندي درنون، مين هرگز چوڙ نه ويسان"

"دردمندان نون درد هميشه، بيدردان دي گهر عيدي"

بيدردي دل مئي کان پوءِ کڏڙي آهي:

"وڻجاراوڻج ڪري وڃ، پوءِ ويندءِ هٿ ڪٽي"

وڪ وڏندي هلي.

مونکي ٻيا ڊور چارٽا ڪين آهن. منهنجو مال اوهين آهيو، چوان ته متان ڊيڪ ۾ پئو. انهيءَ مال جو دوزخ ڊيڪ آهي. فهمايش مان دل ورندي آهي ماڻهوءَ جي. اسان ماڻهو حيوان آهيون جو فڪر ناهي موت جو. جنهن کي الله جو خوف ناهي انهن بيخوفن کان نبي ٻه ڊڄن ٿا، اولياءَ ٻه انهن کان ڊڄن ٿا. حضرت موسيٰ ڀڄندو پئي ويو.

وات تي ٻيو نبي گڏيس، ڇي ڇوٽا تڪڙا وڃو؟ ڇيائين تہ منهنجي پنيان احمق ڊوڙندا ٿا اچن. ڇي جي مٿي تي هٿ رکو تہ؟ ڇي حڪم آهي جيئرو ٿي پوندو. ڇي پوءِ ڇوٽا ڊوڙو ۽ ڪنهن ڪان ٿا ڊڄو؟ ڇي ڏجان ٿو انهن ڪان جيڪي الله ڪان نٿا ڊڄن.

ساٿي جن الله وار نہ ونگو تن جو. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندو. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (26)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت خوش هجين شال

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. خط اوهان جو نيڪ ساعت ۾ پهتو. پڙهي احوال معلوم ڪيو ويو.

مطلب تہ اوهين پنهنجو رب ڪريم ياد ڪريو، نہ تہ پوءِ ياد ڪندوَ. ٻين سان ريس نہ ڪريو. جو اوهان ڪي شيءِ مليل آهي، ان ڪري ريس نہ ڪريو. پنهنجي رب جي محبت ۾ رهو ۽ پنهنجو اصل سنڀاريو: "منذ مرَ مَنَهِ ويهہ، اپني اسڙڪ اس ۾"

وسار نہ ويٺا، جوين ٻني ڏينهڙا،
سي وهہ ٿي ايندءِ، جيڪي ڪاڏ ڪيٺان.

جي رب نہ وساريندا تہ الله ۽ مرشد مرڻ وقت بہ گڏ هوندوَ. هر درد جي دوا الله سائينءَ جو نالو آهي، اُهو نہ وسارجي. مون توهان کي سُتيون وڏيون آهن محبت رب جي جون، سُتي اوهان کي اهڙي وڏل آهي جو اهڙي سُتي ٻنهي جهانن ۾ نہ ملندي. مان وري راضي تڏهن ٿيندس، جڏهن توهان جي لُونءِ لُونءِ نالي رب جي سان

پيئي وڃي.

هڪڙي ڏينهن سڄي جهان منجهان هيڪل هلڻو آهي. اُهو ڏينهن سنياريو جو اُهو ڏينهن ويجهو اچي ويو آهي. هر ڪوئي موڪليل بندو آهي ۽ ڪنهن ڪم سان هن رنگپور ۾ آيو آهي. اُهو ڪم وساري ويهي نه رهجي. اوهان کي مٿي به فيض سان ڏسان ته جيڪر ڏاڍو خوش ٿيان. هيءَ عمر ته هڪ ساعتڙي آهي، سو اُها به وهامندي وڃي ٿي.

هيءَ راند عمر ساري، آهي چلپل جو چٽڪو،

فنا فاني گذر ۾، آهي لاڏ ڪوڙو لٽڪو.

هيءُ زمانو سڄو رڳو ڏيا آهن. انهن ڏيڻ سارو جهان جهلي وڌو آهي. هيءُ زمانو اهڙو آهي جو رب جي محبت ڪان رندائي ڇڏي ٿو. جن جون سڄيون دليون الله سائين ڪري ٿو اهي هليا ٿا هلن:

"سچا رڪن ٿا سچائي، ناهي ڪم ڪچن جو"

اوهان کي ته سڀ درد جي دوا مليل آهي:

"ستر سي سڪن، جن کي ويڙهيچا وجود ۾"

ماڻهو آيو آهي اثبات ڪرڻ الله کي. باقي هتان ته ايترو ڪٽبو جيترو ماءُ جي پيٽان آندل اٿس. شيءِ سڀ سرڪار جي آهي. پلي ڪري حلال وجهه جي ڪم سان به رهجي پر ظاهر باطن ڪم الله سائينءَ سان پوٽو آهي سو منهنجو فرمان اُهو اٿو ته وحدت نه ڇڏيو. هر گهڙي وحدت سان رهو. وحدت هيڪڙائيءَ کي چوندا آهن. انسان کي پيدا به وحدت لاءِ ڪيو اٿس. ٻئي جهان وساريو پر هڪ رب نه وساريو. دوستي دم سان رکجي:

"هتِ تو مئين منا ماڻ، هتِ پريا تا گهرجن پيڙ ۾"

سهڻي سائينءَ کي اکين ۾ ويهارجي، سونهپ جي ضرور درڪار آهي. اکيون بہ اهيئي پسندي پاڪ ٿيون.

هرگز هردي حاضر ناظر، جتي آمڙ نڪو اُبو!
ٻيون سيئي ٻن ڏيو، هڪ نام صاحب جپو.

بيڪار ماڻهو گهر ۾ نہ وڻندو آهي سو پنهنجي گهر جي طرف ڪان بيڪار نہ رهجي. نيٺ پنهنجي گهر هلڻو آهي. انهيءَ گهر جو ڪم ڪريو تہ انهيءَ گهر وڃو. هيءُ جهان فاني آهي، هوُ جهان سچو آهي. هلجي بہ اوڏانهين تو. اُتي جو سمر بہ هتان ڪري هلڻو آهي. هن فاني جهان ۾ وري ڪم ڪرڻ بہ سچي جهان جا آيو آهي.

دعائون سيني کي چوندا:

"دوست جنان ڪون دل وچ حاضر ناظر دشمن لهي نہ وارا"

منهنجا ٻالڪ بہ اوهان، مان بہ اوهان، سو مان ڪيئن وساريانوَ! باقي اوهان نہ وساريو.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (27)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ خط اوهان جو پهتو نيڪ ساعت ۾، پڙهي خوش ٿياسون، ٻيو سڀ هن پاسي خير آهي، ايڏانهن بہ الله سائين خير ڪندو.

مطلب تہ اوهين پنهنجو الله نہ وساريو. ساڻي جن الله وار نہ ونگو تن جو. سعيو ڪريو. وڏو ڪم اُهو آهي، پيا ڪم سڀ ڇڏڻ

وارا آهن، پنهنجو الله تہ ڪين ڇڏبو! بنا نالي نام جي ٻي اڳيان ڪانهي وسنئن وڃڻي. هي هلندڙ قافلو آهي. ڏسين ٿو هرڪو جدايون ڏسندو نڪرندو ٿو وڃي. هيءَ گرم بازار آهي جو آيو ترسيئي ڪونہ ٿو. هينئر خوب ڪليل آهي بازار.

وڪر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿئي نہ ضاءِ،
سا ڪا هڙ ﮬلاءِ، اڳهہ جنهن جي ابهين.

هي ڏيساور آهي. ڏسو رات بنا ننڊ جي، ڏينهن بنا ننڊ جي، درياهہ بنا ننڊ جي، حياتي بہ بنا ننڊ جي:

"ننڊ نياڳي گھڻو، سا ڙي ويهہ سمهڻ ڪي"

جا دل فراموش آهي، انهيءَ کي ننڊ چوندا آهن.
سي سڪ ڏنائون تڏهن هڪ ڏک مليو.

ڏيکاريس ڏکن، نيئي گوندر گس پرينءَ جو،
سونهائي سورن، وڃي ڪئي هيڪاندي هوت سين.

هن زماني جي بهاريءَ کان محبوب جو غم ڀلو آهي. رات ۾ سڄن جا غمزا آهن. غمن ۾ وري محبوب جا غمزا آهن.

هَي آءٌ نہ ڳڏيس پرينءَ کي، تون ٿو لهين سڄ،
آءٌ جي ڏيانءَ سنيهڙا نيئي پرينءَ ڏج،
وڃي ڪيچ چئج تہ ويچاري وات مئي.

راهہ جو مرڻ ئي ڀلو آهي. رب جي يادگيري کان فراموش نہ رهجي. تون نہ وسار. باقي وسريل نہ آهين:

"سترسي سڪن، جن کي ويڙهيچا وجود ۾"
"سهڻو شاهہ لطيف چئي اڳيئون شال وٺان"

سهڻي جي صحبت مان پٽي دليون ٻه سهڻيون ٿيون ٿين. رب جي نظر دلين تي آهي:

”دل درياهه، من پيڙا محـــــــبت والا“

محبت جو مرڻ ئـي پـلـو آهـي. رات پنهنجي آهي، ڏينهن پرائو آهي:

”تــڏيءَ کوسيءَ کاهه، کانهي ويـل ويهڻ جي“

چڏڻ واريون شيون وتو ٿا سنيالينداء، سنيال پنهنجي رب کي. خلق زماني ۾ گرفت ٿي ويئي آهي، يادگيرو ئي کونه ٿيو پوين. هن فاني جهان ۾ ڪيترو زماني جي محبت سان هلبو؟ محبت رب جي ۾ رهجي. حلال وجهه جو ڪم نبين به ڪيو آهي، تڏهن به رهيا أمر الله سائينءَ جي سان:

”جـيـکي آهه اڄ، سـو صـبح ناهه صـديق چـوي“

گهٽائي لکبي آهي واسطي صحبت جي، نه ته در ڪار هڪ نقطي جي آهي! أهو پڪو ڪجي:

”اٿين چـرخـو چـوڻ جـيـئن پـونءَ پـٽـڪـو نـه ٿـئـي“

”اٿين چـرخـو چـور جـيـئن ستن کي سـار تـئـي“

جي ڪتڻ ڏانءُ نه اچي ته رنديا روڙجن، ته به تار نه ڇنجي. جي وسري ته وري ياد ڪجي. توهان کي سُتي محبت رب جي وڏل آهي، توهين سعيو نه ڇڏيو. نه وسري نه وسارجي. فراموشي سڀ گمراهي آهـي. ڇٽتو بيٺو هجي پنهنجي الله جو تڏيءَ کوسيءَ. سچ بـ نظر ۾ هجـي. سـچ نـظـر ۾ هونـدو ته اونده ڪنهن به ملڪ ۾ نه ڏسبي.

ساڻي جن الله وار نہ ونگو تن جو. الله سائينءَ جي أمن أمان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي. دعائون سيني کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (28)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت خوش هجين شال

بعد دعائن جي تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير تا گهرون. مطلب تہ خط اوهان جو مليو، احوال معلوم ڪيو ويو.

اوهان لکيو آهي تہ وساري ڇڏيو اٿوَ. انشاءالله تعاليٰ مئي بہ نہ وسرندو. الله سائين ڪندو جو مئي بہ جدا نہ رهندو. تن ڪلاڪن جو پنڌ آهي، ايتري ۾ اوهان وسري ويندو ڇا؟ پاڻ کي جدا نہ سمجهو. اوهان مون وٽ آهيو. مان اوهان وٽ آهيان:

"سي ساجن ڪيئن ڇنجن ڏار، جيڪي هنئين ۾ حل ٿيا"

هيءُ هلندڙ قافلو آهي، سو جيڪا راهہ ورتل اٿوَ، اُها راهہ نہ ڇڏيو. سواءِ محبت رب جي ۽ يادگيري جي جيڪي دم وڃن ٿا، اُهي اجايا آهن. بندو جيڪر اچي، دل بہ گهٽي ٿي چوي پر ڇا ڪجي جو بيوس آهيان ۽ مالڪن جي أمر جو بندو آهيان:

"آمـر جي نہ مـيـن، سي ڏوٿي ڏولائي پيـا"

جڏهن سندن أمر ٿيو تہ پوءِ دير نہ ٿيندي. اوهان فقط پنهنجو رب نہ وساريو. رب رب ڪندا هلو. ٽائيم پربو ٿو وڃي، خبردار ناللي رب ڪريم جي سان رهو:

"جنين وساريو نام، تن پت وڃائي پنهنجي"

"عاشق نہ ليسين نہ ليسين، جي ليسين تہ پوتل هوسين رب سين"

"عشق سراسر خوني خنجر، سيني دي وچ سهڻا هي"

"هو جي هٽيئي فقير، تون جهل سيني سامهان"

اوهان ڇٽيل ٻين جا آهيو باقي نپايل ته منهنجا آهيو. اوهان منهنجو اولاد آيو.

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪئي ڇوٽي،
منڌائتن مينهن جي، ڪنوڻ نه ڪوٽي،
تون آءُ سڄڻ موٽي، ته گڏ گذاريون ڏينهڙا.

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪارايو،
پري نيڻ نصير ڇوي، اٿن روئڻ جو رايو،
سارنگ ڪي سعيو، سدائين سنڌ وسڻ جو.

محبت ميريائي نه رهي، تون عشق ڪڙولو ڏيج،
فڪر ساڻ فقير ڇني، هنئين منجهه هٽيج،
اندر اوجاريج، ته ڪٽ نه ڇڙهيس ڪڏهين.

دلپت دائم دوست جو، دل اندر ديرو،
پرين پسن پاڻ ۾، جي من نه ڇڏين ميرو،
لاهه جوڳي جيءَ تان، چوراسي ڦيرو،
تان نات ڏسين نيڙو، جي منهن هٽين مهراڻ ۾.

گنجي ڏونگر گام جي، پيئي جن پروڙ،
ڇڏي سڀ ضرور، لوچي لاهوتي ٿيا.

دوستي پنهنجي دم سان هجي، پنهنجو پاڻ کي ٻه سمجهايو: "سمجهه ويکين، هڪ سمجهڻ نقطا، سالڪ سمجهي سوءِ"

گـــجـــر سندي گـــام ۾، آهي كـتـــاروءِ كات،

كانءِ پـچن تـا ذات، جـيـكـي منهن پـيـا سي مـاريا.

هكڙي ڏينهن سڄو جهان وساري هلبو. هڪ رب نہ وساربو جو بقا بہ سندس نالي کي آهي:

"سـدائين نہ هوندا ســاهہ ســان، اُهي مـيـلاڻي جـا مـيـنهن"

"دوست جنان کون دل وچ حاضر ناظر دشمن لهي نہ وارا"

سيني کي دعائون چئجانءِ، هتان بہ سيني اندر وارن ماڻهن جا پيار ۽ يادگيريون.

رب ڪريم جي اَمن اَمان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (29)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت خوش هجين شال

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير تا گهرون. خط اوهان جو نيڪ ساعت مليو، پڙهي احوال معلوم ڪيو ويو.

مطلب تہ اوهان پنهنجو رب ياد ڪريو. اوهان کي هڪ سبق ڏنل آهي، اُهو پڪو ڪجي. نالي رب جو بيج ڳرو آهي. اجان بہ جيئڻ ٿورو. پنڌ گهڻو آهي، سو سندس نالو وڏو فرض آهي، مگر ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو. اُن ڪري ياد ڪريو نہ تہ پوءِ ياد ڪندوَ، پر جيڪي اوهان کي ڏنل آهي سو اُها شيءِ آهي، پوءِ مطلوب جي سخا اهڙي آهي جو ٻئي جهان ناهي ڇڏيس.

سر ڏني ساجن ملي، تہ ڏونهين هٿين ڏي،

ڪر انصاف اُهو، تہ هُو چڱو يا هي،

ڪين لهندين ڪي، اهڙا سوداگر سيد چئي.

سر تہ ويو ڪاني ڪاڻ ۾، هو ڪي پيو ٿا گهرن:

"مٿو منجهہ ڪينڪار، اچان پيا ڏاڻ ڏيندو ساڻ منگتا"

منگتو ٿي منگي نہ ڄاڻين، ستو ساري رات پيو ڪَرَ ساهين،

الله نہ ملندءِ ڳالهين ڏاهين، متان اڳيان هلي لنگها لڄائين.

اُهو وکر اهڙو آهي. جنهن جي نالي ورتي لکيا ڏوهہ لهي وڃن، اهڙو رب ڪيئن وسارجي، عاشق جو ڪم آهي، پوتل هجي، جنهن لڙهيءَ جو موتي آهي تنهن ۾، محبت پنهنجي دم سان هجي:

"جو دم غافل سو دم ڪافر"

دليل اک کي بہ پون ٿا سو اک کي نشان اڳيان ڏجي، پوءِ اک نشان ۾ لڳل هجي. صورت مرشد جي نشان ڏجيس، اک دونالي آهي، يلي ڪري نشان ۾ لڳل هجي. هڪڙو درويش رهندو هو هڪڙيءَ ڪوٺي ۾، تنهن ڪوٺيءَ ۾ هو هڪڙو جارو.

هڪ ڏينهن مرشد چيس تہ ڪتاب ڪٺي آءُ! جاري ۾ اٿيئي ڪتاب. درويش پڇيو تہ جارو ڪٿي آهي؟ مرشد چيس تہ تو ساري عمر ڪوٺيءَ ۾ وڃائي آهي، تو جارو ئي ڪونہ ڏٺو آهي! تڏهن درويش مرشد کي جواب ڏنو تہ مونکي حيف هجن جو مان توهان جي صُورت اک مان ڪڏهن جارا ڳولهيندو وتان!

فراموشي ۽ غفلت اُها سڀ ننڊ آهي. انهيءَ کي گمراهي چوندا آهن. وڃڻ جو وارو بہ هاڻ اچي ويو آهي. دم يلي ڪماليت وٺندو پيو اچي:

”سهڻو شاهه لطيف ڇئي اڳيئون شال وٺان“

اوهان مون کان پري ڪونہ آهيو، نڪو مان اوهان کان پري آهيان. ٽائيم پريو ٿو وڃي پيو:

”جنبيو وڃ جهان، گڏيو غورابن سين“

”اي پوري ماءُ ڪا هنئين سين لاءِ“

”چوٿو سسين سون، آهي جوهر تنهنجي جان ۾“

رب نگهبان هوندو. دعا درويشان رحم الاهي. دعائون سيني کي چئجانءِ. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندو.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (30)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت خوش هجين شال

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت مڙيوئي خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون.

مطلب تہ رب ياد ڪريو، سعيو هجي.

سوَسڪ ڏيئي، مون گوندر ورتو هڪڙو،

تنهن گوندر سان منهنجي، پاهت نہ پيئي،

تنهن گوندر نيئي، ڏيکاريو در دوست جو.

زماني جي بهاريءَ کان محبوب جو غم پلو آهي. غم بہ انهيءَ کي ٿيندا جيڪو چاڻي تہ منهنجو ذڪرئي نٿو هلي، پر اُهي غم ڪائيندو جهڙي تهڙي حال سان تہ بہ هليو هلي:

”هٿين پيرين موتڙين، ڪهج پر ڪاپار“

اُهو پنڌ اهڙو آهي، عام لاءِ ناهي. جنهن کي رب پنهجو ٿو
ڪري، انهيءَ کي غم گوندر طرف انهيءَ جا پيا پوندا:

"عاشقن تي اندوهه سدائين معشوقن جو"

هينئر پارس پرين آهي وبجهو. جيئن لوهه پارس سان پيو
گسندو تيئن سُون ٿيندو ويندو. هينئر ڪعبو قبلو انسان مجهه آهي.
ڪنهن سنيپاريو ڪنهن نه سنيپاريو. هن ميدان ۾ ڏينهن ٿورو ڏسي
هڪڙا گهوڙا سنيپاريندا ويا. هڪڙن حياتيءَ جو ڏينهن ٿورو ڏٺو. پاڻ
سنيپاريندا ويا:

"مرد سوئي مردان، جيڪو آپنون آپ پڇاڻي"

نه سڀ زال ٿي زال آهي، نه سڀ مرد ٿي مرد آهن. نالو رب
جو جيڪو ٿي بدن ۾ پيو وهائيندو غير وجودئون تڏهن ٽرندو. پوَنر
جو ڪم آهي گل تي وبهي مشتاقي ڪندو آهي، وري اڏريندو آهي،
ٻاهرئون سير ڪري، وري به اچي گل تي ويهندو آهي، پر وري اڏرندو
آهي، ته به سير وري ڪري، اچي گل تي ويهندو آهي. هيءَ
رمزبازي آهي، ڪاملن جو پنڌ آهي. پنهنجي دل ڪامل رکجي
پنهنجي رب سان.

رحمت جو ڪڪر الله سائينءَ جي مهر سان اوچتو اچي مٿان
وسندو آهي. الله به آهي. اُهو پنڌ توڪل جو آهي.

جي لهان تند توڪل جي، ڪَرَمون لک لڌا.
آهي ڪُل قرآن ۾، توڪل تنواران.

رب نگهبان آهي، دل کي رڳو قبول ڪرائجي. سواءِ رب جي
پيو کهڙيءَ ڳالهه جا پروسا رکبا؟

پوک تیــــــــــذي وچ، پيـــــــا هَي لابارا،
ڏينهـــون ڏينهن ويندا هي، عــــــمـــر دا ســـارا،
هڪ اندر دي جهرڪي جهان پوک چگي کر پوکين يار.

رات جو ڪا گهڙي وهڪ ڪر. جڏهن سڀ دم ڏيئي ماٺهو بيٺو تڏهن هڪ دم لاءِ به پيو سگهندو. اُهو قدر پوندءِ پوءِ. اُهو ڏينهن ويجهو پوندو ته اچي:

"سي نه تيندءِ ساتي جي تو پنهنجا پاٽئيان"

اُها ڳالهه سايان سمجهجي. انسان جي متان جوابداري گهٽي آهي.

الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي، دعائون سيني کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (31)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو ته هت سڀ خير آهي. اوهان جو خير ٿا گهرون. خط اوهان جو پهتو نيڪ ساعت ۾، احوال معلوم ٿيو.

مطلب ته اوهان پنهنجو الله ياد ڪريو. جنهن جي نالي ورتي لکيا ڏوهه لهي وڃن. رب رب ڪندا هلو. ڪهڙو ڀروسو آهي حياتيءَ جو؟ زمانو مڙيوئي گذرگاهه آهي. حياتي به آخر فنا آهي، ڪيترو ٻيهبو! تون هل هڪلي ڪاهه، جو هر شيءِ هلندڙ آهي. حياتي به هلندڙ آهي، اوهين به ڪجهه هلو:

"ويهي ڪين وڃاءِ، توڪي هلڻو پوندو هوت ڏي"
"انئي پهر اندر ۾ ڪو وَهُ ويراڳين"

هيءَ جهان ٿي لڏيو ٿو وڃي. ڪجهه پنهنجي لڏ پلاڻ ياد ڪر، نه ته ويٺي حياتيءَ جو سچ لهي ويندو. حياتيءَ جهڙي شيءِ ڳپلن ڪائيندي ٿي وڃي. جنهن جي دائم ديگ چڙهيل آهي، جو جتي سوتنتي، هُو هر ڪنهن کي پهچائي ٿو ڏيئي. ٿرين برين، شهرين بحرين، هر ڪنهن کي راضي ڪيو بيٺو آهي، سڀ ڪنهن ڏانهن رازق آهي، اُهو رب نه وساريو.

هيءَ لک آهي اهڙو جو مري لنگهبو. مرڻو اٿيئي ته اڄ مر، نه ته سياڻي هرڪاڻي مرندي. اُهو پنڌ جو اهڙو آهي! هي لک ٻه اهڙو آهي:

"لکن جا لوڙا شل ٿاب پوڻئي سسئي"
"ووءِ ووءِ ڪندي وت، متان ووءِ وسارين"

هيءَ هلنڌڙ قافلو آهي. رب جو يادگيرو هر ڪنهن جي متان فرض آهي. توڙي تنتيءَ تڏيءَ، لارو پنهنجي رب جو لڳل هجي.

بيدردا نه ٿيو جو موت آيو بيٺو آهي. تڪي سير سمونڊ جي، ڪامل ڪنبندا ويا. غفلت ڇڏي ڏيو جيئڻ دليئون دوست نه وسري. جيڪو وساري ٿو سو پاڻ وسري ٿو. ٻانهي رسي ته ٻه ٻانهي مسي، سائين رسي ته ٻه ٻانهي مسي. رب راضي ڪريو ته رب ٻه توهان کي راضي ڪندو. عقل جا ته ڪهڙا ڏاها آهيو! موت جو يادگيرو ڪبو، تڏهن مرڻ کان اڳي مربو. مان ته توهان کي گهڻي دعا ٿو ڪريان پر هلڻو ضرور آهي.

هل هڪلي ڪاھ، ويلو ڪر نہ وِڃتي،

ڪرھا ڪنگوريٽ مـــان، واڪا ڪري وراءِ،

متان ٿئي اونداھ، پير نہ لهنديئہ پرينءَ جو.

پوتل ھججي. ٿوري جيئڻ لاءِ ڪري شل عمر اجائي نہ وڃي. سعيو ھجي. ھينئر پارس پرين ويجهو آھي. نيٺ خدا سان بہ ڪم پوڻو آھي.

مطلب تہ نہ وساريو:

"ستي ست سنيار، تہ لهيئي لوھ لطيف چوي"

دعائون سيني کي چوندا. الله سائينءَ جي أمن أمان ھوندو. دعا درويشان رحم الاھي.

دعاگو: نصير فقير محمد صوفي القادري

خط (32)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت خوش ھجين شال

بعد دعـــائـــن جي تـــہ ھت سڀ خير آھي، اوھان جو خير تا گهرون.

مطلب تہ ھڪ رب نہ وساريو. جيڪا راھ ورتل اٿوَ، اُھا راھ نہ ڇڏيو، جو راھ جو مرڻ بہ ڀلو آھي، جيئڻ مٿي بہ جدا نہ رھو.

ونـيـو وڃج واٽ، ڪنڌ نہ قـيـرج ڪاڏھين،

متان لنوڻي سر لپاٽ، لڳيئي شاھ لطيف چوي.

مون ڪان پري الله سائينءَ اوھان کي ڪونہ ڪيو آھي، نہ وري اوھان پاڻ کي پري سمجھو. اوھان اثبات ڪريو الله کي: "ڏوربنديون ڏسن، جڏھن تڏھن پرينءَ کي"

"هر ڪنهن اپني هردي اندر پوڇا ڪر ڦل پايا هَي"

کهڙو ڀروسو حياتيءَ جو آهي ۽ کهڙو ڀروسو هن زماني جو آهي؟ زمانو سڄو ڏٺا آهي، سو هلڻ ڪان ٻه انهن ڏٻن جهليو آهي.

لوڻي لاڳاپن، ننگ نهوڙيس جيڏيون،
ڪيرائي ڪوهن تان، وڏي وراڪن،
انهن ڪوڙن آسانگن، ڪٽي پنڌان رهايو آهه پرينءَ جي.

تون وڃڻ واري.

ليلائي ليلائي نه لهين، ته پڻ ليلائيج،
آسرو مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.

اندر جي آڙاهه جي، ظاهر ڪريان ذري،
اوير ايري ڪينڪي، وڃن وڻ سڙي.
جهڙي ڇا سانون لاتي هَي، تهڙي شل تينون ٻه لڳي،
ٻڪري وانگيان آپ کهايم، بيدردان دي اڳي.

"دردمندان نون درد هميشه"

"درد وندیان دیان دانهان سُڻ ڪر آپ خداوند ڪڙيا"
بيدردي دل مٿي ڪان پوءِ نه زال آهي نه مرد آهي! ڪدڙي آهي.

فڪر رکو پنهنجي حياتيءَ جو. فڪر جي ڦرهي هجي. سورن جا سبق ۽ مان مطالع هجي. نيت خدا سان ڪم پوٹو آهي. تائيم ٻه ڀريو ٿو وڃي پيو. تڪيت پختو رکو. هيءَ هلندڙ قافلو آهي، جيئن رب نه وسري. اُهو وڪر سڄو حياتيءَ جي خزاني مان وٺبو آهي. جهڙي تهڙي حال سان ٻي رب نه وسريو. هيءَ جيئڻ ٿورو آهي، تون اڳهه

ڪر اڳ جي: ”ويهي ڪين وڃاءِ، توکي هلڻو پوندو هوت ڏي“

لائي ترار لاڄي، ڪٺي خچر ڪي مار،

تہ سموري سرڪار، مينگها ملنديءِ ماڪ ۾.

سعيو ڪريو:

”سدائين نہ هوندا ساهہ سان اُهي ميلائي جا مينهن“

”اي پوري ماءِ، ڪا هنئين سين لاءِ“

ساڌ سنگت سڀيئي چل گيا، آيا همارا وارا ري. تار تڪيري تن سان لائجي. ههڙي مهل وري هٿ نہ ايندءِ: ”نيڙي پسي نئنان، دوربيسي هينئڙي مانهن“

لڪان لڪ لڳن تہ بہ دليان دوست نہ وساريو. هلو تہ هلي بازار ڏسون، بازار ۾ آيو آهي يار پيارو. اُها راهہ جيڪا ورثي اٿو سان اُهائي راهہ وڃي عسق جي بازار ۾ وڃهنديءَ. عشق بہ هڪ الاهي اسرار آهي. سونهون اکين ۾ رکجي. اک بکي رهي. جڏهن اک بکي رهندي تڏهن طلب رکندي. اک بہ سونهين رهبر سان هيرجي. اُهي ڳالهيون عام لاءِ نہ آهن، اُهي انهن لاءِ آهن جن کي مليل آهي، هر حال ۾ رب نہ وساريو:

”غافل غفلت چوڙ، چپاتا چڙهي ويا، وڃي طالب رسيا توڙ“

جدائيءَ ۾ فراق آهي ڏاڍو مگر جن کي لڳل هوندي، هينئر مند بہ پنهنجي سنپاريو.

مند نہ پوکي مون، ستي ساوڻ ويو،

پڇاڙيءَ جي پارن ڪان، الله بچائين تون.

دوست جنان کون دل وچ حاضر ناظر دشمن لهي نہ وارا.

دعائون سچيءَ سنگت کي چوندا. ساٿي جن الله وار نہ ونگو تن جو. الله سائينءَ جي آمن آمان هوندو. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (33)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي. اوهان جو خير ٿا گهرون.

مطلب تہ ارمان آهي اوهان جو جيکي اوهان کي مليل آهي، تنهن کي سر ڏني بہ نہ پڄي سگهبو. اُهو ارمان آهي جو نہ سڃاتو نہ سمجهوَ. اُها نصيحت ۽ هدايت جيڪا اوهان کي ڪيل آهي سا جي پٿر سان ڪجي تہ پٿرئي ڦاٽي پوي. جيڪي اوهان کي مليل آهي انهيءَ ڪان واڌاري شيءِ هجي تہ چئو. هر ڪنهن جي آئي خبر پوندي. الله جا امر بہ ڇڏي ڏنوَ. چوڻ مرشد جو بہ ڇڏي ڏنوَ. ڪجهہ نہ سمجهيا آهيو. ارمان آهي جو ڪيتري هدايت ٿي ٿئي، پر اثر ذرو بہ نٿو ٿئي.

ماٺهو وٽجاروئي وحدت جو آهي:

"پيرمغان ايوين فرمايا، وحدت والا راهہ بتايا، پلھارجائون پلھارا"

وحدت جو دڪان وجود آهي، هر ڪوئي پاڻ مان راضي ٿيندو ويو. اوهين زماني ۾ وڃائجي ويا آهيو. پير، فقير، مرشد اوهان کي چئي چڪا آهن.اوهان کي رڳو زماني جا اعمال ٿا وڻن. فنا جي نڪاٽي ۾ وينا آهيو. پڌ بہ الله ڏانهن ڦري ويئي اٿوَ. اهڙي عقل کي نئي ٻن ڏجي. ٻيو هاٿي واڌاري اوهان کي ڇا چئون! "مردن رنگ رنگيا، گانڌبو رهيا ڪوڙا ڪتا"

پوندي وڃي لٽ، تون ڪيئن ميڙين مٽ،

هاٿي هليا وڃن، اڏريا وڃن اُٺ.

موت ڇڏيو اٿو وساري، انهن ڳالهن تي ريجهي ويا آهيو:

"عزرائيل امير ڪئين دنگ ليتايا ڌوڙ ۾"

الله ۾ موت ڏانهن بيخوفا ٿي پيا آهيو. هر ڪنهن جي آئي خبر پوندي. ڪامل ڪنبندا ويا آهن. بيخوفي ماڻهوءَ سان صحبت ئي نہ ڪجي. پنهنجي رب ڏانهن ڪو اعتراض ڪونہ ٿو ٿئي. اوهان اعتراضي آهيو، رب قبول ڪريو.

هرگز هردي حاضر ناظر، جتي امڙ نڪو اَبو!

ٻيون سيئي ٻن ڏيو، هڪ نام صاحب جڀو.

هاٿي ڏينهن بہ اُهو اچڻو آهي. جيئن پوءِ تيئن اُهو ڏينهن ويجهو ٿيندو ٿو وڃي.

سرها ٿيا صديق چوي، جيڪو پيش پرينءَ پوندو،

ڇا هوندو، لڏي هن لوءِ مان هيڪلڙو هلبو.

لڏ پلاڻ لڳي پيئي آهي، وڃڻ جو وارو بہ اچي ويو آهي!

بندا بيراڳي، ڪر ڪا وطن ورڻ جي،

وطن جن وساريو، حيف تنين کي هوءِ!

"ڏار دل جي دنگي تہ لحظي وڃي لنگهي"

دوست جنان ڪون دل وچ حاضر ناظر، دشمن لهي نہ وارا.

دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (34)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير تا گهرون.

مطلب تہ اوهان کي اول کان کم چيل آهي تہ مالک جو يادگيرو نہ وساريو. آخر ٻيو سڀ فنا آهي. رڳو مالک جي نام کي بقا آهي. کيترا فنا ۾ هٿ هڻندو. جنهن کي الله سائين پنهنجو ڪندو آهي، انهيءَ کي يادگيرا تہ پنهنجا ڏيندو آهي. ياد ڪريو نہ تہ پوءِ ياد ڪندو. مالک جي يادگيري کان فراموش نہ ٿيو، جو ظاهر باطن ڪم مالک سان آهي. ماڻهو موکليل بندو آهي ۽ وري مالک جي روبرو ٿيڻو آهي. مالک جي طرف کان بيخوفا نہ رهو. ماڻهو جڻڪ اڏامندو پيو ٿو وڃي. جيئن اڳيان وٺي اچي. هيءَ هڪ ساعت آهي سو ٿوري جيئڻ ڪري سڄي عمر زماني ۾ گم نہ ڪجي!

اوهان مالک راضي ڪريو تہ اوهان کي بہ مالک راضي ڪري. مالک جي راضپي سان ٻئي جهان موچارا ٿا ٿين. مان تہ هميشہ اوهان جو دعاگو آهيان ۽ اوهان کان جدا بہ نہ آهيان! مگر اوهين جدائيءَ جون دانهون ٿا ڪريو! بندا الله سائينءَ جا آهيو باقي مان اوهان جو آهيان، اوهين منهنجا آهيو! اُها تعريف مالک سائينءَ جي اوهان کان ڪير ڪرائيندڙ آهي؟

يا ڪر اور الله جي، يا ڪر پرينءَ پڇـــــــــار،
انهن ٻنهي کــــان ڌار، ٻئي شل قـــادر ڪنهن کي نہ ڪري.

رک خيـــال هکو هک دم دا، دم دم وچ خيــال ختم دا،
يون ڪرنا جسم وسارا، آخر گذارا، محبوب کي صورت ۾.

اندر باهو، باهر باهو، هُو هُو کون کريندا،

سچا نانءُ فقير تنهيندا، جيها هُو نون سهي کريندا.

نہ وساريو، جو سندس نالي ورتي لکيا ڏوھ لهي وڃن. وسري وري بہ ياد کجي. اُهو دام دل تي دائم هجي. جنهن دل ۾ هَي هَي نہ آهي، اُها دل آباد بہ نہ آهي. دل کي زندھ بہ مالک جو يادگيرو کندو آهي. کنهن سنياريو کنهن نہ سنياريو! انهيءَ طرف کان فراموش نہ ٿيو. هرحال ۾ نہ وساريو. دشمن جو تہ کم آهي راھ مارڻ. دوست دشمن جو رايو بہ سمجهي. پنهنجي جدائي بہ سنيارجي. جدائيءَ ۾ فراق گهٽو آهي، مالک جي طرف دل کي تازو رکجي. پاڻ سان پنهنجو مالک دائم قائم جاڻجي. مالک بندي کي پنهنجو کري خلقيو آهي. فقط مالک کي مالک کري سمجهو!

پنهنجي سنگت کي، ننڍين وڏن کي دعائون چوندا. هتان بہ هر هک سنگت جون دعائون مطالع کندا. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندو. ساٿي جن الله وار نہ ونگو تن جو، دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (35)

محب الفقرا، مخلص اهل الله، دوست درويشان،

برگذيدھ مُحبان، ماوا ملجاھ مستمندان،

صادق اليقين، محبوب القلب.

بعد دعائن جي واضع هجي تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير ٿا گهرون. خط مليو احوال معلوم ٿيو.

مطلب تہ توهين پنهنجو رب نہ وساريو، باقي زماني جي صلاح جي اسان کي تہ خبر کانہ ٿي پوي. کنهن زماني واري کان پڇو، پوءِ

وري بہ جيئن اوهان کي نيڪ نظر اچي. باقي مان تہ اوهان جو دعاگو آهيان. ڪم سڀ ظاهر جا الله سائينءَ تي آهن. سجايا ڪم انهن جا آهن، ظاهر باطن جن پنهنجو الله نہ وساريو! الله وسارڻ سان ماڻهو بيبراهو ٿو وڃي، سو الله نہ وساريو. پر پوءِ جيڪو بہ وساري ٿو سو پاڻ وسري ٿو. حياتي بہ الائي باقي ڇا آهي. موت ياد ڪريو تہ رب ياد اچيوَ:

"عزرائيل امير ڪئين ڏنگ ليٽايا ڏوڙ ۾"

اڄ ماڻهو ڳالا نيڪيءَ ڪان ڏڄن ٿا پر الله ڪان نٿا ڏڄن. انسان کي الله سائينءَ پيدا ئي ڪيو آهي پنهنجي يادگيري واسطي.

تو لکيو آهي تہ هڪ يهودي جو چڱو ماڻهو آهي تنهن پڇيو هو تہ فوٽو مرشد جو بت ڪري سمجهي يا ڪجهہ ٻيو. انهيءَ جو جواب اوهان ڏانهن لکجي ٿو تہ مرشد جو فوٽو، مرشد جي صورت جو عڪس آهي. مرشد جي صورت جو ادب ڪجي، اُهو فوٽو روبرو جو عڪس ڇڪيل آهي. بت اُهي آهن جيڪي پٿر ۽ ٺڪر جا ٺهيل هجن. انهن کي بت چئبو. مرشد جي صورت جو روبرو نڪتل فوٽو مرشد جي صورت جو عڪس آهي، ان ڪري انهيءَ جو ادب ڪجي. طالب کي ڪپي ادب. رهي انهيءَ صورت سان جيڪا روبرو صورت ڏنل آهي.

هَي هَي عمر ائين وڃي ٿي، ڳپل ڪايون ڳپو،
بنان دوستيءَ دوست جي، آهي خان ڪپت ڪپو،
هرگز هادي همٿ توسان، تون چاڙهہ عشق چپو،
لا کي الا هڻ کهاڙو، غير کي هڪ لپو.

مان تہ هميشه اوهان جو دعاگو آهيان، دلاسا بہ جيڪر ڏاڍا شرن وانگر ڏيانوَ پر پوءِ:

”پنڌ ساروئي ڪيچ جو تو متي آھ،

اُھو پنهل پچاءِ جيڪو منزل معاف ڪري“

جهڙي تهڙي حال بہ هلو. مالڪ سائينءَ جي پنڌ هلڻ بہ ڪو بہ اعتراض نٿو جڳائي:

”هتِ پنڌ بيحد، هُت پرينءَ پرواه ناه ڪا“

هينئر گهر جو مالڪ پنهنجي گهر ۾ آيل آهي اُهو نہ وساريو. ڪريو يادگيرو موت جو اُها وڏي عبادت آھ. مرڻ کان اڳي بہ اُهو مرندو جيڪو مرڻ کان اڳي مرندو. هينئر وڃڻ جو وارو بہ اچي ويو آهي. يڃ گنگي پنيان ٻاني ٿي اچيئي.

پير مغان ايوين فرمايا، وحدت والا راه بتايا،

ٻلهار جائون ٻلهارا.

ڪثرت ڪي چڏي، وحدت ڪي وٺو جو ڪثرت ۾ ويهي نہ سگهبو، اوهان اچڻ جي لاءِ لکيو آهي سو اچو تہ ٻلي ڪري اچو! مونکي فقط اوهان جي گهٽي خرچ جو خيال ٿيندو آهي. پيرو نہ ميرو. پنهنجي جاءِ اٿوَ. بيشڪ اچو جو مان بہ اوهان جو مائٽ آهيان. الله سائين ڪنهن جي وڪ بہ نٿو وڃائي. اجائي هلي توڙي سجائي هلي. قبول ڪندوَ اُها سجائي وڪ.

سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو، الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندوَ، دعائون سيني ڪي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (36)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت خوش هجين شال

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير ٿا گهرون. مطلب تہ خط اوهان جو گهڻن ڏينهن کان پوءِ مليو. پڙهي احوال معلوم ڪيو ويو.

رب ڪريم ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکاربندوَ. دلگير نہ ٿيو:

"در دعا جا نہ تاڪيا، پيا دوا دارون ڇا ڪيا"

اوهان جو يادگيرو وقت بوقت گهڻو پوندو آهي، پر جڏهن خط ايندو آهي تہ گهڻو ارمان ان وقت ٿيندو آهي. ٻڌايو تہ اوهان کي اُهي يادگيرا ڪير وجهندو آهي؟ يادگيرو پيو تہ دل کي سڏ ٿيو. الله سائين شل جيئري ميلو ڪرائيندو. راهہ نہ ڇڏجي جو جيئن مئي جيئري گڏ هججي.

يا رب صاحبا، هڪ تہ عشق پيدا نہ ڪرين ها،
جي عشق پيدا ڪيتوئي، تہ جاني جدا نہ ڪرين ها،
جي جاني جدا ڪيتوئي، تہ موت شتاب ڪرين ها!

جدائيءَ جو موت کان بہ سخت فراق ۾ عذاب آهي. جن کي لڳل هوندي اُها خبر انهن کي هوندي. جنهن کي دل سان لڳل هوندي:

"جي لڳي هوويئي تہ ڪل پوينئي، نہ تہ وڃ پڇ لڳيان واليان نون"

"ووءِ ووءِ ڪندي وت، مستان ووءِ وساريائين"

تاندين ڪانڌين ٻاهرين، مَرُ پڇان پيئي،
جيرا ڦقڙ ٻڪيون، سيخن ۾ ٽيئي،
هيءَ ويڇنون ويئي، وڃي ٽي حوالي هوت جي،
هَي هَي جي نه هوءِ، جيڪر جيءَ جلي وڃي،
سراڻ متي سيد چوي، ڪري رُڪُ رئي،
سندي درد دئي، ٽي هَي هَي سان هيٺ ٽئي.

پيو ته هيءَ عمر هڪڙي ساعتڙي آهي. ٿوري جيئڻ لاءِ شل عمر سڳوري ڪنهن جي نه وڃي اجائي. پاڻ سان پنهنجو رب دائم قائم سمجهڻ گهرجي. جو اول آخر جو هادي رب آهي. اوهين به منهنجو اولاد آهيو. مائٽ جي چوائي به وٺڻ گهرجي، رب رب ڪندا هلو جو هادي رب پاڻ ڏانهن بي اُميد ڪنهن کي به نه ڪيو آهي. اوهان به ساڻ يقين جي گهري وٺو.

غوث قلندر به انهيءَ نالي رب جي نوازيا: "ستي ست سنپار، ته لهيئي لوھ لطيف چئي"

صورت پاڻ مَ شيخ ڪي، آهي معنيٰ مڙيوئي،
حق حقيقت جنهن ڪان، ٿئي ثابت سيوئي،
اڪيون اهيئي، پسندي پاڪ ٽيون.
ميرانپور جي مير جو، مَي جو ٻري مچ،
شيھو ٿو سون ٿئي، لڳي ڪسوٽيءَ ڪچ،
صادق چوي سچ، جيڪي پيتا سي پُر ٿيا.

اولياءَ انبياءَ سڀ پاڻ منجهان راضي ٿيندا ويا.

پاڻ پنھنجي پاڻ ۾، پيھي جن ڏٺو،
ڪرمن جو چنڊ، ڦاڙي تن ڦٽو ڪيو.

”وحدت جن وجود، آھي ڪعبو ڪوڏيو تن جو“

محبت رب جي ۾ ھر وقت گم ھججي:

”بي جڳ سارا جان سپنا“

ھيءُ لڪ اھڙو آھي جو ڪيترا داناءَ ديوانا ٿي ويا. اوھين خبردار پنھنجي رب سان رھو جو نيڻ خدا سان ڪم پوڻو آھي. محبت جو مرڻ ته يلو آھي پر راھ جو مرڻ به عجب آھي. ماٺھو وينو رڳو مرڻ لاءِ آھي.

ھرگز ايندو ھوت، پر ڪجھ آءُ به اڳاھين ٿيان،
متان چوي ھاڙھي جو بلوچ، ته ڪميڻيءَ مان ڪين ٿيو!

اڳيئون لکين آھن ليلائون چنيسر جي راڄ ۾. مون اوھان کي ٻچو ڪڙيو ستيون به انھيءَ ڪري ٿو ڏسيان جو پڇاڙي انھن جي چڱي آھي، جو جو منھنجو اولاد آھيو. مائٽ جي دل ڪونئري ٿيندي آھي ۽ اولاد جي دل سخت ٿيندي آھي. مان اوھان وٽ آھيان، اوھين مون وٽ آھيو، فقط اوھان نه وساريو.

اڪ ڏھاڙي مرشد آڪيا، ڇوڙ خلق دي خواري،
اڪ ناٽءُ اساڏا ياد رکين، پيا ڏونھين جھان وسارين.

ھڪ رب نه وسارجو!

دعائون سيني کي چوندا. ساٿي جن الله وار نه ونگو تن جو. الله سائينءَ جي اَمن اَمان ھوندو دعا درويشان رحم الاھي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (37)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين، محبوب القلب.

بعد دعائن جي واضع هجي ته هت سڀ خير آهي. اوهان جو به خير ٿا گهرون. خط اوهان جو مليو، احوال معلوم ٿيو.

حضرت رسول ڪريم ﷺ جن پاڻ معراج تي ويا ته اُتي هڪ ملائڪ روئندو ڏٺائون. پاڻ پڇيائون ته ڇو ٿا روئو؟ ملائڪ جواب ڏنو ته جي مينهن وسي ٿو ته اُهو به سڀ ڳڻي ٿو وڃان ۽ جيڪا واري آهي سا به هڪ هڪ ڪري ڳڻي ٿو وڃان. باقي جيڪي صلوات ٿا پڙهن انهن تي رحمت اينري ٿي وسي جو ڳڻي نٿو سگهان. سو روئان ٿو ته انهيءَ بادشاهه جي زيارت ڪريان. پاڻ جواب فرمايائون ته اهو آءٌ آهيان، ملائڪ اُتي پيرين پيو. هر وقت ذڪر سان هج، وقتي صلوات سڄوري به پڙهه. آخر خدا سان ڪم پوڻو آهي.

مگر ييــخــبــر اسي شــهــر ميں نہ رهـٹــا،

يي فنا کا نــکــالٹا، کسي کانہ ٹــالٹا.

"هڪ الله دم سڃاڻان، ٻيا اور نه ڄاڻان" انشاءُ الله رب جي اَمر سان نوازجي هتئون هلندين. رهجي ايندو، راضي ٿي ويندين. تنهنجو ڪم آهي راض سان. وسريل نه آهين، نه وسار. الله سائينءَ جي اَمر سان هتان خوش وقت ٿي گذرندوَ. خدائي وقت نه وسار.

وحدت نه ڇڏجانءِ:

"وحدت جن وجود، آهي ڪعبو ڪوڙيو تنجو"

رب راضي ڪريو ته توهان کي به رب راضي ڪري. رب راضي ته جهان ني راضي. جيڪو پير ڪنيون اٿيني سوئي ڪنيون هل:

"سسئيءَ سڃاڻي، ڪنيون پير پنهل جو"

اڙي ڪانہ رهنديوَ حڪم الله جي سان. بندواهان جو هميشه دعاگو آهي، اوهين فقط هڪ رب نہ وساريو: "رک خيال هڪو هڪ دم دا"

دم دي سـرت سنڀال رکين، دم هي اسـرار الهي دا،
دم دي نال تون جوشون جالين، دام دوئي دا دم وچ ڳالين،
بيخـود هوڪي دم نون پالين، رکين خيـال خدائي دا،
بيدل دم دي کر منظوري، مار دروني دم منصوري،
عشق دي مي دي وه مخموري، رنگ بيرنگ رلائي دا.

جهڙي تهڙي حال سان بہ نہ وسري نہ وسارجي، تہ ظاهر باطن رب آبرو ڏنيوَ. رب جو يادگيرو فرض آهي ماڻهوءَ تي، جو نيٺ خدا سان ڪم پوڻو آهي. رب ڏانهن بيخوفو نہ رهجي جو بيخوفي ڪان رب وسري ويندو آهي:

"جو دم غافل سو دم ڪافر"

هيءَ حياتيءَ جي هڪ ساعتڙي آهي، ياد ڪريو نہ تہ پوءِ ياد ڪندوَ.

دعائون سيني ڪي چنجانءِ. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندو. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (38)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير گهرندڙ آهيون.

مطلب تہ رب جو يادگيرو، اُهو راز آهي، اوهين رهو بہ

راز سان: "هو جي هٽيئي فقير، تون جهل سيني سامهان"

اک دونالي آهي. وقتي توتي سامهين آهي. پل نشان تيءَ تہ چٽينئي. پنهنجو خيال خدائي خيال سان گڏي ڏسجي: "تن مکا، من مدينا، دل ڪعبہ ڪر جاڻين" خبردار دم سان!

رک خيال هکو هک دم دا، دم دم وچ خيال ختم دا،
يون ڪرنا جسم وسارا، آخر گذارا
محبوب کي صورت ۾، گم هوکي ويک نظارا.

وسريل نہ آهيو، اوهين نہ وساريو. جدائيءَ ۾ فراق آهي ڏاڍو پر جن کي لڳل هوندي. اوهين بہ لائي تہ ڏسو! وک اڳتي اُڇليندو هل جو وجي تي وهامندي. ڪجهہ پنهنجي جدائي ياد ڪريو.

اڻون آيون قول ڪر، اڻان پيئين وسا،
ننگا آيون، بکيا ويسين، ويسين وڳر وسا،
ڪرگهن وڃ واپار، ول نهين آوڻا جي.

"وڳر ڏيرئون ڏير، وهانو وسيلا" حياتيءَ جي خزاني مان جتي بہ گهري تہ هر جاءِ وڪر اٿس. اُها بازار بہ تيتر ڪليل آهي جيتر سندي اک ڪليل آهي. اک بند ٿي تہ بازار بہ بند، وکر وکامي ويو. موکليل بندو آهي، سي ڪنهن کي سرڪار جي روبرو بہ وري ٽيڻو آهي. مخمور پنهنجي رب جي محبت ۾ ٽيڻ گهرجي. دنيا جي مخموري آخر فنا آهي.

صادق سچيون ڏس تون، محلاتيون ۽ ماڳ،
جن جي تي مچ مرکي، ڪيئون رهاٽيون ۽ راڳ،
سي بہ سوڊا واري واڳ، راڻا ڪنهن رخ ويا.

زمانو بہ واجبي مناسبيءَ سان آهي. رب ڪريم جو يادگيرو سڀ ڪنهن تي فرض آهي. خدائي فرض سان رهو، ڪنهن سان ربس نہ ڪريو. رات ڏينهن خلق کي نفسان نفسي لڳي پيئي آهي. ماڻهو مرن ٿا مال لاءِ جيئڻ ٻوڙ منٿي ڪيڙا.

هڏيءَ منتي هوڏ، ڪتن ڪئي ڪيتري،
هڏيءَ اُهائي هوڏ، چاڪائو چلي ويا.

راهہ ورتل نہ ڇڏجو. عمر سڳوري بيراهي نہ وڃائجي. مالڪ ٿو فرمائي تہ تنهنجي سيني ڪمن جي جوابداري مون تي آهي، فقط تون اجايو نہ ٿيءُ. چوائيءَ ۾ هوندين تہ ڏک ۽ خطا نہ ڏسندين.

تون جڏهن مون ڪان پري ناهين پوءِ ڇو ٿو پاڻ کي پري سمجهين؟ نہ وسار، وسريل نہ آهين.

دعائون سيني کي ڏجانءِ. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندو.

دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (39)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. خط اوهان جو پهتو نيڪ ساعت ۾ احوال معلوم ڪيو ويو.

مطلب تہ : "الف سندي اور، هاري وجهہ هنئين تي"

الف ڪيائون اڳ ۾، ميم ڪيائون من،
سندا ٻيڙا تن، لهر نہ لوڏيا ڪڏهين.

رب ڪريم جي طرف کان فراموش نہ ٿيڻ گھرجي. فراموشي سڀ جاهلي آهي. جاهل بہ بيخبر کي چوندا آهن. جيڪو مالڪ سائينءَ جي طرف کان بيخبر آهي، اُهو جاهل آهي، جاهل جو ڪم جهل سان رهڻ. سواءِ مالڪ جي ٻيو فاني جهان جي ڪهڙي تعريف ڪجي! تعريف بہ پنهنجي خالق مالڪ جي جڳائيندڙ آهي. پنهنجي تعريف ڪرڻ شيطان جو ڪم آهي. علم جي معنيٰ ڇا آهي؟ تعريف رب جي. جي واقف ٿئي تہ لونءَ لونءَ تعريف آهي.

ولوڙج وجود ۾، صيقل هڻ ساري،
وٺ مت مرشد جي، توڪل سين تاري،
غلام حيدر غير جو، ڳنڍو ڇڏ ڳاري،
ستگر سنياري، وجي پو وٺڪار ۾.

وٺڪار بہ اُهي ويا جن هٿ اُڇي سنيارڀو. پنهنجي مالڪ سائينءَ جي طرف ڏي دل کي خبردار ڪجي ۽ رکجي. اوندهہ ۾ ماڻهو ڪيترا هٿ هڻندو؟ : "هٿين پيرين موتڙين، ڪهج ۾ ڪاپار"

جنهن دل ۾ هَي هَي ناهي، اُها دل غيرآباد آهي: "هي هي جي نہ هوءِ، تہ جيڪر جيءُ جلي وڃي"

ياد ڪريو نہ تہ پوءِ ياد ڪندو:

"درد وندياں دياں دانهاں سڻ ڪر، آپ خداوند ڪرڙيا"

وٺو وحدت کي. وحدت کان سواءِ ڪثرت ڪٽي ويندي آهي. هي انسان الله سائينءَ پيدا ڪيو آهي ڪاڻ وحدت جي، هي وڻجاروني وحدت جو آهي.

سڄڻ متي سڏڙا، تون واڪا هڏ ۾ لاهه،

من ڪا تنهنجي آهه، وڃي سڳر ۾ ثاب پوي.

"پرين چونئي پڇ، تون آگ اوڏونئي نہ اچين!" جيڪا ڳالهہ الله سائينءَ جي وس ۾ ڪري ڏني آهي انهيءَ ۾ نہ گهٽائجي. جڻ ادمر ۽ سعيو وس ڪري ڏنو اٿس. سعيو ڪربو جو وڃي ٿي وهاندي. باشاهہ تو چوي:

مرد مرد مين اهين ڪون آکان، جيڪو خود الله نال لڙي،

جيڪو الله دي محتاجي ڪدي، سو قيامت تائين ڪڙهي،

محتاجي نال الله نهين ملدا، توڙي سو لک عبادت ڪري،

بلا! اوجو ڪافر ٿيوي، الله آپ اڳون آ نوڙت ڪري.

حياتيءَ ڏانهن بہ هينئر آخري وقت آهي. ميران ٻائيءَ جو بہ چوڻ آهي تہ ڏينهن تورو پنڌ گهڻو، ڊوڙڻو اٿيئي تہ ڊوڙ. مون تہ گهٽيئي دلاسا ڏيانوَ، پر رب جي سرڪار ڏاڍي آهي. رب ياد ڪربو. مرشد هڪڙي چٽنگ وڌي اٿو چولي ۾، جي ڦوڪيندا تہ ڊاڍ بہ ٿي پوندو. ڪم حلال وجهہ جو پلي ڪريو، پر رب جو چٽنو بيٺو رهي. هٿ ڪار ڏي، دل يار ڏي. دل چيريو رکندو آهي يادگيرو رب جو:

"ڪيچي ڪهندا ويا، چوندا ويا تہ ونجو واٽ وندر جي"

دعائون سيني ڪي چوندا. الله سائينءَ جي امن امان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (40)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت هجو شال.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت هر طرح خير آهي، اوهان جو خير تا گهرون.

مطلب تہ جهڙي تهڙي حال سان تہ بہ رب نہ وساربو.

اوڏ اڳلي آهيان، اٿم ڪتو متو جوُن،
جنهنجو ترهو تون، سي لاڪا ڪيم لڄائين.
تون لاڪو لکن جو ڏٺي، آءُ اڳلي اوڏ،
متيءَ پريا هتڙا، ڪتو ٻڌان گوڏ،
لاڪا تنهنجي ڪوڏ، آءُ پيئي پاڙي گهاريان.

جنهن جو ماٺهو بندو آهي اُهو هينئر ويجهو آهي. لڄ لڏ انهيءَ تي رکي، تہ بہ هلو. هيءَ ڪنهن جي ترسڻ جي جاءِ ناهي. گهٽوئي ترسيو آهي، باقي الائجي ڇا آهي؟ پاٽيءَ منجهہ آهي ماناٽي، هرڪوئي ولوڙيندو، ڇڏيندو ويو. ڪيترو اڳ ڪبو، ڪڇ پوئتي تہ نهاربو: "آهي عجائب اهو پنڌ ڙي اديون"

سسئي ستي ننڊ ۾، آيس عزرائيل،
ٻوڙايائين دليل، تہ پنهل ماٺهو موڪليو.
اڳي اهڙي هياس، جو پنهل ڏوتم ڪپڙا،
اڄ اهڙي تياس، جو جَتَ نہ نين پاڻ سان.

ٻئي جهان وسري وڃنئي تہ وساري ڇڏجانءِ. هڪ دليئون دوست نہ وسار جانءِ.

ميري ۽ پيري، ٻئي پنڌئون رهائين پرينءَ جي،
چڱي فقيري، جيڪا نيئي ڏيکاري در درست جو.

صاحب توهان جي من ۾، توهين هوش رکو. ڇا ڏٺو اٿو جو هوش کان بيهوش ٿيا آهيو؟ توهين جنهن کي ڏسڻ آيا آهيو انهيءَ کي ڏسو. اُهي توکي پيا ڏسن. اَجايو بيهوش ٿي بيگاني خيال ۾ خيال وجهو ٿا. خدائي خيال کان سواءِ ماڻهو بيخيال آهي. هميشه خيال خدائيءَ سان رهجي. هڪڙي درويش وٽ هڪ دنيادار ماڻهو پنهنجو پٽ ننڍي هوندي ئي ڇڏي ويو. ڇوڪرو اُتي ڪم ڪار ڪندو هو. روز صبح جو فقير کانئس پڇندو هو ته اَبا تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ڇوڪر به هر روز پنهنجو نالو ٻڌائيندو هو. ائين ڪندي ڇوڪر اچي جوان ٿيو ۽ متون اچي ڏاڙهي مُڇ لٿيس. فقير اجان به ڇوڪر کان نالو پڇندو اچي. هڪ ڏينهن ڇوڪر فقير کي چيو ته: قبلا! ورهين ٿي ويا آهن روز پيا نالو پڇو! منهنجو نالو اوهان کان وسري ٿو وڃي ڇا ڪيئن؟ فقير چيو ته اَبا اسان هڪ نالو ياد ڪيو آهي ۽ اُهو اندر ۾ اهڙو ته وڙهي ويو آهي جو ٻيا نالا سڀ وساري ڇڏيا اٿم. اُهي پيغام انهيءَ صورت کي ٿا ملن، پوءِ ڪنهن سنياريو ڪنهن نه سنياريو! گهٽائي لکجي ٿي صحبت واسطي، نه ته درڪار هڪ نقط جي آهي، اُهو پڪو ڪجي.

الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي. دعائون سيني کي ڏيندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (41)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو ته هت سڀ خير آهي، اوهان جو خير ٿا گهرون. مطلب ته خط اوهان جو مليو، احوال معلوم ڪيو ويو.

اوهان کي منهنجون سَتيون پيل آهن ته پوءِ اولاد ڇٽبا. سو مون کان ته جيئري توڙي مئي پري ۽ جدا نه رهندوَ. نوري ناڙي ٻئي

حقيقت ۾ هڪ ٿيا. مان گهڻو سعيو اوهان کي نام جو لکندو آهيان جو اڳيئون جيئن وڌي اچو. باقي مون کان ته وسريل اصل ڪونه آهيو:

"هيءَ ته هت وهائي، تون آگهه ڪر اڳ جي"

پنڌ تي ڪاهه ڪريو، دم ڪاهيو جو جيئڻ ٿورو آهي ۽ پنڌ گهڻو آهي: "تو منجهه آهه سو سر سارو، جنهن جا پنڌ پڇين ٿو"

يا ڪر اور الله جي، يا ڪر پرينءَ پچار،
انهن ٻنهي ڪان ڌار، شل قادر ڪنهن کي نه ڪري.

هيءَ حياتيءَ جي عجب مهل آهي. الله سائين جنهن کي پنهنجو ٿو ڪري ته انهيءَ کي پنهنجي محبت ۽ پنهنجو يادگيرو ڏيندو آهي. صورت سان اڪ هيرجي. اڪ صورت سان ٻڌل جنهن جي هوندي، ته ان کي ٻيا دليل گهٽ پوندا:

"هرگز هردي حاضر ناظر جتي امڙ نڪو آبو"

اڻ ڏٺو پنڌ آهي، اُهو پنڌ سارو متي تي آهي، پر ڪنهن ڪنهن نه سنياريو. اوهين پلي رب ڪريم کان ٻه ٻاجهه گهرو ته يا رب ڪريم مون کي تون پنهنجو ڪر.

پنڌ ڪندي پرينءَ ڏي، جي مون ڪتن ڏينهن،
ته جيڪس منهنجي نينهن، اپر لانوان لڏيون.

پنهنجي جدائي سنياليو جو نيٺ ساري جهان منجهان هيڪل ٿي هلبو. اُهو ڏينهن ٻـ ويجهو پوندو ٿو اچي. سو رب رب ڪندا پيا هلو:

"اڳيئون سوڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سان"

نہ وسري ۽ نہ وسارجي. جيڪر وساري ٿو سو پاڻ وسري ٿو.

”دم دم ڏمـــال دم ڪي، ڪرني نہ فـــرامـــوش“

اندر ٻاهو ٻاهر ٻاهو، هُو هُو ڪون ڪريندا،

سچا نانءَ فقير تنهيندا، جيها هُو نون سهي ڪريندا.

پنهنجي جـــدائي ڏسي فـــراق جاڳنجي، الله سائين پوءِ مون ڪان تـــوڪـــي جدا نـــہ ڪندو، فقط رب ڪريـــم نہ وسار. ٻين سان ريس نہ ڪريو:

”ســتــرسي سڪن، جنڪي ويڙهيـــچـــا وجـــود ۾“

هڪڙا ويجها آهن انهن مان وري هڪڙا پري آهن. هڪڙا وري پري آهن انهن منجهـــان وري ڪي ويجـــهـــا آهن. اوهان پاڻ ڪي ٻري نہ ڀانئيو جو الله بہ آهي. ساٿي جن الله وار نہ ونگو تن جو.

سَـــوڙ جن ڪي سچ جي، تن ڪي ڇـــاڪندو پـــارو،

سيارو توڙي اونهارو، اُهي ٻاهر ٻارينئي ڪين ڪي.

مـــان اوهان جـــو آهـــيـــان. اوهان منهنجا آهـــيـــو. حـــڪـــم الله جي سان. رب ڪـــريـــم جي اَمن اَمان هوندوَ. زياده خير الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (42)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير تا گهرون. مطلب تہ خط اوهان جو نيڪ ساعت ۾ پهتو، احوال معلوم ٿيو.

سواءِ رب ڪريم جي ٻي سڄي عمر سگوري اجائي برباد ٿي وڃي. چوندا آهن ته شل ڪڪڙ به ڪنهن جي اجائي نه وڃي. ڪجهه ته پنهنجي حياتيءَ جو به خير گهرجي. جيئن هلي مول سلامت پهچي، چو جو باري منزل آهي، آخر ته نظر صرافن جي به چڙهبو. هيءَ عمر هڪ خواب جي نشاني آهي. محبوب ٿو چوي ته تو مونسان جيڪي قول ڪيا آهن، اُهي پاڻ ته مون به توسان سڀ پاڙيندس. توڙي ماءُ جي پيٽ ۾ ته به دانهان ڪيائين ته اُٻتو تنگيل آهيان، ڪڍ هن اُبتي تنگڙ مان، هن انڌاريءَ کوٺيءَ مان. ڇي تون ڪهڙو ڪم ڪندين؟ ڇي مان ويهي تنهنجو يادگيرو ڪندس. اُهو اقرار هر ڪوئي ڪري آيو آهي. هيءَ ته عبرتخانو آهي، منهن ڪيڏ سان ڦري ويو. ڪنهن ڪنهن کي ڪل وڃي پيئي.

غافل غفلت ڇوڙ، تون ڪيئن اٿاسي اوجهرين،
چپاتا چڙهي ويا، وڃي طالب رسيا توڙ،
تون نيٺين ننڊ اکوڙ، نه ته وير وري ويندءِ ويسلا.

لڪاپور ۾ لڪا پيئي تي لڻجي. لڪا کي به اک لٿيندي آهي. اکيون به اُهيئي پسندي پاڪ ٿيون. ڦرناءِ دليل جيڪي پون ٿا سو اک ٻڏل نه آهي: "ڏيٺو اٿيئي ته ڏي، نه ته وصالان ٿي وٽ پوي"

"سر ڏني ساجن ملي ته ڏونهين هتين ڏي"

سر ته ويو ڪاني ڪاڻ ۾، هو اجان کي ٻيو گهرن: "مٿو منجهه ڪينڪار، اجا ٻيا ڏاڻ ڏيندو سانءِ منگتا" "ڏار دل جي دنگي ته لحظي وڃي لنگهي"

پاڻ پنهنجي پاڻ ۾، جن پسيو نه پيهي،
صاحب ڏنا صورت جي، ڪل تنين ڪيهي.

"ڪت ڪتيندينءَ ڪيترو، وڃي ڪر سوداگر يار"

سوداگر ٻہ مرشد کي چوندا آهن. رهنما ٻہ مرشد کي چوندا آهن. باز هو هڪڙو، تنهن هڪڙو جهرڪيءَ جو ٻچڙو جهلي هڪڙي وڻ جي ڪنڌهر ۾ ويٺي کاڌو تہ مٿان هڪڙو ڪوريئڙو اچي تاجي ڪڍي ويس. باز جو ڪنهن مهل ڏٺو تہ مار! مون کي تہ ڪو ڦاسائي ويو آهي، سو مات ڪري ويهي رهيو. ڪنهن مهل ٻيو هڪڙو باز اُڏامندو اچي لنگهيو، انهيءَ جي نظر پئجي ويس. سو اُهو باز لهي آيو هيٺ ۽ ڪنڌهر واري باز کان پڇيائين تہ هتي ڇو ويٺو آهين؟ هن جواب ڏنو تہ هتي شڪار ويٺي کاڌم تہ ڪو ڄار وجهي ويو آهي. هيٺ لهي آيل پرواز واري باز چيس تہ مون کي سڃاڻين ٿو؟ چي هائو، تنهنجو جسم منهنجو جسم هڪڙو آهي ۽ تنهنجي ٻولي منهنجي ٻولي هڪ آهي. تڏهن ٻئي باز چيس تہ جيئن مان چوان تيئن ڪندين؟ چي هائو! باز چيس تہ پر چنڊ، هن پر چنڊيا تہ تاجي ٽٽي پيئي. چي هاڻ اُڏام. اڳيان پرواز وارو باز، پٺيان ڪنڌهر وارو باز، اُتي اُڏاڻا. چي تون شهباز، توکي ڪوريئڙي واري تاجي ڇا ڪندي! جڻ پرواز وارو باز مرشد هو ۽ ڪنڌهر وارو باز طالب هو.

سمجھ ويکين اڪ سمجهڻ نقطا، سالڪ سمجهي سوءِ،

بسطامي ڪيھي بات ڪھي، ڪوئي سمجهڻ والا هوءِ.

رب همراهہ، دعائون جملہ سنگت کي چوندا. هتان ٻہ هر ڪنهن جون يادگيرون ۽ پيار مطالع ڪندا. سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندو!.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (43)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين، محبوب القب.

بعد دعائن جي واضع هجي تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير گهرندڙ آهيون. خط اوهان جو پهتو، احوال معلوم ٿيو.

اوهان ٻارن کي چوندا تہ جيئن تيئن ڪري بہ ويهڪ سکو چو جو درجي بدرجي سمجهبو. ٿورو ٿورو ڪري عادت ڪجي پوءِ درجي بدرجي وڏندو پيو هلجي. اوهان بہ محبت رب جي ۾ هجو. خدائي حال کان سواءِ ماڻهو بيحال آهي. الله سائين جنهن کي پنهنجو ٿو ڪري انهيءَ کي يادگيرا بہ پنهنجا ٿو ڏئي. اُهو پنڌ غازين جو آهي.

غـازيان نـون غـم هـ ڪوئي، اوسـر دا سـانـگ نہ رکـدي،
وڃ مـيـدان مـحـبت والي، مـردان مـردي مـردي،
پاڙا انهان نال نہ ڪرين يا رب صاحـبـا، جيڪي هوون بيـدردي،
عاشق بہ ايوين سڃاپن ميان سچل سائين، رنگ جنهان دي زردي.

سواءِ محبت رب جي ٻيو هتان مال کهڙو ڪٺي ماڻهو هلندو! سـواءِ ذات حـق جـي ٻـي وسنئن ڪانهي وڃتي، سچل سائين چـوي ٿـو تـہ: ”ريءَ محبت آهي منهن ڪارو، سچيڏنا ڪونہ سنياري ٿو“

بيدردي دل مڻي ڪان پوءِ نہ زال آهي نہ مرد آهي. جنهن دل ۾ هَي هَي نہ آهي. اُها دل آباد نہ آهي: ”دردمندان نون درد هميشہ، بيدردان دي گهر عيدي“

مـر تـہ مـوچـاري ٿـئين، ويهي لاءِ مَر وين،
دل تي آڻ نہ دور، تون قـرڻ سندو قـيـر،
توڙي نہ لهين پير، تہ بہ راهہ نہ ڇـڏج رب جي.

اٽـتڻ پنهنجي رب سـائينءَ جي دل ۾ هجي. دل ۾ هڪ جي جاءِ آهي، جي گھٽائي ٿي ته پوءِ مسافرخانه آهي

هيءَ حياتي هڪڙي ساعـتڙي آهي. سچي جهان ڏي ٿـو وڃي. اڳيئون به نبي، نيڪ، غوث، قطب ۽ قلندر آهن، انهن ڏي ٿو وڃجي. انهن نيڪن جي اڳيئون الله سائين شل ڪنهن کي پشيمان نه ڪري. هر ڪوئي جيـڪي ڪري ٿـو سـو پاڻ سـان ٿـو ڪري. جي چڱائي ڪندو ته به پاڻ سان ٿو ڪري ۽ جي مدائي ٿو ڪري ته به پاڻ سـان ٿو ڪري. پنهنجو سڄڻ به پاڻ آهي ته پنهنجو دشمن به پاڻ آهي. وساري ٿـو ته جڻ پاڻ وسري. رب ڪريم ڪنهن جي وڪ به اجائي نٿو وڃائي.

ساسئون ساس صاحب تيري سنگ هي، پول پتڪ مت بندا ري،
تيرٿ ورت سيـون ڪڇ نه پايا، گـرها ڍار مـول گنوايا،
ستگر شبد سيـون من نهين لايا، رام پـچن بن گندا ري،
غـافل غـوطا دم دم کـاوي، آپ پـولا اوران پـرمـاوي،
آتم چـوڙ پٿـر نون ڏياوي، اسـڪـا وارو ڪنڏا ري.

تڏهن ٿو چئجي ته چال به سڌارجي. سڀ ڳالهه چال ۾ ٿي اچي. رات به چال ۾ ٿي اچي. چال چڱي ته ماڻهوءَ جي اٽـٽي ويهڻي بندگي آهي.اڳيان سرڪار عاليٰ بي پرواهه سرڪار آهي، جتي چوڻ چائڻ جو ڪنهن کي اختيار ڪونهي. نه حجت جي جاءِ، نه ڏورابي جي جاءِ. سواءِ سندس رحم ۽ ڪرم جي ٻيو چارو ڪونهي. اُٿي پنهنجو رب گهرو. سوَ وراکي، ڳنڍ هڪ.

دعا درويشان رحم الاهي. الله سائينءَ جي أمن أمان هوندوَ. دعائون سيني کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (44)

عصمت پناهہ، شرافت آگاهہ، عزيزالقدر

مائي فقيرياڻي سدا سلامت خوش هجين شال.

بعد حق موجود جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي،خير اوهان جو خواهان وَ جويان آهيون.

مطلب تہ وهامندي ٿي وڃي جيئن اڳيئون ماڻهو وٽي اچي. جهڙي تهڙي حال سان تہ بہ هل.

هل هکلي کاهہ، ويلو کر تہ وڃــــتي،
کرها کنگوريٽ مـــان، واکا کري وراءِ،
مـتان ٿـئي اونداهہ، پير نہ لهنديـنءَ پرينءَ جو.
آءٌ تہ پنهنجي پرڻيءَ ڏي، پيرين پنڌ کندياس،
پيــرن پنڌ ڇـڏيو، تہ هٿن پــر هلندياس،
هٿن بہ هلڻ ڇـڏيو، تہ ڇـشـمن پــر چلندياس،
ســر بہ سـرکڻ ڇـڏيو، تہ وڃي پٽ پــونـدياس،
مرون ماهہ کائيندياس، تہ بہ هڏا هلندا هوت ڏي.

هينئر حياتـــيءَ جـــو سچ بيٺـو آهي ســو انهيءَ سچ بيٺي ڊوڙڻ سگهجي.

کيم وساري ويھـ، ووءِ ووءِ ڪر وندر ۾،
پڇڻ ڪارڻ پرينءَ جي، پاڙي پاڙي پيھـ،
ڏيھـ ڏٺين جو ڏيھـ، حاصل ٿئي حُب سين.

"موت مورئون نہ ٿري، نيٺ نباھي نيندو" ساڏ سنگت لنگھي ويا ھينئر وڃڻ جو وارو پنھنجو آھي.

توکي کنگ کساب، سال ٿيا آھن انھيءَ سَرَ ۾،
مڙيو وڃين موتين کان، ٿيو بگ بتال،
سي کيئن لھن لعل، جن جي ديد درن ۾.
پکي پاڻ پليج، چڱيءَ طرح انھيءَ چکڻ کون،
ھيري لعل جواھر جو، سوجھي سَرُ لھيج،
درن کاڻ ڏُہن ۾، پر نہ پسائيج.

"بندا بيراڳي کر کا وطن ورڻ جي" ھيءَ جھان ھڪڙو ڏيساڙو آھي. جيڪي لنگھي ويا آھن سي ڏاڏو ٿا ياد ڪن تہ ھي ڪڏھن پنھنجي گھر ايندا. جيڪي وقت آھن سي بہ ھتون پيا ٿا وڃن. پر حياتي پنھنجي بہ ھتون پيو ٿو وڃائي سواءِ رب جي. پھرين رات اُتي پوڻي آھي، جتي اَمڙ نکو اَبو: "مگر بيخبر اسي شھر ۾ نہ رھتا، بي فنا کا نکاٽا، کسي نہ ٽاٽا"

ووءِ ووءِ مَ وسارج، متان ماٺ ڪري وھين،
قول اُھو پارج، جيڪو ڪيڙءِ پرينءَ سين.

اُھو جيڪو وسيلو پنھنجو رب ورتو اُٿوَ. اُھو رب وسيلو ورتيون وينا ھجو. توھان جي دوا آھي يادگيرو رب جو. بي ڪري آھي توھان کي صبر جي. ھينئر پارس پرين ويجھو آھي.

لاهوتين لقاءُ، پيهي ڏنو پاڻ ۾،
ساري هن سنسار جي، پيرن سڌ سماءُ،
ڪري همت تي هماءُ، ويا آسياني عثمان چوي.

ماري ٻه پنهنجي بدن ۾ وينو آهي، سعيو ڪجي جو ساري جهان مان هيڪلو تي هلبو.

ساهيون ساهيون ٻڌ، سُوريتڻ وڏو سندرو،
ڪيچ آڳاهون پند، متان ڇپر ۾ ڇڙي پوي.

سونهون ٻه نظر مان نه ڇڏجي جو هيءُ بيابان آهي، ڪو ڪنهن جو ساٿي ڪونهي، اُتي سونهون گهرجي ساڻ ۽ اهڙي دوست ڪي اکين ۾ جاءِ ڏبي آهي. اوهان ٻه پنهنجو دوست اکين ۾ رکو.

راڻو روح منهنجو، سوڍو ساهه سندوم،
منجهئون ڪاڪ ڪڪوريو، لوڍاڻو لڌوم،
سرتيون پرين سندوم، منجهئون معلوم ٿيو.

ٻچو! مرشد ڪو جدا ٿو رهي ڇا؟

وڇڙو ٻه ضرور آهي، سڀ ڪم ڇڏي وڇڙو آهي. پنهنجو وڇڻ ٻه ياد ڪجي، پنهنجي هيڪلائي ٻه ڏسجي، پوءِ ڪيئن ويهي رهجي؟ بادشاهن ڪي دل سان لڳي آئي ته ڪاڻ جون مانيون پيٽ سان ٻڌي رب گهريائون، خدا جي خوف ٻڌاريون. خدا جو خوف وڏي عبادت آهي.

دادو دعوي دور ڪر، بن دعوي دن ڪٽ،
چندين سوداگر چل گئي، اين پساري دي هٽ،

پُولا ڪسي نہ توليا، جس توليا تس گهٽ.

جاڳ مسافر جيئڙا، آخر تون مرندين،

هتي سمهين ٿو سيج پلنگ تي، اڳيون باهہ منجهہ سڙندين.

هينئر پارس پربن وبجهو آهي. دشمن بہ گهر منجهہ آهي، لڙائي ڪجي، جيئن اڳيئون پٽ فقير جو سڏجين.

ساٿي جن الله وار نہ ونگو تن جو. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندوَ. دعائون درويشان رحم الاهي. دعائون سيني کي چئجانءِ.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (45)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير ٿا گهرون.

مطلب تہ اوهين پنهنجي رب جي محبت ۾ رهو. ذڪر ذات پاڪ نہ وسارڻو آهي. هن فاني جهان جو ڪهڙو ڀروسو آهي! پاڻ کي بہ فاني ڪري ڀانئجي.

جر ۾ قوتو جيئن، لهرين لڳي اڌ ٿئي،

تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

سواءِ رب جي ٻيو ڪهڙو تپڙ هنان کڻبو؟ آنداٺين بہ ڪين، ويٺو بہ ڪين ۽ نيائين بہ ڪين. ماڻهو جيڪي ڪم ڪري ٿو سي سڀ ڇڏڻ ئي ڇڏڻ وارا. جيڪي اڏي ٿو سو بہ ڪاڻ ڇڏڻ جي. ڪيترا ڏينهن ڇڏڻ وارا ڪبا! ملڻ وارا ڪم ڪريو. پنهنجو اصل ياد ڪريو. هي جهان اصل جو نقل آهي: "ڏيٺو اتيئي تہ ڏي، نہ تہ وصالان ٿي وٺ پوي"

سـر ڏني سـا جن ملي، تہ ڏونهين هٿين ڏي،

کـر انصـــــاف اُهو، تہ هُو چـڱو يا هي،

کين لهنڌين کي، اهڙا سوداگر سيد چئي.

خيال کان سـواءِ ماڻهو بـي خيـال آهـي. خيال خدائيءَ سان رهجي.

سوئي کـم کريجي، جس وچ الله آپ بڻيجي،

دم دم دي وچ الله ئي الله، نـال خيـال لڙيجي.

جيئن محبت رب جي ۾ پيو ايندو تيئن اخلاق بہ مٺ ڪندا ويندا ۽ خلت بہ ماڻهوءَ جا مٺ ڪندا ويندا:

"اپني آپ نون سمجهاءِ، پنهان دي نال تيڏا کيا؟"

جي تون سمجهين سر کي، ڇڏ پچر پرائي:

"گلا غيبت مڙيئي ملامت، اهہ عاشقان ڳل ڳهڻا هي"

عـام سـان ريس نـہ ڪجي، نڪو عـام سـان آيو آهي، نڪو عام سان ويندو، جيئن سڀي جهان ۾ هيڪلو آيو آهي تيئن ويندو بہ هيڪلو.

سـتـو پيـو آهين سيـر ۾، مـتـو کـوڙيو مچ،

تو جا پانئين اچ، تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.

"مـرد سـوئي مـردان جـيـکـو آپنو آپ پچـاڻي"

مردان دا کـم مردان.

جي پـانئين جـوڳي ٿـيـان، تہ هوئڻ وڃـائج هيءُ،

يـيجي اوٽ ادم جي، بيـــخــود پيـــالو پيءُ،

موتواقبالانت موتو، مرڻ کان اڳي مري جيءُ،

وڃي ساڳي صورت تيءُ، جيڪا اصلي هئي عثمان چوي.

ڪهڙو پروسو آهي زماني جو، زماني ۾ آهي ڇا؟ ڪوڙي بات، ڪوڙو بيان، زمانو ڪونه ٿو وٺي. ماڻهو پاڻ ٿو زماني کي وٺي. هڪ باز کي ماس جي ٻوٽي هٿ آهي. ٻيا باز اچي پنيان پيس. باز ڏاڍا لامارا ڏنا پر جند نه ڇٽيس. آخر لاچار ٿي ماس جي ٻچر ڇڏيائين. ٻوٽي ڦٽي ڪري وڃي هڪ وڻ تي ويهي رهيو. ٻيا سڀ باز اچي ٻوٽيءَ جي مٿان پيا. هٽي هڪ ٻئي کي ڦٽي وڌائون ۽ ٻوٽي ٻه ذرڙيون ذرڙيون ٿي مٽيءَ ۾ ملي ويئي. پهريون باز ٻهاريون پيو وٺي، ڪلي پيو ۽ چوي پيو ته اُها ٻوٽي اصل توکي ڪٽڻ ئي نه ڪپندي هئي.

(پهريون باز- طالب، ٻيا باز - زماني جا ماڻهو، ماس جي ٻوٽي - دنيا)

زماني ۾ ته نيڪ نبي سڀ گذاريندا آيا. لاهي پاهي زماني تي ٻه نه ٻيهجي. وري ٻه ڪم رب سان پوٽو آهي. چوي ٿو ته تنهنجي سيني ڪمن جي جوابداري مونتي آهي. تون وڃي اجايو تيو آهين. چوي ٿو ته مون توکي حياتيءَ جي بادشاهي ڏني آهي سا پيو ٿو وڃائين! رب رازق مالڪ سڀ ڪنهن جو آهي، باقي هادي ٿي هدايت ڪنهن ڪنهن سان ٿو ڪري، جيڪو وساري ٿو اُهو پاڻ وسري ٿو. هت رڳو ڏيهري جي جاءِ آهي. هڪ ڏيهري لاءِ ساري عمر سڳوري اجائي نه وڃائجي. جنهن راهه ۾ ماڻ پيو وهي. سا ڪيترو رهندي. ڪجهه پنهنجي عمر سڳوريءَ جوبه خير گهرو. جو اُها به درگذر ۾ آهي. سواءِ رب جي ظاهر باطن ٻيو ڇاهي وڃتي؟:

"ديگر هرچــــــــــه بيني، فنا را فنا"

مان هميشه اوهان جو دعاگو آهيان ته الله سائين! اوهان کي

پنهنجو ڪري. هتئون نهي جڙي جيڪو هلندو تنهن کي وسوئي ڪونهي. ياد ڪريو نہ تہ پوءِ ياد ڪندو. يادگيري جو وقت بہ اُهو آهي سو بہ وڃي ٿو وهامندو. انهن نوڪرين ۾ پيٽ جي هٿن ۾ ماٺهو مري ويندو.

رب سائين منگئي تن هوءِ،

تن منگئي نہ رب ئي هوءِ، نہ تن ئي هوءِ.

حلال وجهہ جو ڪم پلي ڪريو ۾ رڳو ليڪن ۾ نہ بيهي رهو. هوڏانهن لکپڙهہ اچي وبئي آهي تہ مرڻ کان اڳي مري آءُ، جيڪي آبروءِ وارا هئا، اُهي پنڌ پيا. ڪم حلال وجهہ جو ڪري پلي ٻچن کي ڏيو، پر اوهين پڄي وڃو. پڄڻ ڏانءِ اچيوَ ٿو؟ پڄي ڇا ڏهون وڃجي؟ جيڪي بدن سان لڏتون لاڳو آهن انهن کان پڄي وڃو، نندڻ سميت.

پينر هن پنيور مان، پڳي پيٺي آهہ،

ڪالهہ هن هنڌان، سرتين سُور پرايا.

حلال وجهہ جو ڪم نيڪ بہ ڪري ويا آهن، سو مالڪ جي طرف ڏي ڪوبہ اعتراض نٿو جڳائي:

"رک خيال هڪ دم دا"

"دم دم دمال دم کي، ڪرني نہ فراموش"

"ڏوريندين ڏسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي"

"ڏورج پنهنجي ڏيل ۾، سچيءَ سڪ منجهان"

سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. الله سائينءَ جي اُمن اُمان

هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي. دعائون سڀنيءَ سنگت کي ڏيندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (46)

محب الفقرا، دوست درويشان، مخلص اهل الله، صادق اليقين.

بعد دعــائن جي واضع هجي ته هت سڀ خير آهي، اوهان جـو بـ خير گهرندڙ آهيون. مطلب ته خط اوهان جو پهتو، احوال معلوم ٿيو.

ميلو ڪيوَ اُهو چڱو ڪم ڪيو اٿوَ. ميلي جي سنيار يلي ڪري ڪريو جو اُهو چڱو آهي. پنهنجي ميلي تي ڏٿي به آيا هوندا. اوهين رب نه وساريو ته اوهين به نه وسرندا. رب کان سواءِ ٻي کهڙي اوهان سان ڳالهه ڪجي جو نيت خدا سان ڪم پوٽو آهي! ظاهر به چڱو، باطن به چڱو آهي رب جو يادگيرو.

لکڻ چپڻ ڪيترو، تون وڃي در تي دونهين پاءِ،
ســر وڍي ســرندو ڪري، تن سين تارون لاءِ،
وينـو وير وڃاءِ، من ســجــاڻنئي ســپرين.
سڏن مـتـي سڏرا، تــون واکا هڏ مَ لاهه،
من کا تنهنجي آهه، وڃي سڳر ۾ ثاب پوي.

شاهه صاحب چيو آهي:

ڪتــو نــه ڪرُڪان نڪي سڏ شــڪــارئين،
پٽــيــو ڪڍي پاڻ جــهنگل آهيــرين لاءِ.

وري ٿر ڏٿي سائينءَ فرمايو آهي:

پنڌ هلي نہ پيچرو، نڪي پهر پريان،

تهان پري دانهن، وڃي ڪنئي شڪارين شڪار جي.

پنهنجي رب کي پاڻ سان دائم قائم ڪري سمجهجي. محبت مالڪ جي ۾ رهجي. هِهڙي حياتيءَ جهڙي مهل وري ماڻهو ڏسي نہ سگهندو. تنهن ڪري ٿو چئجي تہ رب ڪريم جي محبت ۽ يادگيري ۾ گهڻو وقت رهجي. جيئن رب راضي پيا ڪندوَ، تہ اوهان کي بہ رب راضي پيو ڪندو. جيڪو بہ ماڻهو رب ڪريم وساري ٿو، اُهو راهہ کان بيراهو ٿو وڃي. عزت ذلت خدا جي اختيار آهي. سندس راض گهرجي ۽ راز سان رهجي. باقي هيءَ جهان دنيا جو آهي. دنيا جي لاري نہ لڳجي. لاري رب ڪريم جي لڳجي:

"تو منجهہ آهہ سو سر سارو جنهنجا پنڌ پڇين ٿو"

هيءُ سربر متڪي آهي. عقل ان ۾ ڪير آهي. مرشد ان ۾ سنباڻ ٿو وجهي طريقت جو. رات اٿس ڏهي جمائڻ لاءِ. ڪير، ڪير ۾ نہ ڄمي پر سنباڻ جي لپ هر ڪنهن لاءِ آهي. اُها لسي ڇو ٿي ڄمائي؟ هن جي لونءَ لونءَ ماربل آهي، محبت جي مانڊاڻيءَ سان، تڏهن ٿي ڄمائي. معرفت ولوڙي ٿي ۽ حقيقت ان جو مکڻ آهي، پوءِ:

"ورلو ولوڙي تو مکڻ ڪڍي من مان"

ڪي سيئي ولوڙين ٿا ڇا؟ هر گهٽ ۾ لعل آيل آهي، پر ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو. بُوعلي قلندر سائين دهليءَ جي شهر ۾ رهندو هو. دهليءَ جي بادشاهہ وزير کي چيو تہ مونکي بُوعلي قلندر ملاءِ، وزير چيو تہ هو بي احتياج آهي، ڪنهن ڏانهن نہ ويندو. بُوعلي قلندر سائين روز صبح جو سير تي نڪرندو هو. سو بادشاهہ

وزير کي چيو تہ ٻيون گهٽيون شهر جون سڀ بند ڪرائي ڇڏ ۽ انهن تي سپاهي ٻيهاري ڇڏ. باقي فقط مون واري هڪ گهٽي خالي ڇڏي ڏي، وزير ائين ڪيو، پوءِ بُوعلي قلندر جنهن بہ گهٽيءَ سان ايندو وڃي اُتاهين سپاهي ڪيس هٽائيندا وڃن. نيٺ انهيءَ گهٽيءَ سان آيو جنهن ۾ بادشاهہ ويٺو هو. پر هُن بادشاهہ ڏي نهاريو بہ ڪين. ڪنڌ هيٺ ڪري هليو ويو. بادشاهہ آواز ڏنس تہ مان زماني جو بادشاهہ آهيان! سڀ ماڻهو جيڪي بہ لنگهن ٿا سي مونکي سلام ڪندا ٿا وڃن. تون ائين هيلو ٿو وڃي سو ڇو؟ بُوعلي قلندر جواب ڏنو تہ تون بہ بادشاهہ مان بہ بادشاهہ پوءِ مان توکي سلام ڇو ڪريان! بادشاهہ چيس تہ يلا خزانو ڏيکار. جواب ڏنائين تہ تون خزانو ٿو رکين جو توکي خرچ ڪرڻا آهن. مونکي خرچ ئي ڪونهي، پوءِ خزانو ڇو رکان؟ بادشاهہ چيس تہ يلا لشڪر ڏيکار، ڇي نہ منهنجو ڪو دشمن ۽ نہ مونکي ڪا جنگ ڪرڻي آهي، سو لشڪر ڇو رکان؟ بادشاهہ چيس تہ يلا ڪي نوڪر چاڪر ڏيکار، جواب ڏنائين تہ تون نوڪر چاڪر ٿو رکين جو توکي ڪم ڪاريون ڪرائڻا آهن. مون کي احتياج ئي ڪونهي پوءِ نوڪر ڇو رکان؟ بادشاهہ اُهو ٻڌي لهي اچي سجدو ڪيو ۽ پڇيائين تہ اوهان الله سائينءَ کي ڪيئن ڏنو؟ بُوعلي قلندر سائينءَ چيو تہ جيئن تو اسان کي ڏنو؟ جو ٻيون سڀ گهٽيون بند ڪري هڪ گهٽي ڪليل ڇڏيءَ.

دعا درويشان رحم الاهي. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندوَ. دعائون سيني کي ڇوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (47)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين، محبوب القلب.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ

خير تا گهرون.

مطلب تہ پنهنجي رب جي خيال سان خبردار رهجي. هرڻ جيڪڏهن هليو وڃي تہ توبچيءَ جي ڏک کان هليو وڃي. جيڪڏهن ڪنڌ ڦيرائي ڏنائين تہ هو بہ توبچي آهي، نڪاءِ بندوق هڻندو. هليو وڃجي. پوئتي نہ نهارجي. مالهي پڪو اُهو آهي جو گلن تي آهي بيٺو باغ ۾. ڪليل گل تي پونَر ايندا آهن. پلي دل جي مکڙي ڪلي تہ پوءِ پاس ٿيندين. مالهيءَ جو ڪم آهي گل سنڀالڻ. گل دل کي چوندا آهن، پونَر اک کي چوندا آهن. اکيون اهيئي پسندي پاڪ ٿيون، جڏهن تون پيو مونسان ڳالهائين مان پيو توسان ڳالهايان. تہ ويجهو آهين. ڏس پلي ۾ جنهن کي ڏسڻ آيو آهين انهيءَ کي ڏس، تہ سڄڻ سامهون آهي.

تون بہ ڪاليج ٿو پڙهائين تہ مان بہ ڪاليج ٿو پڙهايان. تون شام جو پراوا ٻار ڪري ڇڏي ايندو آهين، پر مان پنهنجا ٿو پڙهايان. مان رات ڏينهن ڇڏي ڪونہ ويندو آهيان، تون ڇڏي ويندو آهين. نہ وري هو بہ مون کي ڇڏين ٿا. تون پڙهائيندو پراوا ٻار ڪڍندو وڃين. انشاءالله تعاليٰ، رحم الاهي جي سان هو مٺي بہ مون کي نہ ڇڏيندا، نہ مان هنن کي ڇڏيندس. توکي پاڻ ڪاليج پيا ٿا پڙهائين. خبردار! باطن جو صاحب سوني خبردار آهي. ڪا شيءِ ننڊ ۾ نہ آهي، سڀ شيءِ هلندڙ آهي، تون هڪڙو ٿو ننڊ ڪرين. جا دل فراموش آهي، سا دل اک پنٽي بہ ننڊ ۾ آهي: "دم دم ڏمال دم کي، ڪرني نہ فراموش"

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ.

پنهون تيس پاڻ، سسئي تان سور هٺا.

هٿين پيرين موتڙين، هلج ساڻ هنئين،
عشق آريءَ ڄام جو نباهي نئين،
جان جان تي جنين، تان پاڙج ڪيم پنهونءَ سين.

هٿين پيرين موتڙين، ڪهج پر قدام،
وڃ وسيلو ناه ڪو، اوري آريءَ ڄام،
هنئين لائي هام، پاڙج ڪيم پنهونءَ سين.

سمجهن اُهي تا جن ڏانهن لکجي ٿو، تون انهن کان بہ ٿورو سمجهين ٿو، ٿوري علم مان تي وجي گهٽي پر پٽبو آهي.

عشق ناهي راند، جان جان ڪيڏن ڳيرو،
جيءَ جسي جند جان جي، يجي حج هيڪاند،
سسي نيزي پاند، اُجل تہ اُدھ ٿئي.

زمانو ٿوري جز آهي، ڪل جي اڳيئون. سعيو هر ڪنهن ڪيو آهي، تون بہ سعيو ڪر.

هرگز ايندو هوت، پر ڪجهہ آءٌ بہ اڳاهين ٿيان،
متان ڇوي هاڙهي جو بلوچ، تہ ڪميٽيءَ مان ڪين ٿو.

ساٿي جن الله وار نہ ونگو تن جو. مون مارن لئہ ماندي مارو مون لئہ ماندا. خبر تہ اتيئي. پڪي هڪڙو درياھ جي اورينءَ پر ٻيو پرينءَ پر. هو ٻلي ڪري هوڏي، هيءُ هيڏانهن ٻولي ڪري، اڏريا. هو پرينءَ پر اڏريو. هي هيڏانهن. ملي پاڻ پر نتا سگهن. ٻئي ماريءَ

ڦاسائي ڪٽي ڳوٺڙيءَ ۾ وڌا. ماريءَ کي پيا دعائون ڪن تہ اسان کي پاڻ ۾ ملايو اٿيئي. جڙ ۾ پڃرا بہ آهن پر پڪي هڪ آهي. پڃري جي قيد مان نڪر:

”پيرمغان دي همت ٻاجهون، وڃ معشوق سماوي ڪون“

مدد گهري ون. حياتيءَ جو ڪهڙو ڀروسو آهي؟ پاڻ منجهئون گهر.

دعائون سيني کي چوندا. سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. الله سائينءَ جو اَمن اَمان هوندوَ.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (48)

مائي فقيرياڻي سدا سلامت هجو شال.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير ٿا گهرون.

مطلب تہ ٻئي جهان وسارجن پر هڪ رب نہ وسارجي. جيڪا راهہ ورتل اٿوَ سا نہ ڇڏيو، نيت خدا سان ڪم پوٺو آهي. ڪنهن سان ريس نہ ڪريو. ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو. سڄي علم جي بحر ۾ بہ درڪار هڪ نقطي جي آهي. نقطو اُهو آهي سندس لطف جو، جيئن هڪ الله نہ وسري. ياد ڪريو نہ تہ پوءِ ياد ڪندوَ.

بندو تہ توهان جو هر وقت دعاگو آهي. اوهان کي سمنڊ آڏو آهي. جن کي الله سائين ياد آهي تن کي سمنڊ هڪ سرڪ بہ ڪانہ آهي. پاڻ کان جدا نہ سمجهو. اوهان اسان جا آهيو اسان اوهان جا آهيون. مائٽ مٽن جي طرف کان ڇڏي هلبو باقي مرشد جي طرف

ڪان مٿي ٻه جدا نه ٿيندو، ھيءَ حياتيءَ جي ھڪڙي مھل آھي. جيئڻ ٿورو آھي، پنڌ گھڻو آھي.

گجر سندي گام ۾، آھي ڪنـاروءَ ڪات،
ڪان پچن تا ذات، جيڪي منھن پيا سي ماريا.
”ڏوريندين ڏسن، جــڏھن تڏھن پرينءَ کي“

اوھان کي سُتيون منھنجيون پيل آھن. ٻيو اوھان جو اَبو اَمان ڪير آھي؟ اوھان کي جڏھن مان فيض سان ڏسان ته ڏاڍو خوش ٿيان. جن کي دل ۾ انـئي پھر الله ياد آھي ته اُھي بي فيضا نه ڇئبا آھـن. ھن جھان ۾ ماڻھو آيو فيض جي واسطي آھي. وڪر ڍيرئون ڍير آھي ۾:

پاڻيءَ مـٿي جـھـوپڙا، مـورک اُڃ مـرن،
سـاھان اوڏو سـپـرين، لوچـيـو تان نه لھن.

ماڻھو آيوئي اثبات ڪرڻ الله کي آھي، ھڪ الله نه وساريو، جيڪو وساري ٿو سو پاڻ وسري ٿو.

سُتـا اُٿي جـاڳ، ننڊ نـه ڳـھرجي ايتري،
توجو سائيھ پانئيو، سو مانجھاندي جو ماڳ،
سلطاني ســھــاڳ، ننڊن ڪندي نه ملي.

سي نه ٿـيندءِ سـاٿي، جي تو پنھنجا پانئيا،
ھاڙھي ھلنديءِ ڪونه ڪو، ڀاءُ نڪـو پــاتي.

ھرگز ھردي حاضر ناظر، جتي اَمڙ نڪو اَبو،
پيون سيئني پن ڏيو، ھڪ نام صاحب جپو.

طرف رب ڪريم جي هجو. ٻن ڏيو وهمن کي ۽ چڱيءَ طرح رب سان رهو:

”جي پــانئين جــوڳي تــيــان تہ رکي ڪـــٽي ۾ رلُ“

رلي چوندا آهن وهمن کي، توهان ڪٽي وهم ويڙهيا آهن پاڻ کي. اُهي وهم وساريو هاڻي ويڙهي وهو هيڪڙائيءَ جو هُلُ. پوءِ ڪريو انصاف اُهو تہ رب چڱو يا وهم چڱا. رب هادي هدايت وارو آهي ۽ وهم سڀ نفس جو رايو آهن.

ســــوڙ جن کي سچ جي، تن کي ڇـــا ڪندو پارو،
سيارو توڙي اونهارو، اُهي باهہ پارينثي ڪين کي.

دوست جنان کون دل وچ حاضر ناظر دشمن لهي نہ وارا:

”اي پـــــوري مــــاءِ ڪا هنـئين سين لاءِ“

دعائون سيني کي چوندا. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندو.

دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (49)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير تا گهرون.

مطلب تہ رب نہ وساريو جو اول آخر ڪم رب ڪريم سان پوٽو آهي.

سٽيا هي سمجها نهين، ميتيا نہ من ڪا موهہ،
پارس کون پهنچا نهين، رهيا لوهہ ڪا لوهہ.

"وڃي هڪ سان هڪ ٿيءُ، ڇڏ ٻوڙي ٻيائي،
جي تون سمجهين سر ڪي، ڇڏ پڇر پرائي"

ٻيائيءَ جي ملڪ مان هيڪڙائي ڪيندي. هيءُ عجب مهل آهي حياتيءَ جي. پنڌ جي ڪاهه ڪريو. قدم قدم تي سعيو ڪريو. نيت خدا سان ڪم پوٽو آهي.

گنجي ڏونگر گام جي، پيئي جن پروڙ،
ڇڏي سڀ ضرور، لوچي لاهوتي ٿيا.
گنجي ڏونگر گام جي، پيئي جن پٽي،
ڇڏي ننڊ گهٽي، لوچي لاهوتي ٿيا.

ادهم سلطان بادشاهه جي زيارت تي هليا هواسون. تون ٻه گڏ هئين. انهيءَ اولياء صاحب بلخ بخاري جي بادشاهي ترڪ ڪري فقيري ورتي. نين نالي هندو وزير هوس، اهو ٻه وزيري ڇڏي بادشاهه سان گڏ فقير ٿيو. اهو نين ٿو لکي ته هيءُ اهو زماني جو بادشاهه هو، جنهن جا بورچيخانه رات ڏينهن پيا ٻرندا هئا ۽ جنهن مهل بادشاهه ڪي مانيءَ جو احتياج ٿيندو هو. انهيءَ مهل تازي ماني تيار هوندي هئي جا ڏيندا هئس. اڄ انهيءَ بادشاهه کي ڪاٺ جي ماني پيٽ سان ٻڌل آهي ۽ ڏينهن قيامت جو روزو اٿس. جنهن جا ڪپڙا هر وقت درزي پيا سبندا هئا، پاڻ انهيءَ کي سوا مڻ جي گودڙي ڪُلهن تي آهي. جنهن جي سواريءَ لاءِ سوداگر هميشه عربي گهوڙا پيا خريد ڪندا هئا. سو اڄ جبل جي چوٽيءَ تي لانگ ورايو وينو آهي. بادشاهه جو ٻچو هو. ڪيڏو نازڪ بدن هو، پر عشق اجهو اهي ڪم ٿو ڪرائي. بادشاهن کي دل سان لڳي آئي ته بادشاهيون ڇتي ويون. رب قبول ڪيائون. پيرن کي دل سان لڳي آئي، ته تنبو طولان ڇتي

ويا ، بنديون سيرانديءَ ڪري رب گهربائون. ڪنهن تہ خدا جي خوف کان ڏنان!

جي هوويئي طلب ملڻ دي، تہ ساجهر ڪر گهن سعيا،
وچ ميدان محبت والي، رکين قدم سوايا،
اهو سودا سر ڏئي ہاجهئون، پلئہ ڪنهين نہ پايا،
پهلا مرڻ مراد سجايا، پڇي مرڻ آجايا.

طوطي کي پاڙهيندا آهن تہ اڳيان آرسي ڏيندا اٿس. پوءِ اولاٺتو بيهي ڳالهائيندا اٿس. آئينہ ۾ طوطو پاڻ کي ڏسي سمجهندو تہ اُهو آئينہ وارو طوطو ٿو ڳالهائي. سمجهائڻ وارو نظر کان ڳجهو بيهندو آهي اوربان بہ پاڻ تہ پريان بہ پاڻ. پر پاڻ کي مرشد واري آئينہ ۾ ڏسندو، صورت مرشد معنيٰ الله!

صورت يانءِ مرشيخ کي، آهي معنيٰ مڙيوئي،
حق حقيقت جنهن کان، ٿئي ثابت سيوئي،
اکيون اُهيئي، پسندي پاک ٿيون.

هيءَ ڪجهہ سمجهڻو آهي. اُها خبر سپ وحدت مان پوندي.

وحدت جن وجود، آهي ڪعبو ڪڏيو تن جو،
سي ڪاڏي ڪن سجود، جي منجهہ مراد مکو ٿيا.

جنهن جي نالي ورتي لکيا ڏوهہ لهي وڃن، اهڙو رب ڪيئن وسارجي! قلندر، غوث، قطب سپ نالي رب جي نوازيا آهن.

رندي جام پيرمغان دي هٿون، اڪ واري جو گهن پوي،
عزرائيل نہ آويس نيڙي، نت جڳان جڳ جيوي.

اُهي حلال وجهه جا ڪم هر ڪنهن ڪيا آهن، پر پنهنجو رب نہ وساريائون. مرد اُهو جو ڪچهريءَ مان اُٿي تہ ٻئي ٻانهون هٽي اُٿي، ظاهر بہ پورو باطن بہ پورو. نفعي جي خبر لهين ٿو، باقي بندگيءَ ويلي بي خبر!

دوست جنان ڪون دل وچ حاضر ناظر دشمن لهي نہ وارا. سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. الله سائين جي اَمن اَمان هوندوَ. دعائون سنگت سڄيءَ کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (50)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير ٿا گهرون.

مطلب تہ اوهان کي فقط وحدت جي راهہ ٻڌائي آهي. انسان آهي بہ وڻجارو وحدت جو:

"وحـــــدت وادي وچ لڙهہ جــــاوين، قطرا قلزم نال رلاوين"

"پيرمغان ايوين فرمايا، وحدت والا راهہ ٻڌايا، ٻلهار جائون ٻلهارا"

وحدت هيڪڙائيءَ کي چئبو آهي. گهڻو وحدت ۾ رهو. ڪثرت کي ڇڏي وحدت کي وٺو جو ڪثرت ۾ ويهي نہ سگهبو. وٺو وحدت کي. ٻيائيءَ جي ملڪ مان بہ هيڪڙائي ڪڍندي. ماٺهوءَ کي آهيئي سمجهہ جي مار. گهٽائيءَ ۾ پئي هڪ نقطہ نہ وسارجي. سڄي علم ۾ درڪار هڪ نقطہ جي آهي. نقطہ ڇا کي چوندا آهن؟ جو سر ويا سبق نہ پلا. منصور کي ڦاسيءَ تي چاڙهڻ کان اڳ سندس ڪرايون ڪپيائون. کلي پيو. پڇيائونس تہ منصور ڇو ٿو کلين؟ ڇي

جن هٿن سان مان ڪم ڪندو آهيان سي ته اوهان کي نظر به ڪين ٿا اچن! وري پير ڪپيائونس ته به ڪلي پيو. پڇيائونس ته منصور ڇا هي؟ ڇي جن پيرن سان مان پنڌ ڪندو آهيان سي ته اوهان کي نظر به ڪين ٿا اچن! پوءِ ڪُلهن ڪان ڪري ٻانهون ڪپيائونس. رت جو پيو وهي سو ڏاڙهيءَ کي لائي ڇڏيائين. پڇيائونس ته منصور هي ڇا ٿو ڪرين؟ چي وضو ٿو ڪريان. پڇيائونس ته وضو ائين ڪبو آهي؟ جواب ڏنائين ته جن سان مون جهڙي ٿيندي آهي سي وضو ائين ڪندا آهن! ٻچو سبق ياد هو. بس، منهنجو فرمان به اُهو اٿو ته وحدت نه ڇڏيو، هر گهڙيءَ وحدت سان رهو.

جنهن وقت ماڻهو نام وساري ٿو ان وقت بيراهو ٿو انسان ٿئي. حياتيءَ جو ٽائيم اڃي پربو آهي:

"هيءَ ته هٿ وهائي، تون آگهـــه ڪر اڳ جي"
"ســمـهي ســاري رات تو لنگهـا ڏينهن لجـايا"

هن گهر ۾ به بيڪار ماڻهو نٿو وٽي. سو گهر سڀ ڪنهن جو اڳتي آهي، انهيءَ گهر جو ڪم نه وساريو. باطن جو راز ظاهر به مثال آهي. ياد ڪريو نه ته پوءِ ياد ڪندوَ. پنهنجي هينئر واري موسوم به سنڀاريو.

مند نه پوکي مـون، سـتي ساوڻ ويو،
پڇاڙيءَ جي پارن ڪـان، الله بچـائين تون.

ريس ٻين سان نه ڪريو، رب ڪريم جو يادگيرو فرض آهي. حياتيءَ جي باقي ساعت وڃي رهي آهي. نه وسري نه وساريو. عام سان گهٽو ڳالهائي دم اجايا نه وڃايو.

جس دم وچ معشوق سماوندا، اس دم تي ڦر موت نهين آوندا،
دل قسم رسول خدارا، ڪر اعتبارا، رک خيال هکو هک دم دا.

دوست دشمن جو رايو بہ سمجهجي:

"ڳالهيون ڳهيلي لوڪ ڪين پروڙيون پرينءَ جون"

خبردار رهو پنهنجي رب ڪريم سان:

"گذري نون چوڻ فڪر رکين اڳ دا"

فڪر رک پنهنجي حياتيءَ جو.

رب ڪريم جي امن امان هوندو. دوست جنان ڪون دل وچ حاضر ناظر دشمن لهي نہ وارا. سنگت سجيءَ کي دعائون چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (51)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين، محبوب القلب

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير تا گهرون.

مطلب تہ اوهان ڪم ڪار بابت لکيو آهي. ان لاءِ لکجي ٿو تہ اوهان کي ڪم اُهو چيل آهي تہ اوهان پنهنجو الله نہ وساريو. طرف رب جي پيل هجو. هيءُ جهان دنيا جو آهي. انهيءَ دنيا جي جهان مان پرائي وٺجي. پرائڻ جي جاءِ بہ اُها آهي. ٻي ڪوڙي بات ڪوڙو بيان. بات اُها ڪهو جيڪا راجا ڪهي هَي. صحبت عجب آهي. صحبت روح جي راحت آهي. صحبت بہ هوندي آهي روبرو.

صحبت سپرين جي، هيءَ پڻ وڏي هاج،
قضا ڪر نماز، وقت ورائڻ ستر و.

نيٺ نظر صرافن جي چڙهڻو آهي.

دنيا جو آهي بحر، ڪي ٻُڏا ڪي تريا. سوار خبردار گهوڙو

هنيون بحر ۾. بحر بيپايان، گهوڙو ساسي شيءِ! عضوا هٽي گهوڙو ٻڏڻ لڳو. سوار خبردار رڪيب ڇڏي لهي پيو. دنيا بحر آهي ۽ هيءُ گهُوڙي تي چڙهيل آهي. سوار خبردار اهو جو انهيءَ خاني تان لهي پيو. خانو ڇا آهي؟ دنيا هڻ آهي. انهيءَ هٿ تان لٿو ته جڻ خاني تان لهي پيو.

تون پنهنجو اصل سنڀار. ڇو پيو پنهنجا وقت وڃائين؟ نيڻ خدا سان ڪم پوٽو آهي. هرڪوئي سرڪار رب جو موڪليل بندو آهي. خبر به اٿيئي ته ڪهڙي ڪم لاءِ هت آيو آهين. انشاءَ الله تعالي ٻيا ڪم سيئي الله سائينءَ تي آهن. باقي مڙيوئي بهانو آهي. وري روبرو به سرڪار رب جي ٿيڻو آهي.

حرص حيراني ۽ ڪلفت ڪوڙ، اُهو وڪر تو يار وِهايو آهه،
واتا واهو هليو ويندين، توکي ويندي ڪنهن نه ورايو آهه.

سمجهه رکو:

"جنهن کي سمجهه ناهي تنهن سان تعدي آهي، اُهو مرد ناهي، مادي آهي"

پنهنجي عقل جون ڳالهيون ته گهڻيئي ٻڌايون اٿيئي، باقي الله جي ته هڪ به نه ٻڌائي اٿيئي. جهڙي محويت ٻارن "۾ ڪاڏي اٿيئي، اهڙي محويت الله ۾ ڪائين ته ڏاڍو چڱو. خدائي جيڪي اُمر آهي انهن به چيو، مرشد به اُمر چيا، پوءِ الله ۽ مرشد جو فرمان به وڻڻ گهرجي. اصلي انسان اُمر جو بندو آهي. اُمر سان رهجي:

"اُمر جي نه مڃين سي ڏوتي ڏولائي پيا"

ڪجهه ته فڪر ڪجي جيئن پنهنجو لاش نه رولجي. هي لڪ اهڙو آهي جو ڪئين داناءَ ديوانا ٿي ويا:

"اُتــون آيـون قــول کر، اتّــان پيــئين وســار"

جنهن سرڪار سان قول اقرار ڪري آيو آهي ماڻهو، وري بہ انهيءَ سرڪار رب جي روبرو ٿيٽو آهي. محبت رب جي ۾ رهج. کسندي حلال شيءِ آهي. تون بہ حلال ٿيل آهين. حلال کي حرام نہ چئبو آهي. حلالي ٻچو آهين، رب ڪريم نہ وسار.

کهڙو ڀروسو آهي زماني جو!

"اپني آپ نون ســـمـــجـــهـــاءِ"

پهلوان اُهي هئا جو سر ويا سبق نہ ڀلا.

انا الحق پڪارڻ نال، ڪيا شاه منصور فائدا پايا،\
جــسـم ڪون چــاڙه اتي، الـتـا چــرخ چــڙهايا،\
صــاف لوهو دي نال جــڙيا، ذرا ذرا عــشـق اڏاريا،\
مين صدق جاوان تنهان عاشقان تون ميان شرف علي.

سر ويا سبق نہ ڀلايا.

مرشد اُهو سبق ڏيئي ڇڏيو آهي جو سر ڏني بہ مرشد جو اُهو ٿورو لاهڻ جو ناهي. هيءَ ڪجهہ سمجهڻو آهي. گهٽائي تارن جي آسمان ۾ بہ آهي پر درڪار هڪ سج جي آهي.

زيادہ خير الدعا. الله سائينءَ جي اُمن اُمان هوندو. دعا درويشان رحم الاهي. دعائون سيني کي چنجانءِ.

دعاگو: نصير محمد فقير القادري

خط (52)

محب الفقرا، دوست درويشان، مخلص اهل الله، صادق اليقين

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير تا گهرون. خط اوهان جو پهتو نيڪ ساعت ۾ احوال معلوم ٿيو.

مطلب تہ اوهين پنهنجو الله نہ وساريو. سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو:

"آهي عجائب اهو پنڌ ڙي اديون"

توکي وري هلڻو پوندو انهيءَ هوت ڏي.اهڙيءَ هيڪاليءَ ۾ ڇو پنهنجو رب وسارجي! نيڻ خدا سان ڪم پوڻو آهي:

"ڏوريندين ڏسن جڏهن تڏهن پرينءَ کي"

پنهنجي الله کي سنياري پيا هٿ پير چوريو. هٿ هاج ۾، دل يار ڏي. دل کي جڏهن يادگيرو تو پوي، اُهو دلين کي چڻ سڏ پهتو تہ پنهنجي الله کي نہ وساريو.

اڪ دم هووڻ نال الله دي، بهتر ڪنون بادشاهي،

ڪيا جوملڪ سليمان هويا. جنهندا لشڪر لک سپاهي،

ديوان پريان امر وچ رهندي، جيهي آهي تيهي ناهي،

تهنڪنون بہ اڳي ميان سچل سائين، وچ ڏيندا هي دم اوگاهي.

هو جهڙو آهي صاحب تهڙا اٿس اتالا. اڇي تہ وري گيسئي ڪين. زالن مان پيو ٿو مرد ڪري، پر جن ادم ڪيو. هيءَ بازار اهڙي آهي جيڪي گُهر سو ملي ٿو. ماڻهو جيڪي گُهرڻ آيو آهي، اُهو گُهري وني. ملي ٿو اميدوارن کي. سڀ وس انهن جي آهي. تون بہ انهن جي وس وجي تيءَ، پوءِ ڏاربن توڙي لوڏائين. ڳل ڳچيءَ پيل هج، هوڏانهن نالو تڏهن تنهنجو لکبو.

ڪي ڪنين جا ڪارڻي، ڪي پڻ ڪن سندا

اسين صوفيءَ شاهہ جا، آهيون ٻلي لڳ ٻندا،

ميرا جي مندا، تہ بہ پير نہ ڇڏي پانهنجا.

کي کنين جا کارڻي، کي کنين آهر،
اسانکي موج ميرانپور مير جي، وسيلو واهر،
تڪيءَ کي ٿانهر، جهلو جهوڪ ڏٿين جو.

پلايون کريت ڏٿي، تر ڏٿي تورا،
مون منديءَ جا ميرا، تون ليک نہ لکن جا ڏٿي.

اُهو پنڌ سارونئي ڪيچ جو تو متي آهه. پنڌ کندي پرينءَ ڏي کهبيون کوتيون.

گوريون پاسي گوٺ، هوڙين هاڙهو لنگهيو،
ڪيچ تنين کي ڪوٺ، کين جنين جي ڪچ ۾.

اُها دل ڪوتي آهي جيڪا رب قبول نٿي ڪري. عام لاءِ رب رازق مالک آهي، پر جنهن کي رب پنهنجو ٿو ڪري، ان کي يادگيرا پنهنجا پيو ڏيندو. سعيو پلي هجي پوءِ جيڪي پڇي سگهي، وسان نہ گهٽائجي.

هرگز ايندو هوت، پر ڪچ آءٌ بہ اڳاهين تيان،
متان چوي هاڙهي جو بلوچ، تہ ڪميڻيءَ مان کين تيو.

هيءَ هلندڙ قافلو آهي. جهان گهٽوئي چڱو آهي پر چڙدي وجبو. رات کي قرار ڪونهي، ڏينهن کي قرار ڪونهي، درياهہ کي بہ قرار ڪونهي:

"لڏيو تي وجي لڏ، تون بہ لڏيو وڃ لڏ سين"

لڏ آهي اُها رات جيڪا گهرن جي اڳيان وهامندي تي وجي. انهيءَ سان گڏيا وجو تہ صبح وجي حضور ڪيندوَ..

پنهنجو اصل ياد ڪريو. پنهنجو اچڻ وڃڻ ياد ڪريو. اِتي بہ

ڪا ساعتڙي وبنا آهيو. دلاسا جيڪر گهٽيئي ڏيانوَ جو دلاسو وڏو ڏڍُ آهي پر دلاسي تي پنڌ ڏانهن بيهي وجبو آهي.

اڪ ڏهاڙي مرشد آڪيا، ڇوڙ خلق دي خواري،
اڪ نانءِ اسانڏا ياد رکين، پيا ڏونهين جهان وسارين.

سو ٻئي جهان ٻه جيئري وسارجن. اُها سڀ اوهان جي ڳالهه ٿا ڪن، پر جي اوهين پنهنجو جهڳو سنڀاليو!

ڪلهي پاتم ڪينرو اتم متو اگهاڙو،
منهنجو ڪجاڙو آهي شهر ڀنيور سان؟

دعائون سيني کي چوندا. سائي جن الله وار نه ونگو تن جو. الله سائين جي اَمن اَمان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري.

خط (53)

محبت الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو ته هت سڀ خير آهي، اوهان جو ٻه خير ٿا گهرون. خط اوهان جو نيڪ ساعت ۾ پهتو، احوال معلوم ٿيو.

مطلب ته رب رب ڪندا هلو. سدائين ٻه زماني ۾ ڪونه رهبو. زمانو گذرگاهه آهي. نيٺ هڪڙي ڏينهن ڇڏي هلبو. ڪهڙو ڀروسو آهي زماني جو، زماني ۾ آهي ڇا؟ ڪوڙي بات ته ڪوڙو بيان. زماني جو ڀروسو ڇڏي رب ڪريم جو ڀروسو رکو. اڳيئون ٻه سوکو هوندو سو جنهنجو عشق الله سان. جيئن رب ڪريم جي يادگيري ۾ مري وڃجي. مرڻو ٻه ضرور آهي شل پنهنجو ڪري ماري. دنيا جي لاري نه لڳجي. لاري رب ڪريم جي لڳجي. هي خوف جو جهان آهي. الله

سائين کان پيا خير گهرو. الله نہ وساريو، وري بہ الله. هر وقت پنهنجي رب جي رمز پاڻ ۾ لڳل هجي. سعيو ڪجي، هر ڪنهن سعيو ڪيو آهي. مخمور ۾ مخمور نہ رهجي:

"بندا بيراڳي ڪر ڪا وطن ورڻ جي"
"وطن جن وساريو، حيف تنين کي هوءِ"

وات وندر جي توکي وڻ بہ ڏسيندا:

"تو منجهہ آهہ سو سر سارو، جنهنجا پنڌ پڇين ٿو"

تڏيءَ کوسيءَ پوتل هجي. ائين ڳپلن ڪانيندي سچ لهي ويندو.

هي هي عمر ائين وڃي ٿي. ڳپل ڪايون ڳپو،
بنان دوستيءَ دوست جي، آهي خان ڪپت ڪپو،
هرگر هادي همٿ توسان، تون چاڙهہ عشق چپو،
لا ڪي اِلا هڻ ڪهاڙو، غير ڪي هڪ لپو.

هڪ رب نہ وساريو پيو ڪيترو لکبو! جهڙي تهڙي حال سان بہ هلو، جو ضروري هلڻو پوندو. انهيءَ پنڌ ڏانهن گهگير نہ تجي. غافل غفلت ڇوڙ. مرد ٿي ميٺ من پنهنجي تون وهم دليلن وارو. ماٺهو دلين جو دلو آهي. هن دنيا جي جهان ۾ ڪئين داناءَ ديوانا ٿي ويا. هيءَ گرم بازار آهي، آيو تڪيئي ڪونہ ٿو:

"وڪر ڍيرئون ڍير، وهائو ويسلا"

مراقبي ۾ ويهجي تہ جيئن وجود وسري وڃي. الله جي نالي جو بج ڳرو آهي. بدن ملڪ آهي پلي لوڻءَ لوڻءَ ۾ سمائبو اچي:

"آهي عجائب اُهو پنڌ ڙي اديون"

خيال هلايو. خدائي ڀنڌ تي سعيو گهڻو ڪجي. سمهي الله الله ڪرڻ ڪان ويني جي ننڊ به ڀلي آهي. هيءَ ڀاڻيءَ جو ڀتلو آهي. جي ڀاڻيءَ ۾ تپي هٽندو ته نه اندريون آواز ٻڌندو ۽ نه ٻاهريون آواز ٻڌندو. رات جو ننڊ هڪ ڪجي. جيڪو رات جو هڪ ننڊ ڪري سو ڀلي ڏينهن جو به هڪ ننڊ ڪري. وڏيڪ نه! نه ته رات وارو نشو به لهي ويندس. پرصفا ننڊ به نه ڦٽائجي.

ڀاڻ سان پنهنجو رب دائم قائم سمجهڻ گهرجي جو اول آخر جو هادي رب آهي. اوهين به منهنجو اولاد آهيو. مائٽ جي چوائيءَ به وٺڻ گهرجي. رب رب ڪندا هلو جو هادي رب ڀاڻ ڏانهن بي اُميد ڪنهن ڪي به نه ڪيو آهي. اوهان به ساڻ يقين جي گهري وٺو. غوث، قلندر به انهيءَ نالي رب جي ڀئي نوازيا آهن:

"ستي ست سنيار ته لهيئي لوهه لطيف چوي"

صورت يانءِ ۾ شيخ ڪي، آهي معنيٰ مڙيوئي،

حق حقيقت جنهن ڪان، ٿئي ثابت سيوئي،

اڪيون اهيئي، پسندي پاڪ ٿيون.

"وحدت جن وجود، آهي ڪعبو ڪوڏيو تنجو"

محبت رب جي ۾ هر وقت گم هججي: "يي جڳ سارا جان سپنا"

اوهين خبردار پنهنجي رب سان رهو جو نيت خدا سان ڪم پوڻو آهي. محبت جو مرڻ ڀلو آهي، پر راهه جو مرڻ به عجب آهي. ماڻهو وينوئي رڳو مرڻ لاءِ آهي. اُها راهه جيڪا ورتي اُتوَ سا نه ڇڏيو. آخر اُها راهه وجي حضور ۾ ڇڏيندو. جنهن راهه ونرائي اُتوَ اُهو سونهون به نظر مان نه ڪيندا. غفلت رب جي ڀنڌ ڏانهن نه ڪريو جو ٽائيم پريي تي وجي. رمز ڀاڻ ۾ لڳل هجي. دوست دل

مان نہ وسري.

رب نگهبان هوندو. سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. دعائون سيني کي چئجانءِ.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (54)

محب الفقرا، دوست درويشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي واضح هجي تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير تا گهرون. خط اوهان جو پهتو نيڪ ساعت ۾ احوال معلوم ٿيو.

مطلب تہ خدا جو خوف وڏي عبادت آهي. پنهنجو موت ياد ڪرڻ بہ وڏي عبادت آهي. موت ياد ڪريو تہ رب ياد اچيوَ. هيءُ گرم بازار آهي، هرڪوئي هليو ٿو وڃي سو پنهنجو وڃڻ بہ ياد ڪجي. نيٺ هيءُ وڃڻ وارو آهي. اُها مهل بہ تيتر آهي جيتر حياتي آهي. ڪنهن سنڀاريو ڪنهن نہ سنڀاريو. جيڪو پنهنجو موت وساري ٿو تہ انهي ڪان بي خوفائيءَ ۾ رب بہ وسري ويندو آهي. جيڪو وساري ٿو سو پاڻ وسري ٿو. حياتيءَ جو ٽائيم پريو ٿو وڃي.

ڪريو يادگيرو موت جو، وڏي عبادت آھ،

جنين موت وساريو، واءِ تنين لاءِ واءِ.

"جنين همت ڪئي تن حق ڏٺو، پيا نست نادانان"

انسان جي متان جوابداري گهڻي آهي. لکپڙھ اچي وئي آهي تہ مرڻ کان اڳي مري اچ.پوءِ جيڪي آبروءَ وارا هئا سي پنڌ پيا. موت جو يادگيرو ڪبو تڏهن مرڻ کان اڳي مربو. جنهن کان موت وسريل هوندو اُهو مري ويندو. ساري جهان ۾ مڙس ۽ زال بہ ڪڏهن

گڏ نہ هوندا. تنهن ۾ جي مرڻو اٿيئي تہ اڄ مر نہ تہ سيان سيڪا مرندي. مرڻ کان اڳي ڪيئن مرجي؟ مرشد ۾ فنا ڪائي وڃجي ۽ ڪافر ٿي پئجي. مرشد ۾ فنا ڪائي ان کي ڪافر چئبو آهي.

طالب پهرين عاشق آهي ۽ مرشد معشوق. طالب ٻڪرا معشوق ڪاسائي، جڏهن ساري چال سڌاري تو تڏهن وٺي تو اچي. جڏهن وٺي آيو تہ پوءِ مرشد عاشق آهيس. پهرين سخا طالب جي آهي، پوءِ مطلوب جي سخا اهڙي آهيس جو ٻئي جهان ناهي ڇڏيس. مرشد صورت معنيٰ الله.

مرشد ميڏا ڪعبہ قبلہ مرشد هي نور حقيقي،

مرشد هي اسرار الاهي، مرشد هي سر سبحاني،

مرشد دا منهن ماهہ منورّ مرشد هي شمع نوراني.

مرشد ڪامل، طالب هجي سچو ۽ هجي چوائيءَ ۾، انهيءَ تي ڦري وري مرشد عاشق ٿي تو پوي. ڪنهن طالب ۾ مرشد اُميد رکندو آهي تہ هيءُ هلڻ جهڙو آهي، انهيءَ کي ڪٽي بہ ميل مرشد جو ٿو، جو هن کان نٿو وسري. عشق جي منظوري بہ مرشد وٺندو آهي ۽ فتوا بہ اول مرشد ڏيندس. جيڪڏهن عشق گهرين تہ حرام ڪاءُ، جڏهن حرام ڪائيندين تہ حلال کي پهچندين. سوري ۽ سڪڻ ٻئي اڪر هڪڙو آهن.

هوءِ وهاري واٽن تي، هو روئاري ضـــروري،

ٻـنهي جي پوري، جيءُ ڏنـي ريءَ نـہ رهي.

مٿي ير بہ هل. پر جي مٿي ير نہ هلي سگهين تہ پاسي ير بہ هل. ٻيو جهان ۾ اهڙي صلاح ڪونہ ڏيندوَ. مطلب تہ عشق آهي محبت رب جي. عشق ۾ فراق آهي. عشق ۾ گوندر آهن. عشق جي پنيان

گلا آهي. اڏنو هيءَ وبساهه آهي. ڪٽڻ هارائڻ جي جاءِ اُها آهي. وري نه اهڙو وارو ايندس. اُها دل مرڻ جي ناهي، جيڪا عشق جاڳائي. جنهن دل ۾ هَي هَي نه آهي اُها دل آباد نه آهي. عشق آتشبازي آهي، پتنگن جو پنڌ آهي:

"عاشقن تي اندوهه، سدائين معشوقن جو"

جي هجين عاشق، ته مينهن محبت جو وساءِ،

جي رکين سانگو تون سرجو، ته پير هن پڙ ۾ نه پاءِ.

اُها راهه جيڪا ورتي اٿوَ سا اُهائي راهه وجي عشق جي بازار ۾ وجهنديوَ.

ساڻي جن الله وار نه ونگو تن جو. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندوَ. دعائون سيني کي چوندا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (55)

محب الفقرا، دوست دوريشان، صادق اليقين.

بعد دعائــن جــي لکجي ٿو ته هت سڀ خير آهي، اوهان جو به خير ٿا گهرون. خط اوهان جو نيڪ ساعت ۾ مليو، احوال معلوم ٿيو.

مطلب ته يادگيري رب جي ڪان فراموش نه ٿيو. پنهنجي مالڪ سائينءَ کي پاڻ سان دائم قائم سمجهو. رب جو يادگيرو سڀ ڪنهن جي مٿان فرض آهي. رب ڪريم جو يادگيرو نه وساريو. يادگيرو آهي ته ماڻهو جڻ ميلي ۾ آهي. دل جيئري به يادگيرو رکندو آهي. هونئن به يادگيرو هميشه چڱو آهي. ياد وارو ياد ۾ آهي. مالڪ جي يادگيري ۾ مرڻ به عجب آهي. ماڻهوءَ وجي ته هونئن ني ٿو، رب رب

کندو هلي:

"ڪيچي ڪهندا ويا، چوندا ويا تہ وڻجو واڻ وندر جي"

اُهو چٽتو بينوئي بينو هجي. سالڪ سالڪ آهي ۽ بيخبر بيخبر آهي، بيخبر انهيءَ ڪي چئبو آهي جيڪو رب ڏانهن بيخبرو آهي. جنهن ڪي رب پنهنجو ڪندو آهي انهيءَ ڪي يادگيرائي پنهنجا پيو ڏيندو آهي. جاڻ تہ الله سائينءَ هن ڪي پنهنجو ڪيو آهي.

ڏينهن جو حلال وجهہ جو ڪم ڪجي. اڌ رات ڪان پوءِ رب گهرجي. هول حسيني متي ۽ وجهي لڙائي ڪجي. پنڌ ڏانهن سست نہ ٿجي. رب ڪريم جي پنڌ ۾ ڪوبہ اعتراض نٿو جڳائي. اُهي سڀ اعتراض ڇڏي اُتي پنڌ ڪريو. رب ڪريم جي پنڌ ڪان بس ڪرڻ جي باس ئي نہ باسيو. پنڌ بہ وڌايو ۽ اعتقاد بہ وڌايو پنهنجي رب ڏانهن. هر حال ۾ وڪ وڌايو. مطلب تہ اُهو پنڌ اهڙو آهي. ڦهربُون ڏک آهن، پوءِ باغ بهاري، پر الله ڏي بہ وڃجي جو اُهو وڃڻ سهڻو آهہ.

آءٌ تہ پنهنجي پرينءَ ڏي، پيـرين پنڌ ڪندياس،
پيـرين پنڌ ڇـڏيو، تہ هٿن پـر هلندياس،
هٿن بہ هلڻ ڇـڏيو، تہ چـشـمن پـر چلندياس،
چـشـمن چلڻ ڇـڏيو، تہ سـر پـر سـر ڪندياس،
سـر بہ سـرڪڻ ڇـڏيو، تہ وڃي پٽ پـونديـاس،
مـرون مـاهہ ڪـائيندياس، تہ بہ هڏ هلندا هوت ڏي.

دل سهڻي رکو پنهنجي رب ڏانهن، ڪا ڪا دل سهڻي ٿي ٿئي. جا دل رب قبول ٿي ڪري سا سهڻي آهي. نالي رب جي سان سڀ سونهين ٿو. سهڻيون دليون، ڪئين دليون سهڻيون ٿيون ڪن.

سهڻي شڪل وڏي زماني جي ماڻهن ڪي، دل سهڻي وڏي رب ڪي، دل ڪي جيڏرو بہ سندس يادگيرو رکندو آهي. جنهن دل ۾ الله آهي تہ اُها دل تازي آهي. اوهان ساپيان پنهنجي دل الله سان ٻڌو. جا دل الله سان ٻڌل آهي. انهيءَ کي ڀيو ڪير ٻڌي! دل بہ چورجي رب جي طرف، باقي هن زماني ۾ ماڻهو ڪيترا هٿ هڻندؤ!

”دل درياهہ، من ڀيڙا محبت والا ٿي مردان ترينئي“

جيسين ڳالهہ دل سان نہ لڳندي تيسين هٿ واري نہ وسرندي. جڏهن دل سان لڳي آئي تہ پوءِ هٿ واري پاڻيهي وسرندي:

”سي ڪيئن اجهامن مچ، جن جا سنياليندڙ سپرين“

جا دل مرشد جي چوائيءَ ۾ آهي، اُها دل فيض ٿي لهي، مرشد جي چوائيءَ ۾ رهجي. مرشد واڻ سنئين وٺائيندو آهي ۽ هدايت نصيحت ڪندو ايندو. مرشد تي بار بہ انهن جو آهي. جيڪي چوائيءَ ۾ رهندا.

موتي جن جي منهن ۾، لعلون لهندا ويا،
چوندا ويا تہ ونجو واڻ وندر جي.

الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي، ساڻي جن الله وار نہ ونگو تن جو. دعائون سڄيءَ سنگت کي چوندا. زياد خير الدعا.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (56)

محب الفقرا، دوست دوريشان، صادق اليقين.

بعد دعائن جي واضح هجي تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير تا گهرون. خط اوهان جو پهتو نيڪ ساعت ۾ احوال

معلوم ٿيو. مطلب تہ اوهين پنهنجو رب ياد ڪريو. فراموشي سڀ ننڊ آهي.

دم دم ڌمال دم ڪي، ڪرني نہ فراموش،
موسيٰ بہ ڪوہ کھتا، رب ارني نہ فراموش.

هيءَ حياتيءَ جهڙي مهل وري هٿ اچڻي نہ آهي. اُها بہ وڃي ٿي وهامندي. گهڙوئي هٿ پير ڪي وهايو اُٿوَ. هاڻي دل کي وهايو. هو سوَ مٽڪا سمرٽي جا ڦيرين، تون هڪ مٽڪو دل جو ڦير نہ تہ اُتي آلسي سڏبين. رب رب ڪندا هلو:

"وڻجارا وڻج ڪري وٺ، پوءِ ويندءِ هٿ ڪٽي"

هٿين پيرين هرڪوئي هلي، عاشق ري پرين ڪن پرواز:

"دلق کي درياهہ ۾ اڇلن بهادر بي بها"

رات پنهنجي آهي، ڏينهن پرائو آهي.

راتيون جي جاڳن، آءُ سيئي ڪنديس سيڻ،
تنين سندا نيڻ، اوجاڳي اوجاريا.

جاڳوئي جاڳو، سمهو تان نہ سرتيون،
هلڻ جو هل پيو، سنيورو ساڳو،
سنگ پريندي سيڪا، لڪ متي لاڳو.

پنهنجو اصل بہ ياد ڪريو، نيٺ تہ خدا سان بہ ڪم پوڻو آهي. نہ وسري نہ وساريو. ڪم هاج ۾ پوتل هججي. بيخوفو بہ نہ رهجي. خدا جو خوف وڏي عبادت آهي. بيخوفي ڪان رب وسري ويندو آهي:

"جنين وساريو نام، تن پت وڃائي پنهنجي".

جا دل رب قبول نہ ڪري سا ودي ڪُتن کي ڏجي، من ڪُتن کاڌي کو ثواب ملي. وجي ٿي وهامندي. حياتيءَ جو ٽائيم پربو تو اچي. ريل اجان ڪانٽي مٿ ڪري ٿي، حياتي ايترو بہ نٿي بيهي. هن ٿوري جيڻ ڪري پنهنجي جان ڪٿي رب ڪريم کان پياري ڪئي اٿوَ:

"بندا بيراڳي ڪر ڪا وطن ورڻ جي، وطن جن وساريو حيف تنين کي هوءِ"

وطن کان ماٺهو بيوطن آهي، تانگهہ ئي وطن جي ڇڏي ڏني اٿس.

وطن ڪنون بيوطن ٿياسون، تت ڳئي تانگهہ وطن دي،

قسم حسن دي!

ديس ڪنون پرديس ٿياسون، ڪل پئيسون دشمن دي،

قسم حسن دي!

باغـــان دي وچ ٻوٽي ڪومـــائي، گل چـــمن دي،

قسم حسن دي!

هيءُ جهان باغ آهي. گل چمن اُها دل ملول ٿي آهي، چمن جي مٿان گل بيٺو آهي. زنبق جو. ڳالهہ رڳو پنهنجي آهي، انهيءَ صورت جي.

ساري عمر سانجھ جي ڪم لاءِ ٻجندا ٿا وتو. سانجھ جي ٻاهران ڦرڻ، اُها عادت ٻلن جي آهي. سياٽي ٻلا ٿي مرندوَ؟ ڦـٽل ملڪ جي پروسي تي وهڻ، اُها عادت چـٻرن جي آهي. پوءِ سياٽي چٻرا ٿي مرندوَ؟ هڪ باز بادشاهہ جي هٿ تان اڏاڻو. هڪ ڦُٽل ڪوٽ جي ڪنگرين تي اچي ويٺو. سج بہ اچي لٿو. ان ڪوٽ ۾ چـٻريون رهنديون هيون. انهن ويچار ڪيو تہ سياٽي ٽائين هيءُ اسان کي

ماربندو سو هلو تہ ڀڄي هلون؟ انهن مان هڪڙيءَ چيو تہ ٻيهو تہ ڀچونس تہ سهين، چبرين چيس تہ هيءَ ڪوٽ تون وٺ آيو آهين پوءِ اسين ڀڄي وڃون؟ باز چيو تہ مان اوهان کي ماربندس ڪونہ. اوهين ويٺيون هجو! مون کي قسمت جي رات هتي پيئي آهي سا ڪاٽي هليو ويندس. صبح ٿيو باز اڏامي ويو ۽ چبريون ويٺيون رهيون. قتل ڪوٽ جي پروسي ويهڻ اُها عادت چبرين جي آهي. جيڪي باز هئا سي قسمت جي رات گزاري اُڏامي ويا.

ننڊ نياڳيءَ نا ڇڏيو، ڪيائين اکئين آڪيرو،

هَي هَي هائي ڪيئن ڪريان، ويا سڄڻ سويرو،

جانب ريءَ جيڏيون، آهي دل دردن جو ديرو.

دعائون سيني کي چئجانءِ. دعا درويشان رحمر الاهي. سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندو.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (57)

محب الفقرا، دوست، درويشان صادق اليقين.

بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير تا گهرون. خط اوهان جو پهتو نيڪ ساعت ۾ احوال معلوم ٿيو.

سائي جن الله وار ونگو تن جو. اوهان پنهنجو الله سائينءَ ياد ڪريو. سندس يادگيرو ڪا چرچي بازي نہ آهي. جن کي خبر پيئي آهي. انهن دانهن ڪئي. ماٿهو زماني ۾ ريجهہ رکي ويهي رهيو آهي. الله سائينءَ جو نام ۽ موت ماٿهن وساري ڇڏيو آهي. چوطرف زماني جون دانهون لڳيون پيون آهن. اوهان جيڪي طالب مولىٰ پاڪ جا

آهيو، اُهي بہ ڪجھہ تہ پنڌ جي ڳالھہ ٻڌايو. رڳو اٽڪل زماني جي لڳي پيئي آهي! سرڪار رب جي بيپرواھہ آهي، نہ وساريو:

"هو دوست کھائي دادلا، تو محب مارائي،
خاص خليلن کي تو سختيون سهائي"

آخر هر ڪنهن کي انهيءَ مالڪ سان ڪم پوڻو آهي. ڪجھہ خدائي خوف رکو. بي پرواهي رڳو انهيءَ مالڪ کي جڳائيندڙ آهي. ماٺو جيڪڏهن مالڪ جي طرف کان بي پرواهي ڪري ٿو تہ اُها هر ڪنهن کي آئي خبر پوندي. سعيو ڪريو. هر گھڙي ماٺو درياھہ وانگر وهندو ٿو وڃي ٿو سو ڪجھہ پنهنجو وڃڻ بہ ياد ڪريو. بيخوفا مالڪ جي طرف اصل نہ رهو.

پيو تہ اُهو ڏاڍو چڱو جو جيڪي بہ ميلي تي اچي سگھو تہ يلي ڪري ايندا. ميلو شهنشاھہ جو آهي، جيڪي آيا سي اگھيا. پيرو نہ ميرو. اُهو سندن فرمان آهي: "زيارت مردان، ڪفايت گناھہ"

وڃ ميرانپور مڱڻا، جت ڏاتر ڏئي ٿو ڏات،
ڪان پڇن تا ذات، جيڪي آيا سي اگھيا.

ميرانپور جا مڱڻا، ڏسين جي ڏاتان،
توڙان طالبن جو، آهي صلح جو سينگان،
منجھان نور نبان، پڪڙجي پيدا ٿيو.

مرانپور جي مٽ مان، جن پيتو جام ذرو،
ڪڪر نہ پين ڪوڙ جو، پاڻيھي پين پرو،
اُهوئي آرو، جو نور نظاري آئيو.

ايـرندي تي ايـريو، ڪري گـيـڙو گل،
هادي هدايت جـو، ڪونهي سندن ملهـ،
صادق ڳـالهـ مَرسل، فضل شاهـ فقيـر جي.

يادگيري ڪان فراموش نہ ٿيڻ گهرجي. يادگيرو آهي تہ ماڻهو ميلي ۾ آهي. فـرامـوشي تہ روبرو بہ چڱي ناهي. دل جيئري بہ يادگيرو رکندو آهي. هونءَ بہ يادگيرو هميشه چڱو آهي. ياد وارو ياد ۾ آهي. مـالڪ جي يادگـيـري ۾ مـرڻ بہ عـجب آهي. رب ڪريم فراموشيءَ ڪان رکي ونندوَ ۽ پنهنجو ڪندوَ.

دعـائون سيني کي چوندا. الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (58)

محب الفقرا، دوست، درويشان صادق اليقين، محبوب القلب.

خط اوهان جو نيڪ ساعت ۾ مليو، احوال معلوم ڪيو ويو.

مطلب تہ ڪي جي ڳڻ ڳـالهيون مـارن جون، دل جون دل ۾ رهيون. مون کي اوهان جا يادگيرا گهڻا پوندا آهن، پر پوءِ الله سائينءَ جي اَمر ائين ڪيو آهي. وسريل نہ آهيو. اوهان نہ وساريو:

"هَي هَي جي نہ هوءِ تہ جيـڪـر جيءُ جلي وڃي"

جهڙي تهڙي حال سان بہ رب ڪريم جو نام نہ وسار:

"دم دم ڏمال دم ڪي، ڪرني نہ فراموش"

جيئڻ ٿورو آهي پنڌ گهڻو آهي، سو جيڪا راهہ ورتل اٿوَ، اُها راهہ نہ ڇڏيو.

راڻي وٽان رات، مون کي نشون نيا پو آئيو،
لڏيسين لطيف چوي، ڏاتر وٽان ڏات،
ڪانه پڇيائون ذات، جيڪي آيا سي اگهيا.

نه سڀ زال زال آهي، نه سڀ مرد مرد آهي:

”جنين همت ڪئي تن حق ڏنو پيا نست نادانان“

”فراموشي مکن اي يار جاني، اگر دورم مرا نزديک داني“

”ولوڙج وجود ۾ صيقل هڻ ساري“

هيءَ حياتيءَ جي عجب مهل اٿيئي:

”ڪت ڪتيندينءَ ڪيترو، وڃي ڪر سوداگر يار“

”وڻجارا وڃ ڪري وٽ، پوءِ ويندءِ هٿ ڪٽي“

”وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نه ٿئي“

هن حياتيءَ جي خزاني منجهان وهاءِ.

راتيون جي جاڳن، آءُ سيئي ڪنديس سيڻ،
تنين سندا نيڻ، اوجاڳي اوجاريا.

ٻين سان ربس نه ڪريو، جو وقت تنگ آهي. وسيلا ياد ڪجن. پاڻ هامي آهن سڀني دلين سان. الله ۽ مرشد اوهان سان گڏيل آهن. اوهان جو ڪهڙو ڪم آهي عام سان؟ نڪو عام سان آيو آهي نڪو عام سان ويندو. جيئن سڄي جهان ۾ هيڪلو آيو آهي تيئن ويندو به هيڪلو. اُهو مالڪ ويجهو آهي، ٻڌي پيو، ڏسي پيو. عام اُهي ڳالهيون نه پروڙيون آهن:

”ستر سي سڪن، جن کي ويڙهيچا وجود ۾“

تي محروس گهن مرشد، پوڻي قلب ڪماوين،

ڏي ول باھ برھ دي بوتي نون، جو شان وچ جلاوين،
ين ڪوٺاري، تي ڪيمياگر، پچي پيتا هٿ هلاوين.
طالب نون مطلوب نہ ملندا، جان جان سيس نہ ڪپي،
مر پوي پير مغان دي اڳون، هرگز مول نہ هپي،
چا ماري نفس نياڳي نون، نال نفي دي نپي،
بن مرشد راز نہ ملدا، توڙي طالب ڪاوي ڪڙ تپي.

جيترو مون کي ياد آهين اوترو تون ياد ڪرين تہ جيڪر قلب کلي پوئي:

"اپني توڙ نباھ اسکي اوُجاني"

هتان جملہ سنگت جون، جملہ سنگت کي دعائون چوندا.
سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

خط (59)

محب الفقرا، دوست، درويشان صادق اليقين.
بعد دعائن جي لکجي ٿو تہ هت سڀ خير آهي، اوهان جو بہ خير تا گهرون.

مطلب تہ بُوعلي قلندر سائين ٿو چوي:

گر تو مرد شوي، اندر اين ميدان بيا،
ورنہ چون مخنث، دھ دھ دھ.

چي: جي تون مرد هجين، اندر هن ميدان اچ،
جي نہ، وانگي ڪدڙن، پيو تاڙيون وڄاءِ.

شيخ عطار ٿو چوي:

وقت طاعت تيز رو، چون باد باش،
وَزهم ڪار جهان، آزاد باش.

چي: وقت بندگي تکو وڃ، وانگي هوا ٿيءُ،
۽ جهان جي ڪمن ڪان ب، آزاد ٿيءُ.

وري چوي ٿو:

گر مشاهده خواهي، در مجاهده زن،

ڪسي نہ بهار ديدست، بيخزان اينجا.

چي: جي ديدار ٿو گهرين، در ڏکن جو ڪڙڪاءِ،

ڪنهن بہ بهار نہ ڏٺي آهي، خزان ڪان سواءِ هتي.

هر شيءِ تعليم ٿي گهري. سعيو ڪرڻ وڏو فرض آهي. انسانيت جو بہ هڪ درخت آهي. ڪُلهن ڪان مٿي جيڪو سر آهي سو پيوند ڪري مرشد جي صورت رک. پنهنجو سر نہ سمجھ. ائين ڄاڻ تہ ڪُلهن ڪان مٿي جيڪو سر مبارڪ آهي سو مرشد جو آهي. مراقبي ۾ ويهجي تہ پاڻ وچ ۾ نہ آڻجي. ائين ڄاڻجي تہ مرشد وينو آهي. اک پٽڻي بہ صورت مرشد جي سمجھ. هڪ ٿيءُ تہ پوءِ پيائيءَ جي ملڪ مان نڪرندين. ويني ڪان پوءِ وجود وسريل هجي ۽ محويت ۾ هججي.

رب جي نالي جو ٻج ڳرو آهي، سو يلي ڪري لونءِ لونءِ ۾ سمائبو اچي. جيئڻ ٿورو آهي، پنڌ گهڻو آهي. مرد ٿيءُ تہ پوءِ معرفت جي ميدان ۾ اچين.

معرفت ۾ ماٺو اچي، ٿانهجي ٿانءِ پيو،

لٿي ڪڙهہ قلوب تان، وڏي سڏ ويو.

معرفت ماٺو اکر هڪڙو آهي. رب جي نالي کي ائين وٺي

وڃجي جو وري پاڻ نہ ڇڏي سگهجي.اک جي محبت سر سان هجي. هيئنر ماڻهو واندو آهي، وري هيڙي مهل نہ لهي سگهبي. هاڻي ٻيو سڀ ڇڏي وٺي رب ياد ڪر.

دادو دعـويٰ دور ڪر، ٻن دعـويٰ دن ڪٽ،

چندين سوداگر چل گئي، اين پساري دي هٽ،

پُولا ڪسي نہ توليـا، جس توليـا تس گـهٽ.

مرد ٿي رب جي ڪي وٺ تہ اڳيان مردن جي جماعت ۾ ڳڻجين. سواءِ رب جي ساري عمر برباد ٿي وڃي.

مــــردان دا ڪـم مــــردان،

جـــو جــــدا رب ڪنون رهـندي،

تنهيندا ڪالا مُنهن ڪرندا.

هتان تہ اچي وقت پريو آهي. شل اڳيان هلي ڪو مردن جي جماعت ۾ پشيمان نہ ٿئي. جي ڪنڻ ڏاڻ، نہ اچي تہ رنديا روڙجن، تہ ٻہ تارا نہ چنجي. ڇڇي تہ وري ڳنڍجي. وسري وري ياد ڪجي.

يار ڪنون دم ڏار تـيـوڻ، بي درد وندان دي ڪار نهين،

ٻانجهـون ويکڻ يار سجڻ دي، دل ڪون قـوت قرار نهين،

شهرت تي بدنامي ڪنون، ول عاشق نون ڪوئي عار نهين،

حمل ڪون هردو جهان وچ، دوست ٻنان در ڪار نهين.

"ڪت ڪتينديں، ڪيترو، وڃي ڪر سـوداگـر يار"

سوداگر چوندا آهن رهنما کي. رهنما مرشد کي چوندا آهن جيڪو دل وندڙ آهي.

اڪ ڏاڙي مرشد آکيا، ڇوڙ خلق دي ياري،
اڪ نانُ اسانڏا ياد رکين، پيا ڏونهين جهان وسارين،
دنيا دي وچ جو دم جيوين، نال توحيد گذارين،
ٻاجهون عشق الله دي سچو، ٻي سڀ ڪوڙين ڪارين.

تون هيڪر هيڏانهن اچ ته ويهي ڪجهه صحبت ڪريون. اُتي سيني جو وڏيرو تي ويهي رهيو آهين. بي پرواهيءَ رڳو رب کي ئي جڳائي.

مون کي آيو يار سنيهڙو، اڏر پکينڙا پار پرين جي،
قاصد قدمن تان قرباني، گهوري گهريان جيءَ توتان جاني،
هل ته پسون پنهنجو ڏيهڙو.

الله سائينءَ جي اَمن اَمان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي. دعائون سڀيءَ سنگت کي چوندا.

دعاگو: نقير محمد فقير صوفي القادري

خط (60)

محب الفقرا، دوست، درويشان صادق اليقين.

بعد دعائن جي ته هت سڀ خير آهي، اوهان جو به خير تا گهرون.

مطلب ته هيءَ هڪڙي ساعتڙي آهي سو رب رب ڪندا هلو. دم سان پريت هجي ۽ سونهون نظر مان نه ڪڍجي. دم تي ڪاهه ڪريو ۽ دم خالي نه ڇڏيو. ماڻ خالي نه پرجن. آدم به تڏهن آهي جڏهن دم سان آهي. جي دم سان ناهي ته آدم ناهي ڪا ٻي صورت آهي. سڀ کو تعريف دم جي ڪندو ويو آهي. دم زنده هجي ۽ دل

۾ دوست پڇانجي. جي ماڻڪ موتيءَ جو پورهيو لڳي ته پيا پورهيا
ڇڏي ڏجن. رات سمنڊ آهي جنهن ۾ ونجهه کونه ٿو لڳي. موتين جو
پورهيو به انهيءَ سمنڊ ۾ آهي. جيڪو ساهي منجهائيندو انهيءَ رات
۾، اُهو موتين جو پورهيو ڪندو، موتي معرفت جا. هيڏي سچ لهي
هوڏي ايري انهيءَ وچ ۾ هڪ دم به خالي نه وڃي.

"مفتي منجهه وهاءِ، ته لهيئي ڪاڻ قاضيءَ جي"

اصل پڇاڻوني لهي وڃي! دم آهي پڪي ننڊڙو، نه پير،
ڇهنب، نه پر، ڪائي موتي.

چڙهه تپي تي ويکيا تماشا، اي من حيرت وچ آگيا،
ڪراڙي پيڙ بگهڙ نون پڪڙيا، اڪ چڙا سمنڊ سڪا گيا.

دم جي ڏمال لڳي پيئي ٿي. حياتيءَ جي چڙهائي جيڪا
ڪالهه هئي سا رات نه هئي. جيڪا رات هئي سا هينئر ناهي. رات
وڃي نند ۾، ڏينهن وڃي بڪندي. فڪر رکجي جو حياتي وبندي رهي
ٿي. روزگاريءَ جو دليل نه ڪجي جو رازق رب ڪريم آهي. سندس
دائم ديگ چڙهيل آهي. هر شيءِ کي پهچائيندڙ آهي. هر شيءِ جو
مالڪ الملڪ آهي، باقي سڀ بهانو آهي. جڏهن ماڻهو سمجهي به
ٿو پوءِ وري هٺ ٿو ڪري. چڻ خطا ٿو ڪري. هر حال ۾ به رب نه
وساربو. ٿڌيءَ ڪوسيءَ پوتل هججي. من اُن پهرن ۾ ڪو دم هٿ
اچي! جيڪو پنهنجي رب ڏانهن فراموش آهي، اُهو دنيادار آهي.
عبادت به اُها جيڪا خالص پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪجي.
هڪڙا ماڻهن کي ڏيکاري عبادت ڪندا آهن. رب ان جو اُجورو به ڏئي
ٿو، پر موالين کي. سو رب ياد ڪريو، پر دل سان. ماڻهو دل ڏيئي
ڇڏي پنهنجي رب ڪريم کي. بندگي به نياز آهي. بندگي بنان نياز
جي، بيفائدي آهي.

متا بولڻ، نِو چلڻ، هٿون پي ڪجهه ڏي،
رام رحيم اس دي جهولي، سي ڪيون جهنگل ڍونڍي.

الله سائينءَ وٽ جي وڃجي ته اُها شيءِ وٺس ڪٺي وڃجي جا

وٽس نہ هجي! نياز، ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ بي نياز آهي. رب لاشريڪ جنهن جو شريڪ نڪو ثاني، نہ حجت جي جاءِ نہ ڏوراپي جي جاءِ، باقي سندس لطف ۾ هر وقت اميدوار رهجي.

الله سائين ڪائي ڇا ٿو؟ خودي، خلق خراب ڪهڙيءَ عادت ڪئي آهي؟ ٻچو خوديءَ خلق خراب ڪئي آهي. خاصا ڪائڻ، خاصن هنڌن تي سمهڻ، خاصا لٽا ڪرڻ انهن ڳالهين هن کي خراب ڪيو آهي. خودي لٽي ۾، کاڌي ۾ ۽ جتيءَ ۾ بہ آهي ۽ پائڻ خراب ٿو ڪري.

پائڻ پيتو پاڻ، لڳي ڇٽنگ ڇٽ ٿئي،
جنين پانيو پاڻ، ڪيائون توائي تنين کي.

سو لٽو ڪجي ٿلهو. سنهو لٽو نہ ڪجي. جيڪو پاڻ کي نيڪ سمجهي پاڻ کي نيڪن سان ڳڏيندو تہ مان نيڪ آهيان تہ اهڙو بيجڙو ٻنهي جهانن ۾ ڪونهي:

"اگر خود را بہ نيکان شمردي، بدي"

انسان ۾ يا خودي هوندي يا خدا هوندو. هيءَ احديت جو مياڻ آهي:

"ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾"

رب ٿو چوي تہ مون جنهن مطلب تي توکي بيهاريو آهي اُهو مطلب تو ڇڏي ڏنو آهي. جنهن مطلب تي مون حيوانن کي بيهاريو آهي. حيوان اُنين انهيءَ مطلب تي بيٺا آهن، تون حيوانن کان بہ پري آهين. مطلب وحدت کي ۽ وحدت هيڪڙائيءَ کي چوندا آهن. ماڻهو ٻچو سيني وصفن سان آهي.

زياده خير الدعا. سائي جن الله وار نہ ونگو تن جو. رب مهربان هوندوَ. دعا درويشان رحم الاهي.

دعاگو: نصير محمد فقير صوفي القادري

❀ ❀ ❀

پاڳو ٽيون

فقير صاحبن جي ٽيپ ٽيل رهاڻ

رهاڻ

فراموشي سڀ ننڍ آهي، جا دل فراموش آهي پنهنجي رب ڏانهن، اُها ڪچهريءَ ۾ اڪ پٽيي ٻه ننڍ آهي، جڻ جيڪو وساري ٿو، سو وسري ٿو، جيڪي ڪري ٿو سو هر ڪوئي پاڻ سان ٿو ڪري. توڙي چڱي ڪنهن سان ڪري ته ٻه پاڻ سان ٿو ڪري، جي مدد ڪنهن سان ٿو ڪري ته ٻه پاڻ سان ٿو ڪري. جيڪي ٻئي سان ٿو ڪري. اُها سڀ پاڻ سان ٿو ڪري. پنهنجا ڪيل ڪم سڀ سڃاڻندو هلي. هڪڙا ته پنهنجا اعمال ڏسي پيا خوش ٿيندا. هڪڙا ته پنهنجا اعمال ڏسي اُتي پيا ڏچندا ته الائي ڇا ٿيندو؟ مري ته هر ڪوئي ٿو وڃي پر مئي کان پوءِ گنهگار تي عذاب ٻيهي ٿو. تڏهن ٿو چئجي ته خدا جو خوف وڏي عبادت آهي. اڄ بيخوفي ملڪ ۾ اهڙي آهي جو ماڻهو ماڻهوءَ کان ٿا ڏڄن. ڏسو ڪونه ٿا؟ الله کان ڪو ورلو ٿو ڏڄي. نه ته ماڻهو ماڻهوءَ کان ٿا ڏڄن، اڳي اهين ڪونه هو. اڳي اُهو علم ئي ڪونه هو. نڪو سنڌي، نڪو اڙدو، نڪا انگريزي، فارسي هوندي هئي ڪن خاندانن ۾. پيا واڻڪا اکر هوندا هئا. لکپڙهه ڪانه ڪندا هئا، رڳو ڳالهه ڪري ڇڏيندا هئا. توڙي سڱابندين جون ڳالهيون، توڙي ڏيڻ وٺڻ جون، جيڪا ڳالهه ڪري ويا پوءِ بس، اُها پاڙيندا هئا. هينئر ته لکپڙهون ڪري ٻه ڦريو ٿا وڃن. ساڳا واڳا ماڻهو ئي ڦريو ٿا وڃن. ڪلام الله شريف ۾ رب ڪريم ٿو چوي ته ڪو ڪنهن سان اقرار ڪري ٿو زبان جو، قلب جي توفيق سان، پوءِ وري اُها زبان لڪائي ٻي زبان ٿو ڳالهائي، رب ٿو چوي ته ڪافر آهي!

جيڪو الله سائينءَ کان ڏڄندو، اُهو ماڻهن کان نه ڏڄندو.

جيڪو وري ماڻهن کان ڊڄندو اُهو الله کان نہ ڊڄندو. اِئين ٿيندو آهي.

هيءُ جهان گپ آهي. هن ۾ ترڪٽبازي آهي ڏاڍي. هن ظاهر جي گپ ۾ پير ترڪن، زبان ترڪي، اک ترڪي، هٿ ترڪن، اُهو ڏک آهي ڳاتي پر جو. جيئن پل صراط جو ڏک هجي. هي پل صراط تان ٿو وڃي پيو. هتئون ڏکن کان بچي هلي تہ اڳيان ڏکئي ڪونهيس ڪو. جيڪو هتئون نهي جڙي هلي پوءِ انهيءَ کي الله سائينءَ وسوئي ڪونہ ڏنو آهي. رب چوي ٿو تہ مان توکي ويجهو آهيان. هيءُ چوي ٿو تہ تون ويجهو آهين، پر مان پنهنجي جدائيءَ جون دانهان ٿو ڪريان. پيو تونَ ويجهو آهين. ويهي رب ياد ڪريو، نہ تہ پوءِ ياد ڪندوَ. هيءُ مهل چڱي آهي حياتيءَ جي. انهيءَ حياتيءَ تي سپاڻ تائين بہ پروسو ڪونهي. ماڻهو بينو آهي تہ بہ وڃي پيو ٿو. جي سُتل آهي تہ بہ وڃي پيو ٿو. جيئن ڪراچيءَ جهڙي بازار ۾ ماڻهو گهڙي هلندڙ ٿئي، نيٺ وڃي نيڪال ٿيندو. هيءُ بہ زماني جي بازار ۾ هلندڙ آهي. نيٺ نيڪال ٿيندو. جا دل فراموش آهي جڻ اجان اڪئي نہ پتي اٿس. نادان آهي ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهي. رڳو پنهنجي وصفن ۽ عادتن ۾ ٻڌو وبنو آهي. ڇرڪ ڪونهيس، بيخوفائي آهي. اک بہ سيئي ٻنڌڻ ڇني وجهي، پر ڇرڪ ڪونهي، ڇرڪ هجيس تہ سيئي ٻنڌڻ ڇني وجهي. پري کان ئي هڪل ٿيندس تہ زبردار! هاڻي گهمي اهڙي جهان ۾ آيو آهين جو تولاءِ ايتري زمين ناهي جو اُتي پير رکين، پوءِ اک پٽيندو پر پوءِ انهيءَ کي ڇا ڪبو؟ هيءُ هڪڙي مهل آهي سڀ وقت هتان پيا ٿا وڃن:

"اپني آپ نون سمجهاءِ، ٻنهان دي نال تيڏا ڪيا"

داهون ڪريو پيو دان گهرين، ڳجهو نتو ڳالهين،

ٻوڙا ٻوڙو پاڻ جيئن، تو ڏاتار کي پائين،

سڏ کيو تو سڻائين، هُت ستر معلوم آهي سيڪي.

هُت ستر بہ معلوم آهي. هيءُ اچڻ وڃڻ بہ معلوم آهي. ڪچهريءَ ۾ ڪو ڳالهاءُ اهڙو آهي جو ڳالهہ ڪندي ماڻهو ڪافر ٿي ٿو وڃي. وري ڪا ڳالهہ اهڙي آهي جو ڳالهہ ڪندي رب پيو راضي

ٽيندو. اُها بہ ڳالهہ، هوءَ بہ ڳالهہ. هيءَ جهان اهڙو آهي، ڪنهن سنياربو ڪنهن نہ سنياربو. چي ياد ڪر، نہ تہ پوءِ ياد ڪندين.

اڄو تہ ٽيو آهين، پر اندر اڄوئي نہ ڪرين،

اڳين عادتن ڪان، لِڪ نتو لاهين،

انهيءَ دغا جا دانهين، ٽيندءِ لڪ لطيف چئي.

پوءِ ڇا ڪجي؟ چي ماٺ ڪجي!

ماٺ ڪر مَ چو، ڪوجهو ڪنهن مَ ڪهہ،

منديون سنديون ڳالهڙيون، تون سيني جون سهہ،

تہ تنهنجو گپ مان گڏهہ، پوري سوڌو ٻاهر ٿئي.

پر اينترو بہ ڪو سهي نہ! بارگير ٿئي. اُهو سهندو جيڪو بارگير ٿيندو. پر وهڻ ئي بارگير پيو وٺندو. بارگير پلو آهي. پوءِ کهڙي صلاح آهي؟ ويکيا درشن، اُتريا پاپ، سبحان الله!

ساري رات نہ سمهجي. ساري رات جو پلا سوڙ ۾ پيو هوندو تہ انهيءَ کي لڌ چوندا آهن. اُهو چڻ لڏين جي جماعت مان اُٿندو. ساري رات نہ سمهجي. پوئين رات اُٿجي. آهي تہ اڌ رات ڪان پوءِ مڪيار. ڇو جو اڌ رات ڪان پوءِ رات ڳالهائي ٿي. رات هلندڙ آهي، هلندڙ شيءِ سڀ جيئري آهي. اڌ رات ڪان پوءِ رات ڳالهائي ٿي، پر ننڊ وارن سان. جيڪو ويٺو هوندو انهيءَ کي نہ چوندي. ڇا ٿي چوي؟ چوي ٿي حيف هجنئي! مون وهاملدي ٿي وڃان. تون ننڊان ٿو ڪرين!

"ننڊ نياڳي گهور، ساڙي ويهہ سمهڻ کي"

ننڊ نياڳ اڪر هڪڙو آهي. فراموشي سڀ ننڊ آهي. فراموشي نہ ڪجي. اڌ رات ڪان پوءِ اُٿجي. جي اڌ رات نہ اُٿين تہ ڏيڍ پهر رات جو اُٿ. پوءِ جيئن نہ ڪاوڙ مان چئجي. نہ تہ بہ اڌ پهر تہ اُٿ! انهيءَ انسان جي صورت کي ٿو چوي.

انسان جي تعريف ڪلام الله شريف ۾ آهي. جنهن جو هادي رب ٿو ٿئي. انسانيت ۾ انهيءَ کي ٿو آڻي. پر گهري ونو. ڏسو تہ کهڙي بازار ڪلي بيني آهي! جا شيءِ گهرو تا، مليوَ ٿي. زال گهرو،

جي رب گهرو تہ پنهنجي رحم ڏانهن بي اُميد ڪنهن کي نہ ڪيائين. ننڍو ٻار انگل ڪندو تہ مائٽ وسيلو آهيس. ان سان ڳالهہ ڪندو، هيءَ جا ٻي مخلوق جيڪا بہ آهي، هيوان وغيره سي پنهنجي رب کان گهرندا آهن، جيئن ننڍا ٻار گهرندا آهن، جا شيءِ گهرو سا ملي ٿي پيئي. پر ههڙو وقت حياتيءَ جو ملي نہ سگهندو. هيءَ لک اهڙو آهي، جو ڪئين داناءُ ديوانا ڪري ڇڏي، هيءَ بہ لک آهي هڪڙو، اجان بہ لک لنگهڻا آهن. چي!

"لڪن جا لوڏا، شل ثاب پونئي سسئي
ڪاف ڪرم دي هڪ رتي پلي،
تولا عقل دا ڪم نهين آوندا هي،
حضرت سليمان تي حضرت يوسف پنهان فخر ڪيتا،
تنهان نال رب صاحب ڪيا واقعا پاوندا هي،
جو حضرت سليمان باٺاري دا ٻالڻ والي،
تي حضرت يوسف وچ بازار وڪاندا هي،
اي ويڪو لا بالي ميڏي رب صاحب دي، ميان علي حيدرا،
جو رب صاحب چڙيان دي هٿون باز ماراوندا هي.

رب جي بي پرواهين کان ڪامل بہ ڪنبندا ويا. پوءِ پلن ۾ آهي مومل جي منزل جو. ماڻهو لٿو ڪيڙو ڪري ٿو پر جهڙو سهڻو هدايت سان ٿو نهي. تهڙو لٿي ڪيري سان نٿو نهي:

"وڪر ڍيرئون ڍير، پر وهائو ويسلا"

اڄ انهيءَ طرف جو خريدار ڪٿي آهي؟ ڪٿي ڪٿي ٿمڪي ٿي باهيڙي.

بر بيابان انهيءَ ملڪ کي چنبو آهي، جتي ڪو ڪنهن جو ساٿي ڪونهي. اُهو ملڪ بہ اُهو آهي، پر فڪر ڪونهيس جو معنيٰ ۾ اچي. ٻيو وري بر بيابان انهيءَ ملڪ کي چنبو آهي جو آيو ٽڪيئي ڪونہ، هر ڪو هليو وڃي. اُهو بہ انهيءَ ملڪ کي بيابان ٿا چون. جڻ

ماڻهو وڃڻ وارو آهي. هڪ گهر ڇڏي ٻئي گهر مهمان آيو آهي. پوءِ مهمان ڪيترو ترڪندو!:

"ڪت گهٽو گهر تورو ٻاهر ٻانهن نہ لوڏ"

"ڪتڻ ٻاجهئون ڪيئن، اڳيان هلي ڪاڏهون ڪنديءَ ڪپڙا"

وري ٻئي هنڌ ٿو چوي تہ:

"ڪت تورو ڪنب گهٽو"

پر

"ڪيتو ڪتينديءَ ڪيترو، تون وڃي ڪر سوداگر يار"

پر هيڏي مهل حياتيءَ جي وري ڏسي سگهبي ڇا؟ هيءَ هڪڙي مهل آهي، پر ڪو سنياري، بادشاهن ڪي دل سان لڳي آئي بادشاهيون ڇڏي ويون. بُوعلي قلندر تاتار ولايت جو بادشاهہ ءِ اسان جي پرسان ڏهہ ڪوهہ هتان ادهم سلطان بخاري جو بادشاهہ، بادشاهن ڪي دل سان لڳي آئي، لنگ لڳي ويو، بادشاهيون ڇڏي ويون. پيرن ڪي دل سان لڳي آئي، تنبو طولان ڇڏي ويا، بنديون سيرانديءَ ڪري سمهيا.

سنجهي سمهين، صبح سمهين، توکي سمهڻ آيو ساءُ،
ايت اوڏيائي نہ اچين، توکي مت نہ آچي ماءُ،
اي يوري ماءُ، ڪاهنئين سين لاءِ.

چوي ٿو تہ ڪا ڳالهہ دل سان لاءِ، رب ٿو چوي تہ تنهنجي سيني ڪمن جي جوابداري مونتي آهي، ظاهري توڙي باطن، تون هونئن اچي اجايو ٿيو آهين. مون توکي حياتيءَ جي بادشاهي ڏني آهي، پر ساري بادشاهي وڃائين پيو ٿو، سعيو ڪجي. ڪنهن ڪم تي سعيو ڪري ٿا اُٿو، ڪم پورو ٿي ٿو اچي، سعيو هجي.

هر ڪوئي پاڻ مان راضي ٿيندو ويو:

"پاڻ پنهنجي پاڻ ۾ پيهي جن ڏٺو، ڪرمن جو چٺو ڦاڙي تن ڦٽو ڪيو"

هينئر پارس پرين ويجهو آهي تڏهن ٿو چئجي. اولياءُ مثنويءَ

وارو صاحب ٿو چوي تہ ارمان آهي اوهان جو اسان کي، جو گهر جو مالڪ پنهنجي گهر ۾ وڃائي ويهي رهيا آهيو. مالڪ، خالق، رازق رب ڪريم هر ڪنهن ڏهون آهي پر هادي ٿي هدايت ڪنهن ڪنهن سان ٿو ڪري. ڏسو تہ هدايتوند ماڻهو بہ ٿورو آهي. ڪو ڏسجي ٿو! بي خلق خدا جي گهٽي آهي، جيڪي ڪري ٿو سو پاڻ سان ٿو ڪري. وساري ٿو تہ وري پاڻ وسري ٿو. خلق کي کهڙي سڌ! اڪرئي ڪونہ ٿو اچين! زماني جا ماڻهو آهن. آئيني ۾ منهن هٽندو تہ پاڻ کي ڏسندو. ماڻهو پنهنجو آئينو ئي پاڻ ٿي آيو آهي. پاڻ ۾ نظر هجي. ڪم زماني جا حلال وَجَهہ جا نبين بہ ڪيا آهن. ڀلي ڪجن، پر رمز پاڻ ۾ لڳل هجي جو وهامندي ٿي وڃي.

زماني ۾ پياري شيءِ ڪهڙي آهي؟ جڻ ساهہ پيارو آهي! اُها پياري شيءِ تہ وڃيس پيئي گهر منجهئون:

"دم دم ڏمـــال دم کي، ڪرني نہ فـــرامـــوش"

هيءَ هڪ ساعتڙي آهي، سچي جهان ڏي پيو ٿو وڃي. توڙي سُتل آهي تہ بہ وڃي پيو ٿو. توڙي ڪٿي ويٺل آهي تہ بہ وڃي ٿو. بازار ۾ گهڙبو تہ هلندڙ ماڻهو هوندو. نيٺ بازار مان نيڪال ٿيندو. هيءَ رنگپور جي بازار آهي، انهيءَ ۾ ويٺل آهي تہ بہ وڃي پيو ٿو. جي سُتل آهي تہ بہ وڃي پيو ٿو. پر وڃڻ راهہ سان چڱو آهي. بيراهو شل نہ وڃي. پنهنجي حياتيءَ جو خير گهرجي. شل مول سلامت پهچي تہ بہ لڪ آهي. جي وڃي ماڻهو رسيو تہ بہ لڪ آهي، نہ تہ راهہ جو مرڻ ئي ڀلو آهي. بيراهي وڪ ئي چڱي ناهي. وڃيني وڃي پيو ٿو. پنهنجو وڃڻ بہ ياد ڪجي. چٽبو آهي تہ ياد ڪري نہ تہ پوءِ ياد ڪندين. اُها مهل اهڙي آهي. حلال وجهہ جا ڪم ڀلي ڪر ڪربو پر رب نہ وساربو. جيڪي ڪم ڪري ٿو سي ڇڏڻ ئي ڇڏڻ وارا. پنهنجو دشمن ئي پاڻ آهي، ٻئي جو ڏوهہ ڪونهي، جيڪي ڪري ٿو سو سڀ پاڻ سان ٿو ڪري. ليڪي لل ڪونهي. رب نہ وساربو. خيال سان رهو. ٽپهريءَ ۽ اسر جو پوئون وقت چڱو آهي. ويهي پنهنجو رب ياد ڪجي.

ريل مڙيئي ريل، پر رمز تکي آهي ريل کان. ريل جيسين کانئو متائي تيسين جي خيال ڦيراءِ ته جڻ ماڻهو ويٺو آهي بمبئيءَ. بمبئي ولايت آهي پر رڳو نهارڻو آهي، پر نهاري به. رمز پاڻ ۾ لڳل هجيس. اولياءَ انبيا سڀ پاڻ مان راضي ٿيندا ويا. هينئر ويجهو آهي، اک ٻوٽئي وٺيئون لڱنديون. هي جيڪو وجود آهي، ماٽي آهي. عقل کير آهي. مرشد سنباڻ ٿو وجهي. پوءِ ورلو ولوڙي ٿو مکڻ کڍي من مون. پوءِ معرفت ولوڙي ٿي. جڻ معرفت ۾ آيو ته الله سائينءَ هن کي ماڻهو کيو. کي سيبئي ولوڙين ٿا ڇا؟ هر گهٽ ۾ لعل آيل آهي. کنهن سنياربو کنهن نه سنياربو:

"جنين همٿ ڪئي تن حق ڏنــو، پيــا نست نادانان"

جڻ جن همٿ ۾ سعيو ۽ ادم کيو. جن همٿ ۽ سعيو ۽ ادم ڇڏي ڏنو تن کي ٻي همٿ ٿا چون. دم دم تي سعيو هجي، پر جي کم هاج ۾ ڏسو ته ڪا گهڙي وسري ٿو ته وري به ياد ڪجي. ائين ٿيندو آهي. پوَنر گل تي وهندو آهي پوءِ گل جي مشتاقي وٺي وري به اڏرندو آهي. اڏري آيو سير ڪري وري به اچي گل تي وهندو آهي. ماڻهو ڏسي ڪم هاج ۾ وسري ٿو وري جو آيو ڪم هاج لاهي، وري به نام سان هججي:

"او خاص خداوند هي، حق پاڪ خداوند هي،
گهي شرف بُوعلي، گهي ايـچند هي"

اپني آپ نون سُمجهاءِ. چوي ٿو ته پنهنجو پاڻ کي سمجهاءِ. جنهن کي سمجهه ناهي تنهن سان تعدي آهي. سمجهڻ ۾ سڄي علم جي بحر ۾ درڪار هڪ نقطه جي آهي، ٻيو جڻ ليکن ۾ پيو گهمندو، وري به انهيءَ نقطه تي ايندو تڏهن مطلب کي لهندو. سو اُهو نقطه نه ڇڏجي. جي انهيءَ نقطه سان آهي ته سڀ علم سان آهي:

"علمئون بس ڪرين وي يار، اڪ الف تينون درڪار"

درڪار هڪڙي الله جي آهي، بيو انهن ليڪن ڪان ٻج پري.
تون هل هنئين سين هوت ڏي. نئون دم نئون سعيو. جيڪي هٿ اچي سگهي. بيڪمون ماڻهو هن گهر ۾ ني نئو وٺي هتي. هيءَ ڏيساور آهي. هُن گهر جي ڪم لاءِ آيو آهي. پنهنجي گهر جيڪي ويا سي وري نہ آيا. پنهنجي گهر جي ڪم لاءِ آيو آهي. عبرتخانو آهي. هيڏي هوڏي ڏسندي، ٻڌني ڦري وينئي آهيس. پر جي موتين جو پورهيو هٿ لڳي تہ ٻيا پورهيائي ڇڏي ڏجن. اُهي سڀ دم معرفت جا موتي آهن. جن ڪي دمن جو قدر پيو، اُهي ٻنهي جهانن تي هڪ دم ني نتا ڏين. دم ٽپيو اچي ٽپيو وڃي نالي رب جي سان. جنهن مهل وسري تہ وري ياد ڪجي. يادگيرائي انهن ڪي پنهنجا تو ڏئي. جنهن ڪي پنهنجو ٿو ڪري. جا دل رب وساريو وينئي آهي. ننڊ آهي. جڻ اجان اکئي نہ پٽي اٿس. هڪڙن ڪي الله سائينءَ سنجرندي سمجهائي ڇڏيو، هڪڙن ڪي ڇمنديئي، نہ تہ بہ وهيءَ ۾ سنياري وڃڻ اُها عادت نيڪن ۽ نبين جي آهي، سو بہ انهيءَ نام جي نالي سان. اُهي دم بي بها موتي آهن معرفت جا. سواءِ نالي رب جي نہ وڃائجن. فراموشي سڀ ننڊ آهي. هيءَ پنڌ آهي مردن جو ۽ اولياون جو. هيءَ عارفبازي آهي. هي جيڪي زماني وارا آهن اُهي بہ راند ڪيڏين ٿا، پر اُها ٻاراڻي راند آهي. جڻ اِتي ڏڪر ڪيڏٿو آهي. مرداني راند اُها آهي جڻ نہ وسري نہ وسارجي. جي وسري تہ وري ياد ڪجي. بيتاري اولاد ني چڱي ناهي، تار سان هججي. چوي ٿو تہ دم دي سرت سنڀال رکو جو دم هي اسرار الاهي دا! بيدل ڪر دم دي منظوري، ٻيو پنهنجو اصل ياد ڪجي. قبر، مسڻ ۽ ٻيا بہ هن تي ڪم آهن.

چي پنڌ ساروئي ڪيچ جو اُهو تو متي آهہ،
اُهو پنهل پچاءِ جيڪو منزلان معاف ڪري.

جيڪو پاڻ تي ڪيس آهيس. واردات آهيس. اُها سنيارجي. موت ياد ڪجي. اڄ بيخوفي ملڪ ۾ گهڻي آهي. بيخوفي ڪان رب وسري ويندو آهي. خدا جو خوف ڪونهي. خدا جي خوف ڪان ڪامل بہ ڪنبدا ويا آهن:

"ڪيچي ڪهندا ويا، چوندا ويا تہ ونجو واٽ وندر جي"

چي ڪنهن راهہ سان هلجو. مرشد راهہ وٺائيندو آهي، پوءِ بہ چوندو ايندو تہ وڪ وڌائيندو آءُ. راهہ وٺائيندو آهي جو هونئن ماڻهوءَ جي عمر بيراهي تي وڃي.

ساوڻ آيا ماهہ سهيلا، تون ٻهہ مَ رُت وڃاوين،
پنهنجي مند چي ويهي نہ وڃاءِ،
جودئون جوڙا سائين والا، توڪل ٻچ رلاوين،
عشق غبار دا جوڙ کهاڙا، تڪبر ڍيان ڍاهين،
جهار دليل اتي نہ ڪوئي، چونڪي عشق چڙهاوين،
صبر دا ڏي لوڙها، ميان شاهہ باهو دم راڪا ٻلهاوين.

چوي ٿو تہ صبر ڪر جو دم اجايا نا وڃن.دم راڪا ٻلهاوين.

چي دم خبردار ڪر، پيو صبر ڪر.
جتي منزل ماڪ جي، اُتي ٻي منزل ڪائي ڪانہ،
عرض زمين آسمان جا، وڃي ڏٺا ماڪ مڪان.

صبر ڪجيئي ايتري لاءِ ٿو تہ متان دم وڃن.

ڪنهن اولياءَ صاحب کي بخار ٿيو. صدا ڪيائون تہ تَپ ٿي پيو آهي. ٻولي ٿي تہ ڪنهن طبيب کي ڏيکار. چي قبلا منهنجو طبيب بہ تون آهين، ٻولي ٿي تہ گهڻي جي ڪل سڄر هجي اُها جان تي چاڙهہ. هن ڪل چاڙهي بيماريءَ نہ ڇڏيو. وري بہ صدا ڪيائين. وري ٻولي ٿي تہ طبيب کان پُڇ. پوءِ طبيب وري اُها گهڻي جي ڪل چاڙهيس تہ تپ ڇڏي ويو. چي اُهي منهنجا موڪليل آهن. انهن طبيبن

کي رايا منهنجا پيل آهن. دوا ظاهر جي ٻلي ڪريو. رڪيل شاهه سائينءَ کي خواب ٿيو. بيمار هو پوءِ چڱو ڀلو ٿيو. خواب ٿيس ته هاڻ الله سائينءَ توکي خوش ڪيو، پر طبيبن به توسان گهڻي مهرباني ڪئي. چيائين ته قبلا! اُها اوهان جي مهرباني آهي. جي نه بابا اُها طبيبن ڪئي آهي. دوا طبيبن جي به لڳي ٿي. دوائون آهن ٿي بيمار جون. هڪ ته اُها شرعي جيڪا طبيب ڪندا آهن. جي انهيءَ مان چڙهي ته لڪ. نه ته پوءِ اڳڻ جي اڳيان خيراتڙي پيئي ٻُڪئي اُجئي ڪي ڪارائجي. اُها به دوا آهي. جي انهيءَ مان چڙهيو ته واهه نه ته پوءِ دعا دوا آهي، پر دوائون اُهي ٿي آهن. اول شرعي، نه ته پوءِ اڳڻ جي اڳيان خيراتڙي پيئي هلي بکيو اچيو ٻلي ڪائي وجي اُها به دوا آهي. نه ته پوءِ دعا دوا آهيس.

پريل شاهه سائين رحلت ڪئي. مهمان پئي آيا. آديءَ منجهند ڪان پوءِ ماٺو ڪائي ٻي سُتا آهن محسن شاهه سائينءَ چيو ته گهوڙو وٺو گهوڙو وٺو. فقير اٿيا ڏسن ته مست هڪڙو ڪاني جي گهوڙي تي چڙهيل، جيئن ٻار چڙهندا آهن، آيو. فقيرن ڪاني جو گهوڙو وٺي ٻڌو. سائين محسن شاهه حقو ورائي ڏنس. هن هڪ وزم ڪيو، ٻيو ڪيو، ٽيون ڪيو. سائين محسن شاهه تيسين اٿيا ماني آٽي ڏنائونس، اُها ورتائين. اُها ڪاڌائين. گودڙيءَ جي هڪ رلي اُها به آٽي ڏنائونس. اُها ورتائين. وري چيائين منهنجو گهوڙو ڇوڙيو. ڪاني واري گهوڙي تي چڙهندي اُهو ٿو پرواز ۾ وڃي. ويو هليو. فقيرن پڇيو سائين هيءَ ڪيئن آيو؟ چي بابي جي فاتح ڪرڻ آيو هو. فيقرن چيو ته سائين هن ته رضا خدا جي ڪئي ڪانه. سائينءَ چيو ته حقي جي وزم ۾ ڪيائين. هڪڙي وزم ۾ رضا خدا جي ڪيائين، ٻئي وزم ۾ موڪلايائين ٽئين وزم ۾ رليءَ جي گودڙي گهربائين. پوءِ گودڙي ڪٽي هليو ويو:

"سي مـــون ڏنـــا مـــاءِ، جنين ڏنـــو هو پرينءَ کي"

هينئر آخرين وقت آهي. سالڪ لنگهي ويا. جيئن راهه ڪجي وڃي باقي وڃي ڪُڏي بچي، تيئن اسين ماڻهو هينئر ڪُڏي آهيون. سالڪ لنگهي ويا. هيڏانهن اسان ڏي هڪڙو مري ويو. پوءِ قدرت حق جي سان جاڳي پيو. وهنجاريائونس سهنجاريائونس پر پوءِ جيئرو ٿيو. مون نہ ڏٺو. اسان جو هڪڙو مائٽ هو انهيءَ اُهوماڻهو ڏٺو. تنهن مونسان ڳالهہ ڪئي تہ مون پڇيو مانس تہ مري ويو هئين ڇا؟ چيائين هائو. چي يلا ڳالهہ ڪر. ڳالهہ ڪيائين تہ بيمار هوس پوءِ وڃي سخت بيمار ٿيس. سپاهي آيا چي توکي سرڪار گهرايو آهي.پوءِ مونکي وٺي هليا. وڃان تہ هڪڙي ڪچهري آهي وڏي، سي هيٺ ويٺا هئا. ڪچهريءَ جو سردار سو وري ڪٽ تي ويٺل هو. انهي جي سامهون مونکي آڻي بيهاريائون. انهي پڇيو تہ آندوَ؟ چي هائو. مون کان پڇيائون تہ مرشد اٿيئي؟ پهريائين اُهو پڇيائين. منهنجو ذڪر پڇيل هو سائين سلطان علي شاهہ صوفي تجل شريف وارن کان. پر مون ذڪر خيال ڪمايو ڪونہ هو، دل ۾ چوندو هوس تہ هاڻ مرشد وارو ٿيو آهيان. ائين دل ۾ سمجهندو هوس. هن پڇيو تہ مرشد اٿيئي؟ تہ مون چيو تہ هائو! مرشد منهنجو آهي. چي ڪير آهي؟ مون چيو سائين سلطان علي شاهہ صوفي. ڪو مونسان گڏ بيٺو هو. ائين ڪٺي مونکي ٻانهن کان ورتائين. پوءِ هن ڏي نهاري سائينجن چيو تہ هن جي اڃان مهلت آهي. اوهين حياتيءَ وارو دفتر تہ ڪٺي اچو. هُو هڪڙو وڏو ڪتاب ڪٺي آيا. ڪتاب ڏسي هنن چيو تہ هائو برابر مهلت اڃا آهي. پوءِ چي ڇڏي ڏنائون. پوءِ چي ڇڏي ڏنائون. پوءِ ڪفن ۾ عضوا چوريم، پوءِ جاڳي پيس. پوءِ ڪي ڏينهن جيئرو هو. سو ٻچو مرشد وارا تہ آهيو. بي گُرا تہ نہ آهيو! مرشد گروءَ وارا آهيو. بي گرو ماڻهو

شل صبح جو بہ سامهون نہ اچي تہ چگو آهي. صوفي رهبر وننڌا آهن. قلندرن غوثن سيني سونهان هتان ساڻ ڪنيان. اُهي قلندر غوث سڀ رهبرن وارا آهن. ڪي بي گرا ڪين آهن. سيني سونهان هتان ساڻ ڪنيان. سونهين جي وڏي درڪار آهي:

"هرگز هردي حاضر ناظر جتي اَمڙ نکو اَبو"

خبر اَٿوَ تہ پهرين رات اُتي پوٽي آهي جتي اَمڙ نکو اَبو!:

"ٻيون سيئي ٻن ڏيو هڪ نام صاحب جپو"

ٻيون ڳالهيون چي ٻن ڏيو:

هيڏي سج لهي هوڏي اُيري، انهي وچ ۾ هڪ دم بہ خالي نہ وڃي:

"مفتي منجھ وهاءِ تہ لهيني ڪاڻ قاضيءَ جي"

پڇاڻوني لهي وڃيني. هي جو ڳالهائجي ٿو، ڪو ماڻهو ٿو ڳالهائي ڇا! اُهو خيال ٿو ڳالهائي. نہ ٻئي ڪي خيال ڏجي. چي:

ساهيون ساهيون ٻڌ، سوريتڻ وڏو سندرو،
ڪيچ آڳاهون پند، متان ڇپر ۾ ڇڙي پوي.

اُهو سندرو ٻڌڻو آهي. رڳو چوي ٿو تہ سندرو تہ ٻڌ، پند اڃان پري ٿيو:

"اَڻچوندن ۾ چوَ، چوندن چيو وسار"

گنبذ تان گولي ڪٽي ڇڏ تہ نڪاءُ وڃي هيٺ ڪندي. ڳالهہ ڪٽي ڪر تہ اها دل تان ڪري پيئي. وري بي ڳالهہ ڪر تہ اُها دل تان ڪري پئي. ڳالهہ ئي وسري ويئي ڳالهہ ڪري وري پڇين تہ اُها ڳالهہ ياد اٿوَ؟ چي الاجي تو ڇا چيو! ڪنهن ڪنهن ڪي ڪل پيئي آهي پر اُهو بہ صبر ۾ رهي تہ چگو آهي. چي:

"سموري سرڪار مينگها ملنديءَ ماڻ ۾"

هو اولياءُ صاحب ٿو چوي تہ صبر دا ڏي لوڙها ميان شاهہ باهو، دم راڪا ٻلهاوين. چي صبر ڪري ويهي دم هلاءِ.

جنجي دل ۾ انئي پهر الله آهي اُهي ماڻهو بي فيضا نہ ڇٻا. ماڻهو هن جهان ۾ آيو آهي ڪنهن فيض جي لاءِ. سو پنهنجو الله نہ وساريو. اُهي ڳالهيون سايبان آهن. جيڪي ڳالهيون سايبان آهن سي سايبان سمجهجن. انن پهرن ۾ من ڪو دم هٿ اچي. ماڻهو اهڙو بہ نہ آهي. چاڻجي تہ اهڙي بہ نہ هيس:

"سدائين نہ هوندا ساهہ سان، اهي ميلاڻي جا مينهن"

سدائين بہ هيئن هجبو ڇا؟ ڪو سدائين انهن آکين ۾ ويهبو ڇا؟ ٻچو ماڻهو وڃڻ وارو آهي. اُهو ويهي پنهنجو خيال ٻين ڪي ڏئي اُهو چڱو آهي ڇا؟ هر ڪوئي خيال سان رهي. خيال خدائيءَ ڪي ختم ڪري پوءِ ٿو ماڻهو ڳالهائي. ڳالهائجي پلي پر جيترو جڳائي. سچو وقت ڳالهائڻ ۾ ڇا آهي؟ اُها هڪڙي پونڪ آهي اجائي، سواءِ رب جي. جنهن جو دم تپيل آهي نالي رب جي سان، اُهو هرڪو پاڻ ڏانهن خيال سان رهي. ماڻهو ڏسي تہ اُهوئي نهو پنڌ آهي. خلق خدا جي ڏسي ويهي رهيا آهيون. پاڻ ۾ وهو تہ وري ويهي خدائي ڳالهيون ڪريو. هڪڙي ڏني دعوت، لچي بہ ساڻ هئي. ٻار ٻچا هن جا اچي وينا. مون ويهي صحبت ڪئي. پاڻ ۾ پيون چون تہ اَدو فقير سائين ڇا ٿو چوي؟ جڻ خبرئي ڪانهي انهي طرف جي! هر ڪنهن جي آئي خبر پوندي. ماڻهو زماني ۾ وڃائجي ويا آهن.

اَمر مججي. چوي ٿو تہ ذڪر ڪريو. پر ذڪر ائين ڪريو جو وجود وسري وڃي. نام جوڳرو ٻج آهي. تڪڙ نہ ڪجي، درجي بدرجي سمائبو اچي. اجان بہ جيئڻ ٿورو آهي پنڌ گهڻو آهي:

"پرين چونئي پچ، تون آگ اوڏوئي نہ اچين!"

عشق آتشبازي آهي. سسئي پنهون اهي جي ڳايا اٿن اها اڙ
ڪئي اٿن. ڳالهہ مڙيائي پنهنجي ٿا ڪن. بندوق جا توبچي هٽندو تہ اڙ
ٿاهي هٽندو. اهي اڙون ناهيون اٿن. ڳالهہ رڳو پنهنجي ٿا ڪن. ذڪر
سان سڀ شيءِ آهي. هي وڻ بہ ذڪر سان آهن. ماڻهو ڪونہ هوندو
هو، پوءِ ڪنڌل ڪان پڇندو هوس تہ وڻن ۾ ذڪر ٻڌين ٿي؟ چي هائو
سائين وڻ سڀ ذڪر پيا ٿا ڪن. جا شيءِ ذائقو موت جو ڏسي ٿي،
سڀ شيءِ ڪي دوست دل ۾ ياد آهي. چوي ٿو تہ تنهنجن سيني ڪمن
جي جوابداري مونتي آهي تون هونئن ئي اچي اجايو ٽيو آهين. گڏهہ
ڪي ڪٽي پٽ پهراءِ تہ ڪرندو ڪيريءَ وچ.

هي هي جي نہ هوءِ، تہ جيڪر جيءُ جلي وڃي
سراڻ مٿي سيد چئي، ڪري رُڪ رئي،
سندي درد دئي، ٿي هي هي سان هيٺ ٿئي.

پرسو بہ لڳل هونديس تہ هي هي بہ هونديس. جنهن دل ۾
هي هي ناهي اُها دل آباد بہ نہ آهي. جنهن ڪي لڳل ناهي تہ لائي
ڏسي. چڻ ڳالهہ دل سان لائجي سچو ڪيس مٿي تي آهيس اُها
خبرئي ڪانهيس. جيسو فقير ماڙيچو هو. مون پڇيو جيسي ڪان تہ
جيسا مئو آهين؟ چي هائو سائين مئو آهيان. جنهن مهل ڪٽي
اُٿي هليا تنهن مهل رُنائون ڏاڍو. مئل ماڻهو ٻچو ڳالهاءَ ٻڌي تو
پر زبان بند اٿس.

نڪي ويهہ ينيور ۾، نڪي هاڙهي هل،
ڪوڙ بہ ڳالهاءِ ڪين ڪي، سچي ساک ۾ سل.

چڻ جيڪو اسرار راز ورا ڏسن ٿا، اُها ڳالهہ نہ ڪر. سچي
ڳالهہ اُها آهي:

"بلاشاهہ دي ڳل جهيڙا اپنا بيگانہ"

وري بہ پنهنجي عادتن سان لڙائي ڪرڻي اٿس. عادت عضوو آهي. عادتن پنهنجين سان لڙائي آهي. لونءَ لونءَ ۾ ساهہ هلي ٿو. جي ذڪر سان آهي تہ لونءَ لونءَ ۾ ذڪر هلي ٿو. لونءَ لونءَ رب گهري تہ اُهو پلو آهي. رب ياد ڪريو تہ هلو. رب ياد ڪجي. پيا پنهنجا مسڻ قبر سڀ جوابداريون هنن تي آهن. رب ياد ڪري، اُهي سڀ مٿي تي اٿس. واندو نہ رهجي. اڪ صورت ۾ لڳل هوئي. جنئين نندو ٻار هجي، نندو ٻار مائٽ جي پويان هلندو آهي. هي بہ اولاد آهي نہ! سونهون نظر مان نہ ڪڍجي. ڇاڻ ماڻهو هيڪلو ٿيو.

ويهي ڪين وڃاءِ، توکي هلڻو پوندو هوت ڏي،
توکي ننڊ نياڳ جي، ناحق ڏينهن نہ لاهہ،
پنڌ ساروئي ڪيچ جو، تو مٿي آهي،
اهو پنهل پڇاءِ، جيڪو منزلان معاف ڪري.

رمز وارو گهوڙوئي وٺندو آهي. رمز چنبو آهي تور ڪي. جي رمز نہ هوندي تہ رڳي ڏک هلندو، ڦقڙئي چني ڇڏيندو. رمز کان سواءِ زمانو رڳو ڏگ آهي، پيو چاهي!

پر بيابان انهيءَ ملڪ کي چنبو آهي جتي ڪوڪنهن جو ساٿي ڪونهي. ڪنهن سنياريو ڪنهن نہ سنياريو. جنهن کي الله سائين پنهنجو ٿوڪري تنهن کي يادگيرائي پنهنجا پيو ڏيندو. ڇاڻ تہ الله سائينءَ هن کي پنهنجو ڪيو آهي. پر سڀ شيءِ تعليم گهرندي آهي. جيئن هيءَ علم ظاهر وارو تعليم گهرندو آهي تيئن هو علم بہ تعليم ٿو گهري:

"علم حق در علم صوفي گم شود، اين سخن کي باور مردم شود"

يعني علم حق جو وجي علم صوفيءَ جي ۾ گم ٿو ٿئي، انهيءَ ڳالهہ تي ويساهہ ڪندو، جيڪو مرد هوندو. صوفيءَ جو علم

رڳو ذات حق جي آهي. صفات پاڻيهي ذات سان اچي گڏبي. جيئن هتي ماڻهوءَ کي پٽ ڄائو، تيئن هن طرف وري مرد ٿي آيو. مرد به هتان ٿي هلي. اصل هيءُ لڪ اهڙو آهي جو هتان ٺهي جڙي هلي اُهو پلو آهي. اُهو اڳيان وٺي ٿو. جنهن کي رب جو نالو وٺي ٿو اُهو پاڻ رب کي وٺي ٿو:

"هت سچل سنياريا هت آهه سنيار سچل جي"

اول هت سچل سنيارپو. نه هيءُ اول سنياري نه!

جيڪا ڳالهه الله سائينءَ وس ۾ ڪري ڏني آهي انهيءَ ۾ نه گهٽائجي. ڇڻ آدم ۽ سعيو وس ۾ ڪري ڏنو اٿس:

"يڳت ڪرو يڳوان پڇانو، آپ ۾ ڍونڍو پائو ري"

هيءُ اوهان جو ملڪ ٿڌو آهي. رڳو رب گهڻ جهڙو آهي. ٿڌو ملڪ آهي. اسان جي ملڪ ۾ گرمي گهڻي. گهوڙا مئا پکي ڪانوَ به مري ويا. ڪتي ماڻهو به مئا. هيءُ ملڪ ويهي الله گهڻ جهڙو آهي.

محبت ميريائي نه رهي، تون عشق ڪڙولو ڏيج،
فڪر سان فقير ڇني، هنيئن منجهه هٽيج،
اندر اوجاريج، ته ڪٿ نه ڇڙهيس ڪڏهين.

رب جي طلب رکجي، پوءِ بهشت دوزخ سڀ انهي جي وس آهي ماڻهو لاري لڳل هجي. ماڻهو ماڻهوءَ جي لاري لڳي ٿو ته ماڻهو ڪيتري ٿو ڪري انهيءَ جي. پر جي ڪو رب جي لاري لڳي ته رب هنجي ڪندوئي ڪانه ڇا؟ ڦري نگهبان ٿو ٿئيس جيڪو سندس لاري ٿو لڳي. پوءِ:

"سي ڪيئن اجهامن مچ جن جا سنيالينڊڙ سپرين!"
جن جو نگهبان رب ٿو ٿئي اُهي مچ ڪيئن اجهامن!:
"ملي ته ملندياس، نه ته به گهوري جند جتن تان"

ملیو تہ لک آهي نہ تہ بہ قرباني ۾ تہ آيو. قرباني جون ککڙيون ئي قبول کري ٿو. ڀُلي ڀُلي ياڻ آئي سا بہ نہ ڀلي چئبي. هيءَ گهنٽي جيکا دم جي لڳي پيئي ٿي، اُها چڙهائي آهي. ٽائيم پريو ٿي وجيس:

"دوجگ اپنا جوئي گنواوي سوئي منسب پاوينگا"

ٻنهي جهانن ۾ هن جو چاهي؟ ٻنهي جهانن ۾ هن جو کم رڳو رب سان آهي. ٻئي جهان ڀلي جيکي گهرن انهن کي ڏي. رڳو سندس راض کپي، من سجائي!

"جيکو دم قدم نہ چاٽي، نال تنهيندي کم کيها"

تنهن سان کهڙو کم جيکو پنهنجو دم ئي نٿو سڃاڻي. جن کي ساهہ کنئين سڏ نہ پوي تن سان سُور ويهي کهڙو سلجي! انهن جو وري کهڙيون ڳالهيون کجن! اجايو ڳالهائڻ آهي. جن کي پنهنجي ساهہ جي ئي خبر کانهي، جن کي پنهنجي دمن جي خبر کانهي.

دم درياهہ سمونديں اونهان، بي مثل هي بينمونا،
موج اهيندي ظاهر باطونا، قطرا بحر سمائيندا
دم دي سرت سنيال رکو، دم هي اسرار الاهي دا.
"چرخو چوريو ڙي جيڏيونن، ايندوَ کم کتڻ"

چئي ٿو تہ اُهو چرخو چوريو. پوءِ کتڻ ڏانءَ نہ اچي تہ رنڊيا روڙجن، تہ بہ تار سان رهي. تار چني نہ، ڀلي ڳنڍيل هوئي يکي. کتڻ ڏانءَ نہ اچي تہ رنڊيا روڙجن.

محبت وجهي من ۾ رنڊيا روڙيا جن،
تن جو صرافن اڻتوريو اگهايو.
کتي وتي جن ست ساراهيو پانهنجو،

تن جـو صـرافن دکو داخل نہ کيـو.

سپ گهٽ ۾ لعل آيل آهي. ٻوڙي ٻوڙي ۾ شينهن آهي. ڇوي ٿو تہ مون توکي حياتيءَ جي بادشاهي ڏني آهي. پنهنجي بادشاهي پيو ٿـو وڃائين. پر حياتي ساري پيو ٿو وڃائين! ڪوڙي بات ڪوڙو بيان آهي:

"ڪيئن نہ وڃان ٿيان ڪوڙي، ٻول ٻڌاهئم ور سان ويهي"

اهي عثمان سهٽي جون ڳالهيون:

"پاڙيچن نہ پروڙي، ٻڌا هئم ور ســـان ويهي"

اُهو اقرار هرڪوئي ڪري آيو آهي. توڙي ماءُ جي پيٽ ۾ بہ دانهان ڪيائين تہ اُبتو تنگيل آهيان ڪڍ هن اُبتي تنگڙ مان، هن انڌاريءَ ڪوٺيءَ مان. ڇي تون ڪهڙو ڪم ڪندين وڃي؟ ڇي مان وڃي تنهنجو يادگيرو ڪندس. هيءَ تہ عبرتخانو آهي، مُنهن ڪڍڻ سان ڦري ويو! ڪنهن ڪنهن کي ڪل پيئي وڃي. ڪنهن ڪنهن کي الله سائينءَ راهہ سان لاتو وڃي. ڇي:

"اُتـون آيون قـول ڪر، اِتـان ٻيـئين وسـار"

هيءَ بہ اُهائي ڳالهہ ٿو ڪري تہ:

"ڪيئن نہ وڃان ٿيان ڪوڙي، ٻول ٻڌا هئم ور ساڻ ويهي"

اسر جو جيڪو اُٿي اُهو سيني ڪان اڳي سمهي رهي، ڇو جو ٻين کي اُٿڻو ناهي. هن کي تہ اُٿڻو آهي. مسافريءَ ۾ هوندا هئا سون سـائينءَ سان. پوءِ مـاٺهو ٻئي ٻئي ٻڪريون ڪهندا هئـا جو خلق سائينجن سان گهٽي هلندي هئي. رات جو پاڻ گرهہ ڪو ڪاڏائون تہ واهہ نہ تہ ڪير ڏُک ٻي سمهي رهندا هئا. ٻوڙ پلاهہ پيا پيا ڪائيندا هئا. پاڻ سويلئي سمهي رهندا هئا. هلندڙ شيءَ سپ جيئري آهي. رات بہ ڳالهائي ٿي پر ننڊ وارن سان. هن جو هل پيو ٿو پوي ننڊ وارن سان.

چوي ٿي حيف هجنوَ مون وهامندي ٿي وڃان اوهين سمهي ننڊان ٿا
ڪريو! جي تڪا نٿا هلو ته به راهه سان رڙهندا هلو. جيڪي دم آهن،
بيراها نه وڃايو. ڪنهن راهه سان هلايو. جڏهن سڀ دم ماڻهو ڏيئي
بيٺو تڏهن ساهه ڪڍڻ لاءِ پيو سڪندو. لک ڪروڙ قربان ڪندو ته به
هڪ دم نه ملندس. اُهي اهڙا دمَ آهن جو لکن ڪروڙن ۾ به هڪ نٿو
ملي. اُهي ٿو زيان ڪري ماڻهو. رڳو زيان خور به نه ٿجي. زيان ئي زيان
پيو ٿو ڪري ته زيانخور چئبو نه! اولياءُ هجي ڪامل ان کي ٻي جهان
ڏيو تــه تــون هڪ دم ڏي، هــو نـــه ڏيندو جو هن جو دم الله جي
نام ساڻ آهي. جنين سڃاتو سي هڪ دم ئي نٿا ڏين ٻنهي جهانن
تي. پوءِ اُهي دم ٿا وڃائجن پيا جو ٻنهي جهانن تي به هڪ نه ڏجي!
دم ٽپيو اچي ٽپيو وڃي. ڪم هاج ۾، اُٿڻ ويهڻ ۾، کائڻ پيئڻ ۾
دم سان هججي. پريت رکجي، دم سان دوستي رکي. پر بيخوفائي
آهي. اڄ خدا جو خوف ماڻهن ۾ ڪونهي. بيخوفي خلق تنهن ۾ خدا
جوخوف ئي ڪونهي. منزل جي خبرئي ڪانهي ڇي:

جــهـازيـتيــمـن جــو. اچي پاڻيءَ ۾ پرتوءِ،

بندرجي ڀِـيءَ تي، اچي هادي هٿ ڏجــــو.

"ڪيچي ڪهندا ويا، ڇوندا ويا ته ونجو وات وندرجي"

ڄڻ راهه ونجو اُها جيــڪا سنئين ٿي اچي. اُها راهه رب
وڻرائي جيڪا سنئين وات ٿي وڃي پنهنجي رب ڏي. اُها وات چڱي
آهي. ڪنهن کي رڳو بيراهو چئو ته ڪاوڙجي پوندو. جي بيراها مات
ڪر ءِ هجي به بيراهو چئو ته ڪاوڙجي پوندو، ڪنهن کي ڪٽي چَو ته
ڪين ٿيو آهين تـــه بـه ڪـــاوڙجي پوندو. ڪين ۾ وري موتي اهڙا آهن
جو شاهه سڪندر وٽ به نه هئا ايترا. ڪين نٿو ٿئي، ڇاٽي ٿو ته مان
پي آهيان!

مين ماريا ڪاپڙي، مين نہ ماريائون،
چاريءَ جو چيو ڪري، وڳ نہ واريائون،
تنهانپوءِ ساريائون، جڏهن هاڃي جو هل ٿيو.

پوءِ وڃي ڳالهہ ڪي سنياربائون. پڇارئي ڪانهي. بيخوفي خلق، پوءِ انهن کي ڇا ڪبو!

موت نہ ڀانئيو مومنون، هيءَ اتو بندر جي بهي،
ڪپر تو ڪن ڪري، جيئن ماتيءَ منجهہ مهي،
ايڏو سور سهي، اوهين ننڊ نہ ڪريو ناڪنان.

ننڊ جي اهڙي منع تا ڪن! هل بہ نٿا ڀڏو رات جو! اُهو گم آهي ماٺهو ننڊ ۾:

"گم ٿيوين وچ ذات، تڏهان صفات سڃاتين"
وحدت وادي وچ لڙهہ جاوين، قطرا قلزم نال رلاوين،
فرق ڳيا فرقات، رليا پاڻي دي وچ پاڻي

پاڻي پاڻيءَ ۾ گهٽو ٿيندو تہ ڀڏندو نہ جڻ هي وڃڻ وارو آهي. مسافر جيئن هجي.

"موت موڙئون نہ رهي، نيت نباهي نيندو"

هڪڙن سان موت صلح تو ڪري. اولياءَ عبدالرحيم گروهڙي صاحب چيو آهي:

ازل اوري آءَ، تو ڪي سارِيان منجهہ سرير،
تہ لهي مون متان، سندو بار متيءَ جو.
عاشق ازل سامهان، تا وجن واڪيندا،
ازل ڏجي توانهن ۾، ڪري واري صلح وار
موت متانئن ناهہ ڪو، مگر لاڏاٿا.

جيڪي مرڻ کان اڳي مئا تہ هوءَ مري چڪا. پوءِ جيئن ڀاڳيو ماٺهو هجي، هتئون واندي پٺي وري هن پاسي وڃهي جتي گهٽو ويءَ

هجي. هن جو هلڻ ني ائين آهي. اولياءَ جيڪي مرڻ کان اڳي هئا انهن تي وري ڪو ٻيهر موت ايندو آهي ڇا! لکپڙهه ۾ اچي ويئي آهي ته مرڻ کان اڳي مري آءُ. پوءِ جيڪي آبروءَ وارا هئا اُهي پنڌ پيا:

"گم هوکي ويک نظارا، پيرمغان ايوين فرمايا، وحدت والا راهه بتايا"

مرشدَ ٻه راهه وحدت جي ونرائي. ڪنهن سنياريو ڪنهن نه سنياريو. پر هھڙي مهل ۾ هھڙو لک نه ڏسي سگهندو. اجا ٻه لک لنگهڻا آهن. تڏهن ئا چون ته:

"لکن جا لوڏا، شل ثاب پوئني سسئي"

ڏس يلي پر ڏسڻ مٿون ڏس. جيڪي مرشد جي اک سان ڏسندو سو پنهنجيءَ اک سان نه ڏسي سگهندو ۾ مرشد سايان طالب وٽ وينو آهي. مرشد سِرُ آهي، طالب ڪرسي آهي. سِرُ ڇڻ مرشد جو اچي وينو آهي. ياد ڪريو نه ته پوءِ ياد ڪندوَ. نه ربس ڪجي ڪنهن سان. جن کي مليل آهي انهن کي سعيو ڪپي. هرڪوئي مرشد وارو آهي. جيڪا شيءِ مرشد ڏني آهي، ان جي ڏني کي، سِرَ ڏني ٻه نه پڄي سگهي. سِرُ ته ويو ڪاني ڪاڻ ۾ هو اجان کي پيو ئا گهرن. ڇي:

"متو منجھ ڪينڪان، اڄا پيا ڏاڻ ڏيندو سانءِ منگتا

ڇي: گھرجيڪي گھرڻو هجيني، مڙ نه مگڻهار،

تنهنجي تار آئي، لائي جيءِ سان جنگ تو،

من موهيو تو، دل موهي تو.

دليون موهيون وينيون آهن زماني ۾. هُن پاسي ٻه دل جڏهن موهجي ئي ته طرف ني انهيءَ وجي پيو ئو. زمانو آخر فنا ڏئائين. ڪم ڪندا وتو، ته ٻه معنيٰ سان رهو. جيڪومعنيٰ ني نه سمجهي انهيءَ سان ڪم ڪيهو! معنيٰ ني پنهنجي سمجهي. پاڻ ني ڪتاب

آهي. پر جي ڪتاب ۾ ٻه مُنهن هٽبو ته جيڪو سو ڏسڻ ۾ ايندو. ڪتاب ۾ مُنهن هٽي ته ڏسي.

الف سندي اوڻ، هاري وڃـهـ هنئين تي،
ڪتـابن ڪوڙ منجـهـائين مـعلوم ٿـئي.

اڪـر پڙهه الف جـو، ٻيـا ورق مـڙيئي وار،
اندر ڪـٽي اوجـار، پنا پڙهندين ڪيـتـرا!

علم مان ماڻهو گهٽو واقف هجي پر جي پاڻ ڏانهن بيخبر آهي ته جاهل آهي. علم جيڪي آهيس، پاڻ ۾ پاڻئي جيئرو ڪتاب آهي. سامي ٿو چوي:

پاڻ پنهنجي پاڻ ۾، پيـهـي جن ڏٺـو،
ڪرمن جو چٽـو، ڦـاڙي تن ڦـٽو ڪيو.

هي بدن ماٽي آهي، خاڪ جي مٽ. عقل منجهس ڪير آهي. مرشد منجهس سنياڻ ٿو وجهي. ڪير ڪير ۾ نه ڄمي پر سنباڻ جي لپ هر ڪنهن لاءِ آهي. اُها لسي چو ٿي ڄماني؟ جو هن جي لونءِ لونءِ ماريل آهي محبت جي مانڌاڻيءَ سان. تڏهن ٿي ڄمائي. سامي ٿو چوي:

ورلو ولوڙي، تـو مکڻ ڪڍي من مـنـون،
وجهي مانڌاڻي مـحبت جي، تو تر تنيو ڪوڙي
ڏسيو تو منهن موڙي، پنهنجو ويري پاڻ ڏهون.

پر پاڻ ڏانهن پاڻيهي ٿو بيخبر ٿئي.

پاڻ پـنهنجي پاڻ ۾، جن پسيـو نه پيـهي،
صاحبڏنا صـورت جي، ڪل تنين ڪيـهي،
تنين ڪـان ويئي، چپ چـتـينـدي راتڙي.

راتيون جي جاڳن، آءُ سيئي ڪنديس سيڻ،
تنين سندا نيڻ، اوجاڳي اوجاريا.

ساريون راتيون سمهين، پيو تو ليتين لڏ
توڙي مرين اڃ، ته کهڙو تورو سڄڻين!
ستو پيو آهين سير ۾، متو ڪوڙيو مڇ،
تنهنجي ڪارڻ رڇ، گهاتين رات گهڙائيا.

ستو پيو آهين سير ۾، متو ڪوڙيو مڇ،
تو جا پاڻين اڃ، تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.

اُهي سڀ وصف انساني صورت ۾ آهن. هيڏي هوڏي ڇا ڏسندو!

عاشق ٻڪرا، معشوق ڪاسائي،
ذبح ڪريندا ڪونَ،
آڪي اهو هم نهين، تم هويا،
ڳجهي رمز چليندا ڪونَ،
ڏو ڏو ڏ ڏڙي مچائي،
رام ٻوليندا ڪونَ،
آڪي اهو هم نهين، تم هويا،
ڳجهي رمز چليندا ڪونَ

جيڪي ٻه وصف، سڀ پاڻ اٿس. پر ڏيهه ئي ماڻهوءَ ڪي ڏيهه آهي. پنهنجي ڏيهه ڏي پلي ڪري وڃي، پر اڪين سان وڃي.

اڪ مڙيوئي ادب جي ڏاري. بي ادب آسماني رسيدو ٿيندو آهي ڇا؟ آسمان پاڪ جايون آهن. ملائڪ پاڪ جاين تي رهندڙ آهن. اڪين ڪي ادب سيکاريانون:

"نچ ناچوئڙا اٿيني ويل نچڻ جي، پوءِ نہ ايندويءِ وار يار"
ڦھڙي مھل وري نہ ايندي.

سج لھي سانجھي ٿي، پکين کوڙيا پک،
ڪنين ماڻڪ موتي ميڙيا، ڪنين ميڙيا ڪک.

ساموندي ھوندو سڙھ کي ڇڪيندو:

"لوڪ لھوارو وھي، ھليا عاشق اوڀارا"

ھي بدن جھاز آھي. دل قبل نما آھي. اک لاڪٿون آھي. سيني وصفن سان آھي. جيڪي ٻي وصف آھن سيني سان آھي، پر سڃاڻي پاڻ کي. پر جيڪي مرشد جي اک سان سڃاڻي سگھندو، سو پنھنجي ھٿن اکين سان نہ سڃاڻندو، ڇو جو ھي صفات ۾ قائل آھن، ھوءَ ذات ظھورو ڪيو آھي صفات ۾. تيئن انھي بدن ۾ صفات آھي، انھيءَ ۾ ذات ظھورو ٿي ڪري. جھڙي ھتي اونڌھ آھي تھڙي اونڌھ ماٺھوءَ کي پنھنجي اندر ۾ بہ آھي. پوءِ اونڌھ ۾ نہ دوست جي خبر نہ دشمن جي خبر. اونڌھ ۾ ڪھڙي خبر پوندي دوست دشمن جي؟ ماڻھو سوجھري ۾ اچي. مرشد تہ ھر ڪنھن ورتو پر ھڪڙن مرشد ڏينھن جو ڏنو، ھڪڙن چڻ رات جو ڏنو. مرشد اُھوئي. پوءِ ڪيڏانھن ڏينھن جو ڏسڻ ڪيڏانھن رات جو ڏسڻ!

ماڻھو ٻچو سيني وصفن سان آھي. اُھوڪتاب آھي جيئرو. انھي ڪتاب تان ٻيا ڪتاب اُترن ٿا، ٻيو جھنگ مان ڪونہ ٿا اُٿين. اُھوڪتاب ناھيل ڪنھن جو آھي؟ علم ڪنھن جو آيل آھي انھيءَ ۾؟:

"گر نہ بودي ذات حق اندر وجود، آب گل راڪي ڪنڌُ ملڪ سجود"

چوي ٿو تہ آدم جي وجود ۾ جيڪڏھن ذات حق جي نہ ھجي ھا تہ پاڻيءَ ۽ مٽيءَ کي ملائڪ ڪيئن سجدو ڏين ھا! اُھا رقم آيل آھيس جھڳي ۾. ٻاھر ماڻھو ڪاڏي ويندو؟ ڪو جتي ھٽ ۾

ڪري الله ڳوليندو!:

"بندا بيــــراڳي ڪر ڪا وطن ورڻ جي،
وطن جن وســاريو حـــيف تنين کي هوءِ"

ماٺهو وطــن کان بيوطن آهي. تانگهه ٿي وطن جي ڇڏي ڏني اٿس.

وطن ڪنون بيوطن ٿيلسون، تت ڳئي تانگهه وطن دي،
قسم حسن دي
ديس ڪنون پرديس ٿياسون، ڪل پٿيسون دشمن دي،
قسم حسن دي
باغــان دي وچ ٻوٽي ڪومــائي، گل چـــمن دي،
قسم حسن دي

هي جهان باغ آهي. گل چمن اها دل ملول ٿي آهي. چمن جي مٿان گل بينو آهي زنبق جو. ڳالهه رڳي پنهنجي آهي، انهيءَ صورت جي. ڪتابن جون ڳالهيون ٻڌندو ٻين جون، سو سڪندو؟ پاڻ کي سمجهائجي:

"اپني آپ نون سـمجهاءِ، ٻنهان دي نال تيڏا ڪيـا"

ماڻهو پاڻ کي ئي نه سمجهي سگهيو وري ڪتاب ڪڍيو وبنو آهي!

نه مـون لکڻ لکيـو، نه مـون پڙهيـو ڪتـاب،
تو در ســالڪن جـو ســدائين آهي ســوال،
پيــو نه منگان مـال، تــو منگان مـهـر تنهنجي.

ڇي توکان رحم ٿا گهرون. هو بخشيشن جو صاحب آهي. ماڻهوءَ ڇا ماءُ جي پيٽان آندو آهي؟ لٽا، ڪپڙا، مانيءَ ٽڪرڙا پيو ڪارائي پيئاري. وري هلڻ وقت تپڙ ايترو ڪٽندو جيترو ماءُ جي پيٽان آندائين، ته مهمان آهي، ماڻهو واٽا واهو آهي، هليو ويندو. ڪير ورائيندس؟ جنهن مهل اک ٻوٽي، ڪو ورائي ايندس ڪير؟

ڪَڏهن ڪڏهن اهين بيخودي وچ آوندي هون،
چوڙ اناسر چارئي، خود صاحب سڏاوندي هون،
يار جڏان ول آوندا، غير نہ سماوندا،
هڪو هڪ تہ هئو هويا، ڏوجها راهہ نا پچاوندي هون
خيما ڪيتہ خاڪ دا، چاڪ ڪيتہ چاڪ دا،
واہ اها وحدت والي، سانون نال چا اڏاوندي هون.

اها وحدت واري هوا، ڪٿنديس ئي اها.

وحدت دي درياهہ اچليا، سر رهيا نہ پير،
اب تہ هم گم هويا، بي هي پريم نگر ڪا سير،
وچ درياهہ دي ڪشتي ترندي، ويڪو رنگاپور دي شهر،
طرح طرح اسين لات الاوندي، ڪوهين سر چاڙهائي هون،
اسان رنگپور ويکڻ آئي هون.

چوي ٿو تہ تون وچي ڏس، منهنجي ڪهڙي قدرت نٿو مڃين! هيءَ سڀ قدرت انهيءَ جي آهي. هيءَ جيڪا ٻولي ٿو ڪري اُها قدرت بہ انهيءَ جي آهي. هن ڪي هنر ڪنهن سيکاريو؟ :

"آپ ڪري ڪل ڪام، اوران هنر بتاوينگا"

ڪم ڪندڙئي پاڻ آهي. ٻين ڪي هنر پيو ڏسي. رب سالڪ آهي. رب ڏاهو آهي:

"جنين وساريو نام تن پت وڃائي پانهنجي"
چڏ تسبيح توڙ تماشا، تون پيئي گهيڙ عشق جي ۾ گهڙ،
مرڻو اٿيئي تہ اڄ مر، نہ تہ سياڻ سيڪائي مرندي.

چي "جوڳي مرڻ نهين جي مر ڄاڻين، ڄاڻ اهو ڄاڻين تہ مرڻ نهين جي مر ڄاڻين"

چوي ٿو تہ مرڻ بہ ناهي.

☆☆☆

☆☆